مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟

جي ايم سيد

مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟

جي ايم سيد

قيمت : ديھ رپيا

. Printed by Din Muhammad Mistri Chhatan Lakho at the Alwahid Electric Printing Press, Bellasis Street, Karachi.
and
Published by G.M. Sayed, 26, Hyder Manzil, Muslim Colony, Karachi.

ديباچو

پاڪستان قائم ٿئي ٻه ڏري گهٽ اٺ سال ختم ٿي ويا آهن، مگر پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي اجا تائين پنهنجو ڪم پورو نه ڪري سگهي آهي. هڪ آئين ساز اسيمبلي ختم ڪري ٻي قائم ڪئي ويئي، جنهن وهندي شرط الهندي پاڪستان جي سيني صوبن جي وجود کي ختم ڪري، پنجاب سان گڏي، انکي ون يونٽ جو نالو ڏنو آهي، ۽ ١٤-آڪٽوبر ١٩٥٥ع کان انکي عمل ۾ به آندو ويو. اسيمبليءَ جي ميمبرن جي گذريل اٺن سالن جي ڪارگذاري، مسلم ليگ وزارتن جا ڪارناما، سنڌ جي وڏيرن جي سياست جون لاهپون چاڙهيون ۽ انجي موجوده حالت، اهي سڀ اسان جي اکين اڳيان آهن. اسانکي بخوبي خبر آهي ته جنهن ملڪ ۾، انگريزي سلطنت شاهي جي غلاميءَ جي اثر هيٺ ملڪي سياست کي پيچاڻ ۽ مصنوعي آئيني ماحول ۾ محدود ڪيو ويو هجي، جنهن ملڪ جو مجلسي نظام غير مساوي طبقاتي بنيادن تي ٻڌل هجي، جنهن جي آئين ۽ دستور هيٺ ماڻهو عام بنيادي جمهوري حقن جهڙوڪ تحرير، تقرير، تنظيم جي آزاديءَ ۽ پنهنجي مقصدن لاءِ هلچل هلائڻ جي حق کان محروم هجن، جتي عام ووٽرن کي آزاديءَ سان پنهنجي اظهار راءِ جو بنيادي حق به نه هجي ۽ جتي عام شهرين جي شخصي آزاديءَ جي حق کي ملڪي حڪمران نهايت آسانيءَ سان پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيندي ڏرو به نه هٻڪن— اتي اسيمبلين رستي ملڪ ۽ قوم جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ جي حاصل ڪرڻ جا خيال پچائڻ هڪ بيڪار مشغلو آهي. اها جمهوريت جنهن جو اسانکي هن ملڪ ۾ تجربو ٿيو آهي سا محض هڪ ڍڪو آهي— ان ۾ حقيقي طاقت صاحب اقتدار طبقي جي هٿ ۾ رهي ٿي، جي چونڊن وقت پروپيگنڊا جا سڀ ذريعا جهڙوڪ اخبارون، موٽرون ۽ لاريون استعمال ڪن ٿا، بلڪ خود ڪيترن چالاڪ ابن الوقت تقرير بازن، ملن، مولوين، ۽ پيرن کي به خريد ڪري ڪتب آڻي سگهن ٿا. ازانسواءِ اڪثر

سرڪاري ڪامورا ۽ پنهنجي شخصي مفاد خاطر ضمير ۽ ايمان کي وڪڻي، ملڪ ۽ انجي مظلوم عوام جي ڀلي جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪري، برسر اقتدار طبقي جي خدمت ڪرڻ لاءِ آمادہ ٿي وڃن ٿا. مطلب تہ چونڊن تي پيسي، حڪومت جي طاقت، خانداني اثر ۽ اخبارن رستي غلط پروپئگنڊا جو گهڻو اثر پوي ٿو. گذشتہ سالن جي تجربي مان پتو پوي ٿو تہ فرقيوار سوالن ۽ مذهب جي آڙ ۾ ڪيئن اهي بداخلاق ۽ رجعت پسند ماڻهو ليڊر بڻجي ويٺا، جي رواجي طرح هوند عوام جي سامهون منهن بہ مٽي ڪٿي نہ سگهن ها، ۽ اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ ڪن انگريزن جي منظور نظرن وري اڇي عوام جي علمبرداري هٿ ۾ ڪئي– ليڪن باوجود انهن سڀني ڳالهين جي، سواءِ آئيني جدوجهد جي، ملڪ ۽ ماڻهن جي حالت بدلائڻ لاءِ ٻيو چارو ئي ڪونہ آهي، انگريزي انڪي وري وري آزمائڻو ئي پوي ٿو.

هيستائين سنڌ ۽ سنڌ جي عوام کي آل انڊيا يا آل پاڪستان جي سياسي راند ۾ ڪينهوڙو ڪري ڇڏي ڪتب آندو ويو آهي، ۽ سنڌ ڄ حقيقي مفاد، عارضي سوالن ۽ فرضي خطرن جي بهاني، قربان ڪيا ويا آهن.

اسانجي مڪاني سياست، مرڪزي ڊڪٽيٽريءَ ڪري ڦنا ٿي ويٺي آهي. خود مطلب ۽ خوشامدڙيا، ”هاءِ ڪمانڊن“ کي راضي ڪرڻ ۾، ڪامياب ٿي ويا آهن، ايماندارن ۽ ملڪ جي خيرخواهن کي تنگ نظر ۽ صوبجاتي رنگ ۾ رڱيل سمجهي، پوئتي اڇلايو ويو آهي، گهڻو ڪري سنڌ جي سياست ٻاهرين جي اشارن تي ڇڏي هلي آهي؛ اسانجي مڪاني معتبرن سنڌ دوالي بنديءَ کي فخر ڇڏي سمجهيو آهي؛ احساس خود داري ۽ خود ارادي اسانجي موجودہ ليڊرن مان صفا ختم ٿي چڪو آهي، ايترو جو خود سنڌي سڏائڻ بہ عيب ٿو نظر اچين ۽ سنڌي مفاد جي حفاظت ڪرڻ يا ان لاءِ آواز اٿارڻ کان پيا ڇرڪن.

حقيقت ۾ سنڌ جي ڀلي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ کي

صوبجاتي تنگ خياليءَ سان تصور ڪرڻ، سمجھ جي ڪوتاهي ٿيندي. جيڪڏهين عوام جي بهتريءَ جو خيال رکئو آهي، ته پنهنجي سياست جو بنياد حب الوطنيءَ جي زرين اصول تي رکڻو پوندو.

اسان انهيءَ نئين سياسي دؤر مان گذري رهيا آهيون، جو حقيقي طرح عام ماڻهن جو دؤر آهي. هاڻ اسان کي ننڍن سوالن تي نقطه چيني ڪرڻ يا حل ڪرڻ ۾ وقت وڃائڻ نه گهرجي؛ وقت اچي ويو آهي، جو ڪو نئون ۽ نتيجه خيز طريقو اختيار ڪريون. زماني جي تقاضا آهي ته اسان زندگيءَ جي سمورن مسئلن کي اهڙيءَ نئين نظر سان ڏسون جيئن موجوده غير منصفانه جماعتي نظام کي ازسرنو بدلائي، انساني مساوات ۽ اقتصادي انصاف جي بنيادن تي بيهاري سگهجي.

هن وقت تائين، اسانجي سياسي رهبري اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ پئي رهي آهي، جن جي سياست جو مقصد رڳو وزارت، طاقت، پيسو ۽ شخصي اغراض حاصل ڪرڻ پئي رهيو آهي: هو عوام سان وڏا وعدا ڪن ٿا، ليڪن پنهنجن واعدن کي ڪڏهين به پورو ڪري نٿا سگهن، جنهن ڪري هميشه سندن چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ تفاوت پئي رهيو آهي. سنڌ ۾ ڪابه منظم عام راءِ ڪين انهن حرڪتن کان باز آڻڻ لاءِ موجود نه آهي — ۽ نه وري ان کي پيدا ڪرڻ جي ڪا منظم ڪوشش ئي ٿي آهي. صحيح ۽ سالم راءِ رکڻ وارن قومي خادمن جو ايترو اڃان قحط ڪونه پيو آهي، جو چئجي ته بس صفا سڃ ٿي وئي آهي.

"اڃا ٿا سي آهين جي سزاوار سنگين جا!" (شاهه)

سنڌ جي غريب ۽ نوجوان طبقي ۾ گهڻائي سمجھدار ۽ مخلص ڪارڪن پيا آهن، جي عوام جي ترقيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ هر ڪا قرباني ڪرڻ واسطي تيار آهن. اهڙن سڀني ڪارڪنن کي گڏي منظم ڪرڻو آهي، جن مان سنڌ جي سياسي جمود کي ختم ڪرڻ، اعليٰ مقصدن خاطر پاڻ پتوڙڻ، سياسي ۽ اقتصادي انقلاب آڻڻ

جي اميد رکي سگهبي، جن جو چوڻ ۽ ڪرڻ هڪ جهڙو هوندو؛

سنڌ جي هاڻوڪي دور جي سياست هيٺ ڪري خسيس، ۽ رواجي درجي کي وڃي پهتي آهي، سيڪا ڳالهه ترت ڪاميابيءَ ۽ نفعي جي نقطي نگاهه کان ڏٺي وڃي ٿي، تنهنڪري اها عجب جي ڳالهه نه آهي ته اسانجي اڪثر سياسي ڪارڪنن ۾ همت، اخلاقي جرئت ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي طاقت ڪانه رهي آهي. هينئر وقت آيو آهي، جو اسان پنهنجي سياست کي بلند درجي تي آڻي، ماڻهن کي ملڪ ۽ انجي عوام جي بهبوديءَ واسطي، اخلاقي اصولن جي بنيادن تي، گڏ ٿيڻ جي ترغيب ڏيون.

انهن ڳالهين کي مد نظر رکي، مشوري بعد طي ٿيو ته "ارباب حڪومت کي سنڌن فرض ادائيءَ کان واقف ڪرڻ، ڪين سنڌن بيڪار ۽ ردي پاليسيءَ جي ڪوتاهين کان آگاهه ڪرڻ ۽ عوام ۾ صحيح بنيادن تي عام راءِ ۽ بيداري پيدا ڪرڻ واسطي، سنڌ اندر، هڪ مسلم ليگ جي مخالف جماعت ٺاهي وڃي."

اسان هن ڳالهه تي به غور ڪيو نه، ملڪ ۽ قوم جي ڀلي خاطر، چو نه موجوده برسراقتدار جماعت "مسلم ليگ" سان تعاون ڪري ڪم ڪريون. ليڪن اسانکي گذريل تجربن مان پوريءَ طرح معلوم ٿي چڪو آهي ته مسلم ليگ جماعت تي هڪ مخصوص گروهه ۽ اهڙن طبقن جو مڪمل قبضو ٿي چڪو آهي، جنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد، ۽ عوام جي مفاد ۾ تضاد ۽ ٽڪر آهي، ۽ جنهنجي مکيه ڪارڪنن ۾ ٿڌي دماغ ۽ غور سان نقطه چيني ٻڌڻ ۽ پاڻ سڌارڻ جو مادو گم ٿي چڪو آهي، بلڪ هنن جماعت کي صرف پنهنجي طاقت برقرار رکڻ ۽ اغراض حاصل ڪرڻ جو هڪ اوزار ڪٿي بنايو آهي، هنن هن جماعت اندر اهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾، سواءِ خود مطلب ۽ خوشامدڙين جي، ڀلي ڪنهن جي آواز پهچڻ جي گنجائش ٺي ڪانه رهي آهي؛ تنهنڪري اسان کي سواءِ مٿين رستي اختيار ڪرڻ جي ٻيو ڪو به چارو نظر نه آيو.

ممڪن آهي، ڪيترا صاحب سوال ڪن ته جيڪڏهين ڄاڻايل

سين ڪري، ۽ هاڻ مسلم ليگ سان گڏجي ڪم ڪري ٿا سگهو، تہ "انجي مخالفت ڇو ٿا ڪريو؟"

١- "ڇا هيءَ اها ساڳي مسلم ليگ جماعت نہ آهي، جو باوجود هزار ڪوتاهين جي، انهيءَ جي ذريعي ئي هندستان جي براعظم ۾ مسلمانن کي "پنهنجو حڪومت نڪرو" پاڪستان جي ناليِ سان ستي لڪائڻ لاءِ نصيب ٿيو!"

٢- "ڇا هيءَ اها مسلم ليگ جماعت نہ آهي، جنهن هندستان جي براعظم ۾ مسلمانن جي ڪثير اجتماع کي ڪٺو ڪري، منجهن بيداريءَ ۽ آزاديءَ جي هڪ اها تحريڪ پيدا ڪئي جنهنجو مثال تواريخ ۾ ملي نہ سگهندو!"

٣- "ڇا هيءَ اها مسلم ليگ جماعت نہ آهي، جنهن ۾ "پان اسلامزم" جي تجويز مطابق دنياي اسلام جي گڏجڻ جا امڪان موجود آهن!"

٤- "ڇا هيءَ اها مسلم ليگ جماعت نہ آهي، جنهن جي ڪارڪنن پاڪستان جي نئين حاصل ڪيل حڪومت کي نهايت "نازڪ مرحلن" مان لنگهائي، ان کي دنيا جي طاقتور حڪومتن جي صف ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي!"

٥- "جڏهن "ڪشمير جو سوال" ابيا هڪ طرف رنڌيو پيو آهي، ۽ ٻئي طرف ورهاڱي جي وقت جي صدمن کان اڃا پوريءَ طرح ساهہ پٽي ڪين سگهيا آهيون، تہ انهن نازڪ حالتن هوندي حڪومت جي ڪارڪنن جي طاقت کي مضبوط ڪرڻ بدران مخالفت ڪري ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش، ڪيئن درست چئي سگهجي ٿي!"

اهي ۽ ٻيا بہ اهڙي قسم جا سوال آهن جي اسان کان پڇي سگهجن ٿا. واقعي هنن سوالن جي سمورن مختلف پهلوئن تي دليلن سان بحث ڪري، ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچڻ انهن سڀني مخلص سياسي ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن لاءِ لازمي آهي، جيڪي

ڪٿهن منزل ۽ درست طريقہ ڪارجا ڳولا ئو آهن.

مٿي ذڪر ڪيل مکيہ اعتراضن جي علاوہ اسان پنهنجي ماڻهن جي ڪمزورين ۽ خامين کان بہ بيخبر نہ آهيون.

(۱) هتي هيءَ عام چوڻي آهي تہ "ولايت جي ڪُتي سنڌ ۾ مينا" ۽ اسان تي هر ٻاهرين شيءِ جو رعب ۽ اثر ويهي وڃي ٿو.

سنڌ جي تاريخ تي نظر ڪندا تہ ان جي وڏيري ڪلاس جي وڏي حصي کي احساس ڪمتريءَ جي مرض ۾ مبتلا ڏسندا. کين پنهنجي زبان، طرز معاشرت، روايات، سياسي مفاد ۽ ترقيءَ جو ڪو احساس آهي ۽ نہ وري انهن سان محبت آهي. ڌارين ۽ پرائين چيزن تي قربان ٿيڻ لاءِ بس تيار وينا آهن!

۲- ٻي خامي جا اسانجي ملڪ جي مٿئين طبقي جي اڪثر ماڻهن ۾ آهي، سا آهي سندن "ابن الوقتي".

ڪيترا ڏسڻا وائسڻا ماڻهو ڍنڍ جي ڪين وانگر سڪ جا سانگي آهن. جيڪو پاسو زور ڏسندا، يڪدم رخ بدلي وڃي ان در جا سلامي ٿيندا. اصولن ۽ مقصدن خاطر جيئڻ ۽ مرڻ جي ڳالهہ ستي ڪانہ پيل ٿي پاڻئجين. جڏهين انگريز آيا تہ انهن جو ويس پائڻ، زبان ڳالهائڻ ۽ سندن غلاميءَ جا القاب اختيار ڪرڻ ۾ فخر ٿي سمجهيائون. هاڻ هوا بدلجڻ ڪري وري ڪارن جي ڪنجڪ جهلڻ ۾ مشغول آهن.

۳- ٽي خامي منجهن باهمي حسد ۽ اڻ سهائيءَ جي آهي.

"شير شاہ جو شڪرو گهر جا ڪُڪڙ ماري" وانگر، سيڪو اوزار پنهنجن تي آزمائيندا آهن. ڌارين تي همت ئي ڪانہ ٿيندي اٿن، بلڪ انهنجي غلامي ڪرڻ ۾ پيا هڪ ٻئي سان چٽا پيٽيون ڪندا. انهيءَ نقص، سندن قومي شيرازو ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي؛ نہ قومي اتحاد رهيو اٿن، تہ نہ وري ڪو متحدہ نصب العين مقرر ڪيو اٿن. کين احساس ئي ڪونهي تہ قومن جي هستي، مقصدن قائم رکڻ سان، برقرار رهي سگهي، ٿي ۽ نہ پاڻ وساري

ڏارين جي توبري جهلائو تين سان!

۴- منجهن چوٿين خامي سستيءَ، ڪاهليءَ ۽ آرام طلبيءَ جي آهي ۽ هرڪو مشڪلات ڪسي منهن ڏيڻ ڪان پيو ڪسائي۔ "سک جا سائي" تين جي عادت منجهن چڻ گهر ڪري ويئي آهي۔ پائين ته گذر به سکيو ملي، تڪليف به گهٽي نه هجين، ترقي به بنا تڪليف جي حاصل ٿئي، آزادي به آسمان مان ڪرڪي اچي، دوست به گهر ويٺي ملي: باقي پاڻ ڪک پچي ٻه به نه ڪن۔

جيڪڏهن پنهنجي ساٿهن جي ذڪر ڪيل ڪمزورين جو علم اٿون، ته ان سان گڏ صاحب اقتدار گروه جي طاقت ۽ سندن ذريعن ۽ وسيلن جي به پوري واقفيت اٿون۔ اسان کي خبر آهي ته انهن جي مخالفت ڪرڻ ڪا ٻارن جي راند نه آهي، پر ڏني وائي هڪ ڪنڌن جي سيج آهي۔ هن ڪٺن سفر ۾ اسان جو ساٿ واقعي فقط ڪي ڏيندا:

"ڪا حور جهليندي هام، سيڪا مڌ ڪام ڪندي!"

اهو ڪنهن ڪان به مخفي نه آهي ته ۱۹۴۶ع جي جنوري ۽ ڊسمبر ۾ ٿيل چونڊون مسلم ليگ وارن ڪهڙي دوکي، دغا ۽ فريب سان ڪٿيون۔ اهي چونڊون نه هيون بلڪ هڪ سانگ هو (مسلم ليگي خيال وارن آفيسرن جون بدليون ڪري گهربل جڳهن تي رکڻ، فرنٽيئر ريگيوليشن، ۱۰۷ ۽ ۱۱۰ قلمن هيٺ مخالفن جي طرفدارن کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ، پولنگ سٽيشنون بدلائي ليگ اميدوارن جي سهوليت وارين جڳهن تي رکڻ، پنهنجي اهڙن چاڙتن کي پولنگ ۽ پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪرڻ، جي هرطرح جون بي قاعدگيون ڪرڻ لاءِ تيار هجن، ووٽرن جي اچڻ کان اڳي ڪوڙن ۽ مئل ماڻهن جي نالن ۾ ووٽ داخل ڪرائي ڇڏڻ، قلم ۱۴۴ لڳائي، مخالفن کي ميٽنگن ڪرڻ جي اجازت نه ڏيڻ— جيتوڻيڪ سندن پنهنجا طرفدار ميٽنگون ڪندا رهن، مسلم ليگ وزيرن ۽ سرڪاري عملدارن جو پولنگ سٽيشن تي ويهي، اپوجهه ووٽرن ڪان بئلٽ پيپر کسي، پاڻ منڌ پٽرا پائڻ، سچن

ووٽرن کي پوليس جي ذريعي ووٽ ڏيڻ کان روڪڻ، مئلن ۽ جيل ۾ ويل ۽ غيرحاضر ماڻهن جا ووٽ، باوجود اعتراض اٿڻ جي، داخل ڪرائڻ ۾ مسلم ليگ طرفان ڪوڙن ووٽن ڏيندڙ ماڻهن جي روڪجي پوڻ بعد، پرزائيڊنگ آفيسرن جو انهنکي ڇڏي ڏيڻ، عملدارن جو ليگ جي لارين ۾ چڙهي، ماڻهن کي ليگ لاءِ ووٽ ڏيڻ جي پروپيگنڊا ڪرڻ ۾ ڪوڙا فوٽا ۽ ڪارٽون ڪيارائي نفرت انگيز ۽ مذهبي جوش اپارڻ لاءِ پرچار ڪرڻ ۾ ماڻهن کي بندوقن جا ليسن، ڪنٽرول جا دڪان ۽ پيون ڪيتريون لالچون ڏيئي خريد ڪرڻ ۾ مسلم ليگ جي مخالفن جي بندوقن جا ليسن، ڪنٽرول جا دڪان، پاڻيءَ جا ماڊيول وغيره بند ڪرڻ ۾ خونين ۽ ڌاڙيلن کي سندن قيد جي سزائن پوري ڪرڻ کان اڳي ڇڏي، انهن جي مدد حاصل ڪرڻ ۾ ننڍن آفيسرن کي اضافا ڏيئي، چونڊ جي ڪم تي رکڻ ۾ ووٽن جون پيتيون پچي يا کولي، انهن مان ووٽ ڪڍي ڦٽا ڪرڻ يا پيا ووٽ داخل ڪرڻ ۾ اهي ۽ پيا اهڙا بي شمار مڪر، فريب ۽ دوکا سندن اڌ تائي ڪرشا هئا). پلا جن ماڻهن اهڙن طريقن سان حڪومت هٿ ڪئي آهي، سي ڪئي ٿا خوشيءَ سان ان کي هٿان ڇڏين! دادو ۽ قنبر جي تڪن جي چونڊن مان پڌرو آهي ته اهي ڪهڙا مشق حضرات پنهنجا پراڻا اوزار استعمال ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهندا. سندن طرفان اهڙن ذليل طريقن جو استعمال، سندن غير هردلعزيزي ۽ عوام ۾ سندن ڪنهن پروسي نه هئڻ جو ڪليل ثبوت آهي. جيڪڏهين هو عوام جا پسنديده نمائندا هجن ها، ته ڪين اهڙن ڪڏن ڪمن ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوي ها. ان ڪانپوءِ ون يونٽ ۽ بجيٽ پاس ڪرائڻ مهل، چونڊيل ميمبرن کي هيسائڻ، ۽ شهدادپور تڪ ۾ مخالف اميدوارن سان، جا روش اختيار ڪئي ويئي، سا ڪنهن کان ڳجهي نه آهي. هن وقت ساري حڪومت جي واڳ انهن جي هٿن ۾ آهي. هنن پنهنجي دور حڪومت ۾ جيڪي جاوا ڪري ڏنا آهن، تن کي ڇڏڻ ٻه ڏکيو لڳندن. زميندارن، پيرن، سيدن، ملن، ۽ مولوين جون، مسلم ليگ جي طرفداريءَ لاءِ، ڪجهه لالچ

۽ ڪجهه خوف سان، خدمتون حاصل ڪري سگهن ٿا، ڪي بي ضمير ۽ بي اصول خود غرض ڪامورا اڄ به شايد سندن خدمت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن، اخبارون شايع ٿين ته انهن تي بندش وجهي سگهن ٿا، هنن کي روڪڻ وارو ڪير آهي؟ طرح طرح جي بهتان تراشيءَ سان هو مخالفن کي بدنام ڪرڻ ۾ مشق حاصل ڪري ويا آهن، ڪارا قانون ساڳيا ڪتب آڻي سگهن ٿا، **سيفٽي ائڪٽ جي اضافي سان،** هراس ۽ لالچ پيدا ڪرڻ جا جملي ذريعا سندن هٿن ۾ آهن. ٻئي طرف وري سنڌ جا عوام اڃان پوريءَ طرح سجاڳ نه ٿيا آهن، ڪين دشمن دوست جي تميز تي پهچي، سخت پروپيگنڊا ڪري غلط فهميءَ جا شڪار ٿيو پون. ساڳيءَ طرح سنڌ جو اڪثري زميندار ۽ ڪامورو، ڪجهه لالچي ۽ ڪجهه بزدل هئڻ ڪري، حڪومت ۾ آيل طبقي جو غلام رهي ٿو، منجهن اهڙي اخلاقي جرئت نه آهي، جو صحيح ڳالهه سڃاڻڻ بعد، بي ڊپائيءَ سان پنهنجي ضمير جي چئي پٺيان هلن.

صاحب اقتدار گروه، پاڪستان ۽ اسلام لاءِ عوام جي محبت مان ناجائز فائدي وٺڻ جو ماهر ٿي ويو آهي. سندن پنهنجي برخلاف جيڪا ڳالهه ٿي ڪنهنجي زبان مان نڪري، ته ان کي فوراً اسلام ۽ پاڪستان جي دشمنيءَ سان تصور ڪرڻ سندن رواجي مشغلو ٿي پيو آهي.

اهڙيون ڪيئي مشڪلاتون ۽ خطرا آهن، جي ساڻن مخالفت ڪرڻ ۾ درپيش آهن. هن قحط الرجاليءَ جي زماني ۾، بي يار و مددگار، بغير پيسي ۽ طاقت جي، ڏسي وائسي اهڙي جنجل جي ڪم ۾ پنهنجو سهيو سڪيو جند ڦاسائڻ ڪو رواجي ڪم نه آهي.

انهن سڀني حالتن هوندي به اسان هرويرو ڇو ٿا چاهيون ته سندن رستي طرف هلڻ جو ارادو ٿا ڪريون، انجو جواب هيٺين پنجن نقطن جي سمجهاڻيءَ ۾ اچي ويندو:

١- مسلم ليگ جن بنيادي اصولن تي برپا ڪئي ويئي هئي، سي دنياوي عمل ۾ بي ڪار ۽ فرسوده ثابت ٿي چڪا آهن، ۽ انهن

جنھن وجود ملڪ ۽ قوم لاءِ نقصان ڪار آهي.

٢- گذريل هندوستان ۾ ڪن خاص حالتن جي ماتحت، مسلم ليگ جهڙيءَ جماعت جي ڪَٽي ضرورت تسليم ڪجي ها، ليڪن پاڪستان برپا ٿيڻ بعد، انجي ضرورت ۽ فائدو ختم ٿي چڪو آهي: هينئر ان جو وجود سرد موسم جي ڪپڙن کي گرميءَ جي موسم ۾ پائڻ جي برابر ٿيندو.

٣- پاڪستان بنجڻ کان اڳ، صوبن ۾ مسلم ليگ وزارتن جا سياه ڪارناما، ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ مرڪز خواه صوبن ۾ ليگ وزارتن جون ڪوتاهيون ۽ نخاسيون، ۽ آخر ۾ هزارها ورهن جي جدا هستين وارن ملڪن کي، پنهنجي لالچ خاطر، مرڪزي حڪام کي خوش ڪرڻ لاءِ، ختم ڪرڻ تي راضي ٿي وڃڻ— هي ڳالهيون ثبوت ٿيون ڏين ته موجوده برسر اقتدار جماعت، مسلم ليگ، ملڪ جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ بريءَ طرح ناڪام ثابت ٿي آهي.

٤- هن وقت، مسلم ليگ هڪ مخصوص گروه آهي، جو مغربي سامراجين جي منظور نظرن جو هڪ ٽولو آهي، ۽ آنهن جي ئي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ هڪ اوزار طور ڪتب اچي رهي آهي. انهيءَ مخصوص گروه جو سمورو اقتدار ۽ سموري طاقت، جمهوري اصولن جي برخلاف، خالص ڊڪٽيٽري نموني تي هلائي وڃي ٿي.

٥- مٿي ذڪر ڪيل سڀني سببن کي نظر ۾ رکي پاڪستان ۾ عوام جي فائدي، حڪومتن جي درستيءَ، اسلام کي شخصي ۽ طبقاتي مفاد خاطر ڪتب اچڻ کان بچائڻ، مسلم ليگ اندر وڌندڙ فسطائي رجحان کي روڪڻ، عوام ۾ سياسي بيداري آڻي مضبوط ۽ سجاڳ عام راءِ پيدا ڪرڻ، مسلمانان عالم کي غلط ۽ وهمي نظرين جي بنياد تي گذ ٿي هلاڪت جي منهن ۾ اچڻ کان روڪڻ، سنڌ جي تهذيبي، معاشرتي، اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، ملڪي سياست کي عهدن ۽ شخصي فائدن جي تنگ دائري مان ڪڍي حب الوطني ۽ مفاد عوام جي بلند درجي

تي آڻڻ، ۽ پاڪستان اندر صحيح جمهوري سرشتہ حڪومت جي قائم ڪرڻ خاطر، هڪ صالح ۽ صحت مند مخالف جماعت جو هئڻ ضروري آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ رجعت پسند حڪمران گروه طرفان اسانجي سخت مخالفت ڪئي ويندي، ۽ اسانکي گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. ليڪن لکها مصيبت زده عوام جي محبت، سنڌين جي غيرت ۽ حميت جي تقاضا، سياست کي ملڪ ۽ انجي عوام جي ڀلائي ۽ اخلاقي بلند خياليءَ جي درجي تي آڻڻ جي ضرورت، اسانجون رهبر راه آهن. مستقبل ۾ وڏا مقابلا درپيش آهن. اسان شڪستن پٺيان شڪستون کائڻ ۽ ناڪام ٿيڻ کان ڪونہ ڏڄنداسون ۽ نہ مايوس ٿي وهنداسون. اسانکي يقين آهي تہ آخرين ڪاميابي اسانجي آهي. خلق جي آواز ۾ خدا جي از غيبي مدد لکل آهي. اسانجو عوام هيڪر بيدار ٿي ويو، تہ پوءِ هن کي ڪابہ طاقت پنهنجي منزل تي پهچڻ کان روڪي نہ سگهندي. حق جي آخر فتح ٿيڻي آهي.

فصل پهريون

مسلم ليگ جو نظريو بيڪار ٿي چڪو آهي

مسلم ليگ جي بنيادي اصولن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ اهو معلوم ڪرڻ نهايت ضروري آهي ته مسلم ليگ کي ڪهڙن نظرين جي آڌار تي هلايو وڃي ٿو. مون جيتري قدر ان مسئلي تي غور ڪيو آهي، ته انکي هيٺين مکيه حصن ۾ ورهائي ڏٺو اٿم:

(الف) هندوستان جا يا پاڪستان جا مسلمان اعتقاد، عمل، تهذيب، روايات وغيره جي بنياد تي هڪ علحده قوم آهن.

(ب) مسلم ليگ مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت آهي، ان جي جهنڊي هيٺ مسلمانن جو اتحاد، سندن واسطي خواه پاڪستان لاءِ، مفيد آهي.

(ت) صوبن جا موجوده تفاوت سامهون رکي، سندن اندروني آزاديءَ لاءِ آواز اٿارڻ، مسلمانن ۽ پاڪستان جي برخلاف آهي.

(ث) مسلم ليگ مسلمانن جي اجتماعي زندگيءَ کي شريعت اسلاميءَ جي ماتحت نئين سر زنده ڪري، غلبئه اسلام ۽ ترقيءَ جا مقصد پاڻ وٽ رکي ٿي. اها **سواد اعظم** آهي؛ انجي مخالفت اسلامي جماعت ۾ انتشار پيدا ڪرڻ ۽ انکي ڪمزور ڪرڻ جي برابر آهي.

جيئن ته ليگ جي مٿي ذڪر ڪيل چئن بنيادي اصولن تي تفصيلوار بحث ڪرڻ مان سندن دعوائن جي حقيقت معلوم ٿي سگهندي، انڪري مٿي ذڪر ڪيل هر هڪ سوال تي پنهنجي سمجهه آهر هيٺ بحث ڪندس.

(الف) پاڪستان جي مسلمانن جي جدا قوم هئڻ جو نظريو

پاڪستان—هندوستان جي مسلمانن جي جدا قوم هئڻ جي سوال تي آءٌ پنهنجي شايع ڪيل ڪتاب "نئين سنڌ" جي ٢٢ فصل

۾ مفصل بحث ڪري چڪو آهيان، ليڪن هتي دوباره پڙهندڙن جي معلومات لاءِ مختصر طرح ان مسئلي جو ذڪر ڪندس.

اها ڳالهه هر هڪ کي معلوم آهي ته مسلمانن جي جدا ڳانهه قوم جي نظريي مطابق هندوستان جا جملي مسلمان اعتقاد، عمل، تهذيب، روايات وغيره جي نقطي نگاه ڪري هندن کان علحده قوم هئا، جنهن ڪري ني هو جدا رياست ملڻ لاءِ حقدار هئا- ان سوال جي بنيادي طرح صحيح يا غلط هئڻ تي بحث ڪري نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان هڪ جدا حڪومت جي حيثيت ۾ قائم ٿي چڪو آهي ۽ جن بنيادن تي اهو قائم ٿيو، انهن جي صداقت ۾ شڪ آڻڻ پاڪستان جي وجود جي قائم ٿيڻ جي مخالفت برابر سمجهيو ويندو.

هن وقت اسان جي سامهون سوال صرف اهو آهي ته هندوستان جي سرمايدار هندن جي تنگ نظر سياست يا اقتدار کان آزاد ٿيڻ لاءِ، ان نظريي کي عارضي طور قبول ڪيو ويو هو يا اهو نظريو دائمي طور اسانکي قبول ڪرڻ گهرجي؟

منهنجي نظر ۾ اهو نظريو دائمي طور قبوليت جي لائق نه آهي، ۽ صرف هندستان جي سرمايدار تنگ نظر هندن جي تسلط کان آزاد ٿيڻ لاءِ عارضي طور قبول ڪيو ويو هو: دائمي طور انکي اختيار ڪرڻ لاءِ خود پاڪستان جي باني، قائد اعظم مسٽر محمد علي جناح جي به مراد نه هئي. ان جي ثبوت ۾ هيٺيان دليل آهن:

١- ١٩٤٢ع جي اول ۾، دهليءَ ۾ گفتگوءَ جي دوران ۾، قائد اعظم مونکي صاف ٻڌايو هو ته "پاڪستان جي قائم ٿيڻ بعد، عملي طرح ان نظريي تي عمل ڪرڻ مفيد نه ٿيندو"، جنهن لاءِ سندس سامهون هيٺيان سبب هوا-

(الف) هندوستان جا سڀ مسلمان لڏائي پاڪستان ۾ وهارڻ ناممڪن مسئلو هو.

(ب) ساڳيءَ طرح پاڪستان مان جملي غير مسلم لڏائڻ به ناممڪن هو.

(ت) موجوده زماني ۾ حڪومت جي ڪاروبار ۾ مذهبي ڪٽرپڻي کي دخل ڏيڻ ڪري، ملڪ ترقي ڪري ڪين سگهندو.

٢- پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ، ١٢- آگسٽ ١٩٤٧ع تي، پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ ۾ قائد اعظم جي پهرينءَ تقرير مان سندس ان وقت جي ظاهر ڪيل خيالات جي تائيد ملي ٿي.

انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته خود قائد اعظم، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، مسلمانن کي پاڪستان اندر علحده قوم ٿي رهڻ جي اصول کي باقي رکڻ نٿي گهريو.

٣- ازانسواءِ انهي نظريي کي قائم رکڻ ڪري، اسان کي هيٺيون مشڪلاتون درپيش اينديون، جن جو حل ٿيڻ نه فقط ممڪن نظر نه ٿو اچي، بلڪ اهي ڳالهيون آينده هلي، دنيا جي امن عام لاءِ نهايت خطرناڪ ثابت ٿينديون. مثلاً هن نظريي موجب ته ”هندوستان جا مسلمان علحده قوم آهن“، اسان کي هندوستان ۾ رهيل باقي مسلمانن کي پاڪستان ۾ لڏائي اچي وهارڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته پنهنجي قوم جي چئن ڪروڙ فردن کي ڌارينءَ حڪومت ۾ ڪس مپرسيءَ جي حالت ۾ ڇڏڻ ٺيڪ نه ٿيندو. جيڪڏهين پاڪستان ۾ وڌيڪ ماڻهن جي گنجائش نه هئڻ ڪري، اسان اها تجويز عمل جي لائق نٿا سمجهون، ته اسان کي يا ته انهن ماڻهن جي هر قوم هئڻ جي دعويٰ تان هٿ ڪڻڻو پوندو، يا هندوستان کان وڌيڪ ملڪ هٿ ڪرڻ جا گهاٽ گهڙڻا پوندا، ٻئي تجويزون خطري کان خالي ڪين آهن.

٤- جيڪڏهين اسان مسلمانن لاءِ علحده قوم جو اصول اڃان تائين بحال رکنداسون ته پاڪستان اندر حڪومت به مسلمانن جي سڌيءَ ۽ ان ۾ رهندڙ هندن، پارسين ۽ ڪرستانن کي قوم ۾ شمار نه ٿيڻ ڪري، بنيادي حقن کان، ڪم از ڪم نظرئي جي

بنياد تي، غير مساوي حالت ۾ رهندو پوندو، جنهنجو لازمي نتيجو اهو ٿيندو ته جنگ ۽ خطري جي حالت ۾ اسان هتي جي غير مسلم قومن تي ڀروسو ڪري نه سگهنداسون ۽ هو هميشه شڪ جو شڪار رهندا ايندا. ساڳيءَ طرح هندوستان اندر رهيل مسلمانن جي حالت ۾ اهائي ٿيندي.

د- انهيءَ اصول کي مڃڻ ڪري غير مسلم يا غير ليگي خيالن جا ماڻهو دائمي اقليت ۾ رهندا ۽ حڪومت جي پاليسيءَ تي اثر وجهڻ جي ڪين ڪڏهن به اميد نه رهندي، جنهنڪري هو هن حڪومت جي ڪمن ۾ دلچسپي نه وٺندا.

٦- اهو ڪنهن کان مخفي نه آهي ته پاڪستان اندر پنجن جدا جدا ٻولين، جاگرافيائي حدن، تهذيبن ۽ قديم روايات رکندڙ قومن جا ماڻهو رهن ٿا. هن اصول جي مڃڻ جو لازمي نتيجو اهو نڪرڻو آهي ته انهن سڀني ماڻهن کي، سندن مٿين بنيادي ورثن ۽ مفاد کي ميٽي، هڪ گڏيل قالب ۾ پلٽڻو پوندو. آن تي سوال اٿندو ته اهو گڏيل قالب ڪهڙي قسم جو هوندو! انجي ٻوليءَ، تهذيب، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي پاڪستان جي ڪهڙي حصي يا ڪهڙيءَ قوم جو اثر غالب هوندو!

٧- اڄ ڪلهه اهو دستور ٿي ويو آهي ته هر اهڙي سوال جو جواب اسلام ۽ سنت نبويءَ جي نالي ۾ گهڙي ڏنو وڃي ٿو. پر انهن ماڻهن کان، جي اهڙيءَ طرح جي گفتگو ڪن ٿا، ڪنهن پڇيو آهي ته عربيءَ جي بدران اردو ٻولي رائج ڪرڻ تي زور ڏيڻ، تنگ پائجامي ۽ غراري پائڻ، مينا بازاريون قائم ڪرڻ، شراب خانن ۽ جوا خانن جو جاري رهڻ، ڪلبن ۾ پنهنجي عورتن کي غيرن جي بغل ۾ نچڻ جي اجازت ڏيڻ، حقيقي حقدارن کي نوڪرين، جاين، زمينن ۽ ڪارخانن کان محروم ڪري پنهنجي مٽن مائٽن ۽ چاڙتن کي ورسائڻ، ڪهڙيءَ طرح اسلام ۽ سنت نبويءَ جي مطابق آهن؟

اسلام جمهوري مذهب آهي، جنهن ۾ هر شخص کي پنهنجي

ذاتي راءِ، عقيدي، ملڪيت ۽ شخصي حقن جي حفاظت لاءِ ڪي بنيادي آزاديون ۽ اختياريون ڏنل آهن. چا، جنهن مذهب جي اصولن پٽاندر شخصن جي ذاتي حقوق جي حفاظت لاءِ ايتري قدر تحفظ آهي، ته اهو مذهب ڪيتري قدر ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جي نوڪرين، زمينن، ڪارخانن کي اصلي حقدارن کان ڪسي حڪمران طبقي جي حاشيه بردارن جي حوالي ڪرڻ جي اجازت ڏيندو، ۽ هڪڙن جي زبان ۽ تهذيب تي ٻين جي زبان ۽ تهذيب کي امتياز حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏيندو؟

تنهن ڪري، منهنجي نظر ۾ مسلم ليگ جو اهو نظريو ته پاڪستان جا سڀ مسلمان هڪ جدا قوم آهن، فرسوده، بيڪار ۽ نقصانڪار آهي. انهيءَ نظريي کي قائم رکڻ ۾ پاڪستان جي اصلي باشندن، سنڌين، پنجابين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بنگالين جي زبان، ادب، تهذيب، قديم روايات، سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي مسئلن، خواهشن ۽ جذبات کي ختم ڪري، چند ٻاهران آيل حڪمران طبقي جي ماڻهن جي زبان، ادب، تهذيب، سياسي ۽ اقتصادي ۽ معاشرتي مفاد ۽ خواهشات جي تابع بنائڻ جو راز لڪل آهي، انهيءَ کي قائم رکڻ سنڌي قوميت جي هستيءَ، مفاد ۽ ترقيءَ تي فاتحه پڙهڻ جي برابر ٿيندو.

مولانا عبيدالله سنڌي رحہ هڪ هنڌ چوي ٿو: ”هندوستاني مسلمان جي ذهن ۾ سندس ”شخصيت“ بنسبت هڪ وهمي تصور ويٺل آهي، جنهن جو عملي دنيا ۾ وجود ئي ڪونه آهي، اسان ڪيتري زماني کان هڪ اهڙيءَ اسلامي جماعت جو نالو وٺي رهيا آهيون، جنهن بابت اسانجي ذهنن ۾ نه ڪو صحيح نقشو آهي ۽ نه اها دنيا ۾ ڪٿي وجود ۾ ئي آهي، اسان پاڻ کي هڪ اهڙيءَ خيالي دنيا ۾ محدود ۽ محو ڪري ڇڏيو آهي، جو اسان نه رڳو ٻين مسلمان ملڪن جي تاريخ، ترقيءَ ۽ آزاديءَ جي جدوجهد کان غير واقف رهجي ويا آهيون، پر خود پنهنجي ملڪ ۾ به اسان جي اڳيان ڪو مقرر ٿيل عملي نظريو موجود نه آهي.“

پيا سي مسلم ملڪ، حالتن کان مجبور ٿي، ٻوليءَ ۽ جاگرافيءَ جي لحاظ تي، قوم جو نظريو اڄ قبول ڪري چڪا آهن. قوم ۽ قوميت جو هي نظريو اسلامي تعليم جي برخلاف نہ آهي. جيتوڻيڪ اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي ۽ ساري انسان ذات ان مان فائدو وٺي سگهي ٿي، پر قومن جي وجود کان اسلام ڪنهن بہ صورت ۾ انڪار نٿو ڪري. قوم، مفاد عام واسطي، ساڳئي ملڪ، زبان ۽ تهذيب جي هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي، انسانن جي هم آهنگي ۽ ۽ اجتماع جو فطري نتيجو آهي. اسلام انسانن جي وچ ۾ قومي بنيادن تي صرف دشمنيءَ ۽ مخالفت جي منع ڪري ٿو.

اسلام دين فطرت آهي: هو فطرت جي هڪ اهڙي حقيقي ڪرشمي کان انڪار ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي، جنهن مطابق بني نوع انسان ۾ مختلف جنسن، مختلف شڪلين، مختلف رنگن ۽ مختلف قد و قامت جا انسان، انفرادي طرح ۽ اجتماعي طرح، مختلف زبانن مختلف تهذيب ۽ تمدن، مختلف ملڪن ۽ مختلف تاريخي پس منظر جي بنيادن تي ڦهيل قومون، پنهنجي پنهنجي امتيازي هستي ۽ مستقل وجود الڳ الڳ بحال رکي، ڪائنات کي خوبصورت بڻائين.

—:o:—

(ب) مسلمانن جو اتحاد مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ

اڄ ڪلهه، ماڻهن ۾ هر ڳالهه يا شيءِ جي تهه ۾ وڃي، حال معلوم ڪرڻ جي عادت گهٽ ٿي ويئي آهي؛ پر صرف ڳالهين يا شين جي ظاهري خوبصورتيءَ تي عاشق ٿي ٿا پون. جهڙيءَ طرح پتل کي سونو رنگ ڏيئي چلڪيدار ڪري هلايو وڃي ٿو، اهڙيءَ طرح اڄ ڪلهه اسلام، پاڪستان، اتحاد وغيره جي خوبصورت لفظن جي ملمعي هيٺ طرح طرح جا دوکا، نقصانڪار خيال ۽ نظريا لڪائي چالو ڪيا وڃن ٿا. مسلمانن ۾ اتحاد ۽ اتفاق جو لفظ به اهڙو دلفريب ڪلمو آهي، جو پڙهڻ سان غير تجربيڪار ۽ ساده دل مسلمان انتي فريفته ٿيو پوي. مسلم ليگ جماعت تي حڪمران طبقو به، عوام جي اهڙيءَ ڪمزوريءَ کان واقفيت رکڻ ڪري، پاڻ کي طاقت ۾ رکڻ، ذاتي ۽ طبقاتي فائدن ۽ مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ اهو منتر اچاريندو رهي ٿو. پر جيڪڏهين اوهان ان ساري سوال تي غور ڪندا، ته انهنجي سموريون نيتن ۽ ارادن جا پول پڌرا ٿي پوندا.

هو چون ٿا ته مسلمانن جو اتحاد، پاڪستان ۽ مسلمانن جي مضبوطيءَ ۽ سربلنديءَ لاءِ، ضروري آهي؛ هنن وٽ اتحاد جي معنيٰ ۽ مطلب شايد اهو آهي ته "سڀ مسلمان، مسڪينيءَ جهالت، ظلم، رشوتخوريءَ، چوربازاريءَ، بداخلاقيءَ وغيره جي باوجود به چپ تي چپو لائي، ڪجهه نه ڪڇن ۽ ليگ ليڊرن کي چڏين ته هو رنگ رليون ملهائيندا رهن، ۽ هي پاڻ انڌا ڏنڌ هنن جي پويان بنا چون ۽ چرا جي هلندا رهن. اهي ئي مسلم ليگي اڳواڻ، عوام، پاڪستان ۽ اسلام جا حقيقي رکپال آهن، انهن جي حڪمن جي تعميل ۽ پوئلڳي اتحاد آهي، انهن جي ڪمن جي نقطه چيني، سندن ڪوتاهين جي اپٽار مسلمانن ۾ انتشار ۽ نفاق پيدا ڪرڻ جي برابر آهي، اهيئي قوم کي ڪڏهين نه ڪڏهين

نيئي منزل مقصود تي پهچائيندا !"

اسان کي هاڻ ڏسڻ گهرجي ته قوم جو منزل مقصود ڪهڙو آهي؛ ڇا عام ماڻهو ۽ ليگ جي ليڊرن جو مقصد ساڳيو آهي، يا ٻنهي جا مقصد جدا جدا آهن ؟ ليگي ليڊرن کان جيڪڏهن اهو سوال پڇبو ته هو چوندا ته "مقصد، پاڪستان جي مضبوطي ۽ قومي ترقي آهي"، جنهن ڳالهه ۾ ته واقعي ڪنهن کي اعتراض ڪونه ٿيندو، ليڪن ان مسئلي جي تشريح لاءِ وڌيڪ سوال پڇبن ته "ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو وسيلو ۽ ذريعو ڪهڙو آهي" ته انجو نهه پهه جواب ڏيندا ته "بس ليگ کي مضبوط ڪريو ۽ اسانجي پوئلڳي ڪيو ته قومي مقصد اجهو ڪي اجهو حاصل ٿي ويو" ! هو بار بار اهو منتر اچاريندا رهن ٿا ته جهڙيءَ طرح پاڪستان ليگ جي ذريعي حاصل ٿيو اهڙيءَ طرح اهو ڪم به سندن ئي معرفت حاصل ٿي سگهندو. ليڪن اها حقيقت آهي ته پاڪستان ليگ ليڊرن جي قربانيءَ يا تڪليف سهڻ ڪري حاصل نه ٿيو: نه هو جيلن ۾ ويا، نه ڪا گولي جهليائون ۽ نه ڪا تڪليف برداشت ڪيائون.

اهو به صحيح نه آهي ته پاڪستان انگريزن ڏنو، ڇو ته انگريز مسلمانن جا خير خواه هجن ها ته فلسطين کي يهودين جي حوالي نه ڪن ها، مصر ۽ سوڊان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ سئيز ۾ فوج وهارڻ کان باز اچي وڃن ها. ازانسواءِ جهوناڳڙه، حيدرآباد، ڪشمير جي معاملي ۾ سندن روش ان باري ۾ سندن نيتن جو ثبوت آهي. لهاذا پاڪستان، جو حاصل ٿيو ته مسلم عوام جي دليريءَ ۽ سچائيءَ ڪري، نه ليگ ليڊرن جي بهادريءَ ۽ قربانيءَ ڪري. اوهان جيڪڏهين ان مسئلي جي گهرائيءَ تي غور ڪري ڏسندا ته اوهين محسوس ڪندا ته پاڪستان جي مضبوطي ۽ ترقي، ليگ اندر مسلمانن جي اتحاد ذريعي حاصل نه ٿي سگهندي، ليڪن ليگ اندر گڏ ٿيل انگريزن جي منظور نظر شاهوڪار ۽ جاگيردار فرقي، جنهن جي پاليسي قوم کي مسڪينيءَ ۽ جهالت،

بي حسيءَ، رشوت، ظلم جي چنبي ۾ ڦاسايو پيئي آهي— انهن جي بداعمالين، خود مطلبين، رشوت خورين، ظلم ۽ بداخلاقين جي پول پڌري ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي سگهندي. بلڪ اهو مقصد، انهي بي اصول ۽ خود غرض ٽولي کي، ايماندار ۽ غريبن جي همدرد جماعتي نظام ۽ پروگرام سان بدلائڻ جي ارادي رکندڙ مخلص ڪارڪنن جي گروه جي ڪوشش ذريعي ئي حاصل ٿي سگهندو.

غريب ۽ شاهوڪار، ظالم ۽ مظلوم، بااخلاق ۽ بداخلاق، حاڪم ۽ محڪوم جو مصنوعي اتحاد اهڙو آهي جهڙو بگهڙ ۽ ٻڪريءَ جو اتحاد، جنهن مان ڪمزور ٻڪريءَ کي هميشه نقصان جو انديشو رهندو ۽ طاقتور بگهڙ کي فائدو ئي فائدو.

انهيءَ مسئلي کي پوريءَ طرح واضح ڪرڻ لاءِ، اسان مثال طور جماعت جي ٻنهي گروهن جي زندگيءَ تي مختصر طرح روشني وجهي، ٻڌائينداسون ته اهڙين حالتن هيٺ مسلمانن جي اتحاد ۽ اتفاق جي معنيٰ ڪهڙي نڪري سگهي ٿي!

سنڌ ۾ اٽڪل نوي سيڪڙو ماڻهو مسڪين آهن— جن مان گهڻن کي رهڻ لاءِ گهر ڪونه آهي. هو وڻن جي ڇانون، جبل جي جهڏن يا غارن، ٻين جي ٻنين جي اجهائن، رستن جي فٽ پيرين، ڍنگهرن ۽ پراڻن ڪٽولن جي هيٺان وقت گذارين ٿا؛ ۽ انهن مان وري جن کي "گهر" آهن، تن جي حالت زار بيان ڪرڻ سان ته دل کي صدمو اچيو وڃي، ڪراچي، حيدرآباد، يا ٻين شهرن ۾ هيناهين سر وارن ٽڪرن، رستن جي ڪنارن، ريلوي جي ٻنهي طرفن، گندگيءَ جي ٻنن ۽ ڍيرن مٿان، پراڻن تڏن، ڦاٽل گوڻين، ڪاٺين جي ٽڪرن سان اڏيل جهوپڙيون— جن ۾ نه پوريءَ طرح بيهي سگهجي، ۽ نه سوليءَ طرح سمهي سگهجي— ڌسڻ گهرجن، جتي بدبوءِ ساهه گهٽيو ڇڏي، ۽ جن ۾ نه سيءَ کان اجهو، نه بارش کان بچاءُ آهي!

ٻاهراڙيءَ جي حالت اها آهي ته قوم جا چاليهه سيڪڙو ماڻهو

مستقل جاءِ رهائش نہ هئڻ ڪري، خانه بدوش زندگي گذارين ٿا. باقي ٻين جا گهر مچرن، بلائن، وڻن جي وچ، لوڙهن ۽ ڏنگين ڦڏين ڪانين، لين جي تارن، وڻائين، ڪجيءَ جي پنن، پلال، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ڪانن، ڪانهن ۽ سرن جي ڍڪ سان ڍڪيل، ٻاڻ ۽ گندگيءَ جي وچ، قوم جي ڪثير حصي جي افلاس ۽ ڪسمپرسيءَ جو ثبوت ڏئي رهيا آهن.

سندن گذر جو اهو حال آهي، جو سوين در در بيک پني رهيا آهن، ته هزارين وري چورين ۽ ٻين بداخلاقين جي چنبي ۾ گرفتار آهن؛ لڪن ڪي سواءِ هڪ يا ٻن وقتن جي سڪيءَ مانيءَ جي، کير، گوشت، ڀاڄي، ميوو وغيره ڪڏهن به نصيب نٿو ٿئي. ڪي بک ڪري مردار جانورن، ٻاروٽي سڪل مانيءَ، وڻن جي ٻاڙن، سگرن، گاهن ۽ ڏٿ تي گذران ڪن ٿا، ڪن ڪي ڏينهن جا ڏينهن، راتين جون راتيون فاقا ڪڍڻا پون ٿا. سندن ٻچا ۽ ٻار بک وگهي جڏهين رڙين ۽ چيچلائين ٿا، ته اهو نظارو دل ڏاريندڙ ٿيو پوي. بي روزگاري ملڪ کي ويڙهي ويل آهي، عام ماڻهن جا شڪل ۽ ڪمزور چهرا، بک ۽ گهٽ کاڌي ڪري لاغر بدن ڪنهن کان ڳجها ڪونہ آهن.

سندن لباس جي اها حالت آهي، جو ڪيترا اڌ اگهاڙا گهمندا وتن؛ ڪيترن جون زالون سڄي ڪپڙي نہ هئڻ ڪري، ستر ڍڪڻ جي خيال کان، گهرن کان ٻاهر نہ ٿيون نڪرن؛ ڪن جي بدن تي ورهن جي ڦاٽل، غليظ ۽ اڻ ڌوتل ڪپڙن جون ليڙون آهن، ته ڪي پراڻا ڦاٽل نيلامي ڪپڙا پايو وتن؛ ڪي وري ڪپڙي نہ هئڻ ڪري بدن اگهاڙو يا ڇوٽي ڪپڙي جون گوڏيون پايو وتن؛ پيرن ۾ سڄي جتي يا بوٽ ته ڪنهن ورلي ماڻهوءَ کي هوندو؛ سندن مٿي تي سڄي ٽوپي يا پٽڪو به ڇنو ڏسندا — جنهن مان قوم جي اڪثريت جي پيرين ۽ مٿي اگهاڙن جو پتو پئجي سگهي ٿو.

سندن صحت جو اهو حال آهي ته ويم جي وقت پوريءَ طرح

خبرداري نہ هڻ ڪري، انهن جي اولاد جو گهڻو حصو بروقت يا ننڍي هوندي فوت ٿي وڃي ٿو. ڪيتريون ننڍيون نينيون عورتون، ويم جي بيمارين ڪري، ننڍپڻ ۾ موت جي چنبي ۾ اچيو وڃن، جنهن ڪري عورتن جي گهٽتائي ٿي پيئي آهي. خراب گهرن ۽ گندين رهڻ جي جاين ڪري، مليريا سندن هميشه جي رفيق رهي ٿي، جنهن ڪري، اڪثري سندن بدن ڏٻرا، اکيون سايون، پيٽ وڏيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اتفاقي بيمارين، نانگ بلا جي ڏنگن، ڪالرا، مدي جي تپن، ڦٽن ۽ زخمن وغيره لاءِ نہ وٽن علاج لاءِ پيسو موجود آهي، نہ ڊاڪٽر، نہ علاج ميسر ٿي سگهين ٿو. سندن پوڙها مرد ۽ عورتون، ڳري ڳري هڏن جي پڃري جي صورت ۾، هميشه چنل ڪٽولن تي پيا رهن ٿا. سندن ٻار، بيمارين ۾ مبتلا ٿي، بک ۾ علاج ۽ مدد ڪانسواءِ، اکيون آسمان ڏي ڪٽيو ليڊران قوم جي بي قدريءَ ۽ بي التفاتيءَ جو شڪار ٿي پيا رڻن رڙن: سندن عزيز پنهنجي ٻچن، پٽن، مائرن، جان جگرن کي هن طرح دردن، سورن جي حالت ۾ ڏسي، پيسي ۽ علاج نہ هڻ ڪري، بي ڪسيءَ جي حالت ۾ چپ سهندا هوندا— تنهنجي خبر انهن کي هوندي، جن تي اهڙيون مصيبتون گذرنديون هونديون:

شاه لطيف ڀٽائي رحم فرمائي ٿو تہ:

”ٻاڙي ناھ پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گذري!“

هو آهستي آهستي آخر ائين سمجهڻ لڳن ٿا، تہ شايد قدرت کين انهن ٿي مصيبتن لاءِ پيدا ڪيو آهي.

ڏکن لاءِ ڄاياس، سورن مون کي ساڻيو،
جيڪس آءٌ هياس، ڪا ڳري ڳوندر ول جي!
(شاه)

سندن تعليم جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! ”پڙڻ ڪان پڙهڻ ياد ڪونہ آهي“ وارو مثال مٿن پورو لهڪي اچي ٿو. لڪڻ

پڙهڻ جي هنر کان اڻ واقف، دنيا ۾ ڇا وهي ڇا واپري رهيو آهي — ان کان بي خبر، ڪين پنهنجي نفعي ۽ نقصان جي ڳالهه جي به سمجهه نه آهي، انڪري بري ۽ ڀلي، اڳ ۽ پوءِ جو خيال ئي ڪونه اٿن ۽ سورن ڪين اهڙو بي حس ڪري ڇڏيو آهي، جو دوست ۽ دشمن جي شناخت ئي ڪانه اٿن ۽ بک، بيچارگيءَ، بي علميءَ، بيماريءَ، بي بسيءَ ۽ بيڪاريءَ جي بلائن اهڙو ڪٺي وڪوڙيا آهن، جو قيامت وانگر هرڪو شخص پنهنجي جان جي زار ۾ مبتلا ٿي، نفسي نفسي پڪاري رهيو آهي، ۽ ڪنهن ڪي به ٻئي ڪنهن ڏانهن نظر ڪرڻ لاءِ واندڪائي ڪانه آهي ۽ سنڌن اجتماعي شيرازو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهي: اهڙيءَ نڌڻڪيءَ حالت ۾، سنڌن دين جا رکپال نا اهل ملا ۽ روحاني رهبر، بدعتي پير ۽ سياسي ليڊر، ليگ جي نالي ۾، خود مطلب، خود پرست ۽ ظالم زميندار، جاگيردار ۽ شاهوڪار بنجي چڪا آهن.

عام طرح سنڌن حالت اها آهي ته گهر ۾ نه ٻارڻ لاءِ ڏيو اٿن، نه ٻاهر هلڻ لاءِ رستو ۽ نه پورو روزگار ۽ نه تڪليف وقت يار ۽ مددگار ۽ نه اڏاري ملين ۽ نه پنيءَ پاڻڌي پوري پئين ۽ پوليس، ريونيو، انجنيري وغيره کاتن جي ڪامورن، زميندارن جي ڪمدارن ۽ نوڪرن، چوربازار واپارين، ڪورٽن جي ٻيلفن ۽ ڊڪرين، چورن ۽ ڌاڪن سنڌن ساهه ئي سڪائي ڇڏيو آهي.

"چوري ندوري، نڪو مانڻ منڊ جوا" (شاهه)

هيءَ آهي حالت مسلمانن جي ٩٠ سيڪڙي ماڻهن جي، جن ڪي اسلام، "پاڪستان" ۽ "اتحاد مسلمانان" جي خوبصورت نالن ۾ پنهنجي درد جي دانهن ڪرڻ کان به روڪيو وڃي ٿو!

ذرا ٻئي طرف مسلم ليگ جا ليڊر، جي اسلام جي علمبرداريءَ ۽ پاڪستان جي رکواليءَ جي تنها دعويداري ڪن ٿا، تن جي حالت تي به نظر ڊوڙايو. مثال خاطر اوهان ڪي سير لاءِ انهن مان هڪ جي بنگلي تي وٺي وڃي سنڌن روزانه ڪارگذاريءَ جي ادني جهلڪ ڏيکاريندا سون ته جيئن اوهان ڪي ٻنهي جي حالتن

جو تفاوت معلوم ٿي وڃي.
جيڪڏهن اوهان ليڊر صاحب جي بنگلي طرف نظر ڪندو، جنهن ۾ هو رهي ٿو، ته اهو ڪراچيءَ يا حيدرآباد جهڙي شهر ۾ آهي جتي زمين جي هرهڪ وال جو ملهه ڏهن کان ٨٠ رپين تائين هوندو آهي. انجي ٻاهرينءَ عالم پناه جي دروازي تي، اڪثر چوڪيدار يا پوليس عملو سندن شان شوڪت رکڻ لاءِ نگهبان هوندو آهي. اتان اندر بنگلي جي در تائين پهچڻ ۾ ٻن سون کان چار سو فوٽن جو مفاصلو طي ڪرڻو پوندو آهي. اهو سمورو رستو سيمنٽ يا ڪڪريءَ سان نهايت سنو ۽ صاف ٺهيل هوندو آهي. انجي ٻنهي طرفن رنگا رنگي گلن جون ڪونڊيون رکيل هونديون آهن، ۽ پر ۽ آس پاس واريءَ ايراضيءَ ۾ ساوا مخملي چير جي گاه جا ميدان لڳل هوندا آهن، جن جي آس پاس ميوي يا گلن جا وڻ ان جي رونق کي دوبالا ڪن ٿا. انهن مان اڪثر ٽڪرا وڏين مجلسن، دعوتن، راڳن ۽ ناچن واسطي خوبصورت شاميانا لڳارائي ڪم آڻبا آهن. بنگلي جي دروازي جي پر ۾ هڪ عمدو چبوترو يا دالان، موٽرن کي، لهڻ وقت، ڇانو ۾ اچي بيهارڻ لاءِ ٺهيل هوندو آهي، جيئن ليڊر صاحب کي بنگلي مان نڪري، موٽر ۾ سوار ٿيڻ وقت اس نه لڳي. بنگلي ۾ اندر گهڙڻ واري دروازي جي چاڙهيءَ جي ڏاڪن تي، ٻاسي کان، گلن جون ڪونڊيون رهن ٿيون. دروازي کان اندر ورانڊي ۾ پير رکندا، ته اتي هڪ وڏي آئيني سان لڪڻ ۽ ٽوپين رکڻ لاءِ ڪاٺ جو سٽينڊ رکيل هوندو ۽ پر ۾ عاليشان غاليچا پکڙيل هوندا، جن جي چوڌاري نيٽ جون خوبصورت ڪرسيون يا خوبصورت مخملي گاديلن ۽ تڪين سان ڪوچ رکيل هوندا آهن. وچ ۾ هڪ شيشي جي ڍڪ سان ٽپائي هوندي، جنهن تي هڪ عمدي گلدان ۾ تازن گلن جو گلدستو رکيل هوندو. ورانڊي ۾ ٻنهي طرف ٻاسن کان سٺن ڪرسين جون قطارون هونديون ۽ وچ غاليچن مٿان ننڍيون ٽپايون گلدستن سان رکيل هونديون. هيءَ ٻاهران آيل ماڻهن جي ترسڻ وارو ڪمرو ڪري سڏبو آهي. اتان اجازت

ملڻ تي ملاقاتيءَ کي گول ڪمري يا ڊرائنگ روم ۾ وٺي ويندا آهن، جتي ليڊر صاحب جي خاص ملاقات جو شرف سندس ملاقاتين کي نصيب ٿيندو آهي. گول ڪمري جي صوري تعريف ڪرڻ کان منهنجو قلم قاصر آهي: اڪثري سڄي هال ۾ بهترين عاليشان ايراني غاليچا وڇايل هوندا آهن، جن جي قيمت ٥ هزارن کان ١٠ هزارن روپين تائين ٿي سگهي ٿي؛ ڪمري ۾ طرح طرح جا عمدي ڪاٺ جا، ريشمي ڪپڙن ۾ ولاٽتي سپرنگن سان ڪيترا ڪوچ هوندا، جن تي ريشمي وهاڻا زريءَ جي پرت سان نزاڪت وڌائڻ ۽ ٽيڪ ڏيڻ لاءِ رکيل هوندا آهن؛ وچ ۾ ۽ آس پاس شيشي جي ڍڪن سان ڪيئي عمديون ٽپايون گلدستن سان سينگاريل هونديون، جن تي سگريٽن جي چارلاءِ ننڍيون خوبصورت پياليون ۾ رکيون هونديون؛ ديوارين جي ڪن پاڱن تي عمديون تصويرون ٽنگيل رهن ٿيون، ته درن ۽ درين تي ڪيمخاب جا پڙدا لڳل هوندا آهن؛ دروازا اسپرنگن تي بيٺل آهن، جي آهستي بنا آواز کلي، وري ازخود بند ٿي وڃن ٿا؛ ان ڪمري ۾ هڪ شيشي جي ڪبٽ ۾، چانديءَ جا برتن ۽ ليڊر صاحب کي ائڊريسون يا پين موقعن تي مليل قيمتي سامان پريو پيو هوندو، جو ڪمري جي رونق کي زياده تابدار بنائي ٿو؛ روم ۾ هڪ عمدو ريڊيو رکيو هوندو؛ سڄو ڪمرو بجليءَ جي عاليشان ۽ خوبصورت بتين ۽ پنکن سان سينگاريل هوندو. اڪثري بنگلن ۾ هن ڪمري کي بجليءَ ذريعي سرد ۽ گرم ڪرڻ جو به انتظام رکيل هوندو آهي، ۽ ان ۾ چوڌاري خوشبوءِ جي هبڪاري هوندي آهي. جي ڪو ملاقاتي خوش نصيب هوندو، ته اتان صاحب بهادر جي خانگي آفيس، روم ۽ ڪتب خاني جو به معائنو ڪري سگهي ٿو. آفيس ۾ هڪ عمديءَ ميز تي ٽيليفون رکيل هوندو. ڪمرو وڏن خوبصورت ڪتابن جي ڪبٽن سان پريو پيو هوندو، جن مان صاحب ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مس پڙهيو هوندو، ليڪن، پنهنجي علم دوستيءَ ۽ ڪمري جي رونق لاءِ، انهنجو هئڻ ضروري تصور ڪري، انهن کي اتي جڳهه ڏني ويئي آهي. ڪمرو ڪوچن ۽ ڪرسين سان پريل

آهي۔ غاليچا نہ هرڪمري ۾ ضرور هوندا آهن، انڪري انهن جي بار بار ذڪر ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي۔ ان ڪمري جي ٻاهران هڪ ٻہ پٽن سان دربان، حاضريءَ ۽ شان شوڪت وڌائڻ لاءِ بيٺل هوندا آهن۔ ٻيو ڪاڌي جو روم هوندو آهي، جتي غاليچن مٿان هڪ عمدي ميز، سفيد چادر ۽ گلدستن سان سينگاريل، رکي هوندي، جنهنجي چوطرف مهاڳني رنگ سان پالش ٿيل، چمڪندڙ، سپرنگن واريون عمديون ڪرسيون رکيل هونديون، هڪ طرف هڪ عاليشان ميز وڏن آئينن سان، ڪاڌي جي پليٽن ۽ برتنن رکڻ لاءِ رکيل هوندي، تہ ٻئي طرف وري شيشن سان هڪ وڏو ڪٻٽ پيل هوندو آهي، جنهن ۾ طرح طرح جا چيني ۽ چانديءَ جا برتن، چمچا، ڪانٽا وغيره ڪاڌي جو سامان، صرف نمائش لاءِ، رکيل هوندو آهي— چاڪاڻ تہ رواجي طرح ڪاڌي لاءِ سامان، ليڊر صاحب وٽ الڳ هوندو آهي؛ ان سموري نازڪ سامان جي قيمت ٥ هزارن کان ٢٥ هزارن تائين ٿي سگهي ٿي۔ صفائيءَ لاءِ هڪ طرف درين ۽ دروازن کي سپرنگن تي ڄارين وارا تاڪ، مکين کي روڪڻ لاءِ، لڳل هوندا، ٻئي طرف وري سڄي، ڄاءِ ڏوپ ۽ فلٽ جي هوا سان مهڪيل هوندي۔

ليڊر صاحب جو روزانو ڪاڌو کهڙو آهي، تنهن جو مختصر احوال بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو۔ صبح جو شروعات بسٽري تي بسڪوٽ کائڻ ۽ چانهہ پيئڻ سان ٿيندي۔ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ناشتو، کاني جي ڪمري ۾، ڪاڌو ويندو، جنهن ۾ جوَن، کير ۽ کنڊ جو ڀارج، نيم برشت بيضو يا آمليٽ، مڇي يا جيرانڊي يا مغز، بعد ۾ ڊبل روٽيءَ جا سيڪيل ٽڪر (ٽوس)، مارمليڊ يا جام ۽ مکڻ، بسڪوٽ، چانهہ يا ڪافي هوندا۔ ٻنپهرن جو، اول ۾ ميوي جي رس جو گلاس، گريپ فروٽ يا ٻئي ميوي سان کنڊ ملايل پيالو، گوشت، ڀاڄي يا باداميـن جو سوپ، ميويل گوشت جو هڪ قسم، مڇيءَ جو هڪ قسم، تتر يا ڪڪڙ تريل، پلاءُ ۽ گوشت، دال يا مڇيءَ جي ڪڙهي، پڊنگ يا آئس ڪريم، ميوو، چاڪليٽ، چيز، بسڪوٽ، ڪافي وغيره هوندا؛ تہ

شام جي وقت عمدا ڪيڪ، پيسٽري، مٺائي، سڪل ميوو، نمڪين بسڪوٽ ۽ چانهه هوندا آهن. رات جو اول ۾ ميوي جي رس، مٺاڻ ۽ مختلف پليٽن ۾ پنهنجن واري طعام جا پدليل نمونا هڪ ٻن اضافن سان ڪاڏا ويندا آهن. آخر ۾ سمهڻ مهل، هاضمي جي دوا ورتي ويندي!

صاحب، شام جو موٽرن جا سير، هوا خوري، سينيما، ڪلب، ناچ وغيره ڏسي واٺسي موٽي اچي ٿو، سمهڻ جي ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا بدلائي ٿو. اهو ڪمرو اڪثر ڪشادو، هوادار، قيمتي پردن سان سينگاريل، ايراني غاليچن سان ڍڪيل هوندو آهي، جنهن ۾ سپرنگن واري قيمتي پلنگ تي ريشمي بسترو نرم نرم وهاڻن سان، وڇايل هوندو آهي، جنهن تي وهڻ سان سندس نرميءَ ڪري ماڻهو اڌ ڍڪجيو وڃي؛ پاسو ورائڻ سان ائين معلوم ٿيندو ڄڻ ته گلن جي سيج تي ليٽي رهيو آهي. ڪمري ۾ خوشبوءَ جي هٻڪار آهي. ليڊر صاحب ڪي رات جي پائڻ لاءِ نرم ريشمي ڪپڙا زيب تن آهن. پيرن ۾ عمدي ريشمي تري سان نرم چپل پيل اٿس. سامهون وڏين آرسين سان ڪيترا ڪٻٽ رکيل آهن، جن ۾ سو ڏيڍ جوڙا عمدن ڪپڙن جا هرهڪ موقعي ۽ مهل جي پائڻ جا، سنن ڏوبين جا ڌوتل ۽ استري ٿيل، پريا پيا آهن. پلنگ جي پرم، ننڍي ٽپائي رکيل آهي، جنهن تي شيشي جو جڳ، سنهي ريشمي چاريءَ سان ڍڪيل ۽ بجليءَ جي بتي، پاڻيءَ سان ڀريل خوبصورت شيشي جي عمدي گلاس سان گڏ، رکيو هوندو آهي. ان ڪانسواءِ ان تي سٽيٽ ايڪسپريس سگريٽ جو دٻو، شراب جي بهترين قسم جي بوتل، سگريٽ دکائڻ لاءِ ڪمري ۾ عمدو سگريٽ لائيٽر، ۽ ٽي اخبارون ۽ نوڪر کي سڏڻ لاءِ بجليءَ جو بٽڻ هوندا. ڇت ۾ هوا لاءِ پکا، گرميءَ يا سرديءَ دور ڪرڻ لاءِ ايئرڪنڊيشن ذريعي انتظام هوندو آهي؛ ٻاهر جيڪڏهين ڪٿي افريقا جهڙي گرمي هجي، ته به صاحب جي ڪمري ۾ ڪشمير جي گلمرگ مڪان جي بهاري پيئي محسوس ٿيندي. درين کي، ٻاهرينءَ روشنيءَ جي گهٽ ڪرڻ، مٽيءَ کي روڪڻ، ۽ رونق

وڏائيءَ لاءِ، عمدا پڙدا لڳل هوندا. البت ڪمري ۾ برڪت ۽ زينت لاءِ هڪ طرف بهترين قرآن شريف جو نسخو، عقيق جي تسبيح، بهترين ريشمي يا اوني جاءِ نماز به رکيل هوندا آهن— ڇو ته پاڪائي ۽ دينداريءَ جي نمايش تي ئي ليڊر صاحب جو گذر آهي!

صاحب بهادر رات جو دير سان سمهڻ ڪري، صبوح جو دير سان اٿڻ جو عادي آهي، ۽ صبح جو ڏندڻ کان سواءِ چاءِ پي، سگريٽ ڇڪي غسل خاني ۾ ويندو. غسل خاني جو فرش سفيد چينيءَ جي سرن سان پنجن فٽن تائين ديوارين سميت جڙيل هوندو، منجهس چينيءَ جو ڪموڊ پيو هوندو، جنهن جي پرڀرو ولايت کان آيل سفيد ۽ نازڪ ڪاغذن جو ڍيرو صفائي لاءِ رکيو هوندو، پر ڀر وري هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ چينيءَ جي گينڊي هوندي ۽ انجي نزديڪ هڪ وڏو چينيءَ جو ٽب غسل لاءِ موجود هوندو. انجي مٿان عمدا فوهارا لڳل هوندا. نلن ۾ گرم ۽ سرد پاڻيءَ جو ڌار ڌار انتظام رکيل هوندو. پر ڀر سينگار جو ڪمرو هوندو آهي. ان ۾ هڪ سينگار جي ميز، آدم قد آئيني سان، رکيل هوندي آهي، جنهن تي جدا جدا قسمن جون ٿيه چاليه شيون رکيون رهن ٿيون، مثلاً ڪريم، سنو، وارن جا خوشبودار تيل، سينٽون، عطر، ڏاڙهي ڪوڙڻ جو سامان، وارن ٺاهڻ لاءِ ڪنگا ۽ برش، پائوڊر، ڪي دوائون ۽ ٻيون ڪيئي اهڙيون شيون، جن جي سجاڻپ لاءِ به خاص ماهر جي ضرورت آهي. پر ڀر پنجاه ڪن جوڙا بوٽن جا رکيا هوندا آهن. صبح جو اٿڻ کان پوءِ، تيار ٿي نيرن ڪرڻ جي وقت تائين، صاحب کي ڪم از ڪم به ٽي ڪلاڪ لڳن ٿا!

اهو آهي ليڊر صاحب جي رهڻي ڪهڻيءَ جو مختصر احوال: بيگم صاحب جي ريشمي ڪپڙن، زيورن، هار سينگار جي شين وغيره جو ذڪر ڪرڻ خلاف ادب ۽ تهذيب سمجهي، هتي ڪونه ٿا لکون. البت جيڪڏهين ڪنهن کي ان جي معلوم ڪرڻ جو شوق هجي، ته ضيافت جي موقعن، ناچ جي مجلسن، مينا بازار ۽ ٻين

پبلڪ تقريبن تي ان جي اداڻي جهلڪ جو معائنو ڪري سگهي ٿو.

ليڊر صاحب جي بنگلي تي ڏهن لکن کان ٽيهن لکن جي لاڳت ٽيل هوندي آهي. گهر ۾ ڪپڙا، زيورات، ڪاڏي جي برتنن، فرنيچر، غاليچن، موٽرن، ريڊين وغيره تي هڪ لک کان پنجن لکن جي موڙي سيڙايل هوندي آهي. سندس ماهيانو خرچ پنجن هزارن کان ويهن هزارن تائين رهي ٿو. جيئن ته پگهارن مان پورت ڪانه ٿي پوي، انڪري خانگي جائداد جهڙوڪ زميداري، مسواڙ تي جايون، ڪارخانن ۾ حصا، ڪمپنين ۾ شيئر، دوستن ۽ يارن کان سوکڙيون، پبلڪ کان نذرانا — جنهن کي ڪي حاسد رشوت جي بدنام نالي سان مشهور ڪن ٿا — وغيره ان خرچ جي پورائيءَ جا ڪي خاص ذريعا بنجن ٿا.

هاڻي پڙهندڙ، ٩٠ سيڪڙو غريب مسلمان ڳوٺائي ۽ عام شهرين جي رهڻي ڪهڻيءَ جي جهلڪ به ڏٺي، ۽ مسلم ليگ جي هڪ ليڊر، اسلام جي علمبردار، پاڪستان جي رکپال جي زندگيءَ جو نظارو به ڪيو. هاڻ ان تي ڇڏيل آهي ته ايمانداريءَ سان فتوي ڏئي ته انهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ اتحاد ۽ اتفاق ڪهڙي بنياد ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ ٿي سگهي ٿو!

”انسان مينهان ڌاڪيها ميلا،
اوڇرن جهنگ، اوڇرن پيلا!“

انهن ساڳين ليڊرن، پاڪستان حاصل ٿيڻ کان اڳ عام مسلمان کي پنهنجي حال تي دانهن ڪرڻ کان انڪري ٿي روڪيو ته ”ائين ڪرڻ سان مسلمانن ۾ انتشار پيدا ٿيندو ۽ پاڪستان ملڻ ۾ رنڊڪ پوندي!“ هاڻ پاڪستان ملڻ کانپوءِ، هي صاحب وري پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ، حيدرآباد، جهوناڳڙهه، ڪشمير جي معاملن جي فيصل ٿيڻ تائين، ويچاري ساڳئي وسوڙل مسلمان کي پنهنجي پويان چپ چاپ ۾ هلڻ واسطي هدايت ڪن ٿا. هن کان پوءِ، شايد اسلام کي خطري کان بچائڻ لاءِ، عوام کي ماٺ ۾ رهڻ ۽ ليگي ليڊرن جي پيروي ڪرڻ لاءِ چيو وڃي. گويا

پاڪستان جا ٩٠ سيڪڙو ماڻهو هميشه مسڪين، بي گهر، پنا ڪپڙي، مريض، جاهل ۽ ٻين مصيبتن ۾ مبتلا رهندا اچن، ۽ هندوستان کان لڏي آيل ٨٠ لک کن مسلمانن مان سواءِ چند جي ٻيا سڀ دربدر ۽ خاڪ بسر رهن، ۽ جاگيرداريون، بلئڪون، بليڪ مارڪيٽ، رشوت خوري، وڏن پگهارن جو حاصل ڪرڻ، بنگلا، محل، عيش عشرتون بدستور جاري هجن، ته پوءِ چئبو ته پاڪستان مضبوط ۽ ترقي يافته ٿي ويندو، جهوناڳڙهه، حيدرآباد ۽ ڪشمير جا مسئلا به حل ٿي ويندا، ۽ هنن ليگي ليڊرن جو اسلام به خطري کان بچي پوندو! هنن مسلم ليگي ليڊرن کان ڪڏهين ”اسلامڪ سوشلزم“ جا دلاسا پڌون ٿا، ته ڪڏهن عين اسلامي شرعي حڪومت قائم ڪرڻ جون ڳالهيون پڌون ٿا. پر عوام لاءِ هن ساري عرصي اندر، هنن اسلام جي شيدائن، جيڪو اسلامي سوشلزم قائم ڪيو آهي يا جيڪا اسلامي شرعي حڪومت بنائي هلائي آهي، ۽ جيڪا پيغمبر ۽ انجي اصحابن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سا اسان سڀني جي سامهون آهي. آخر سندن هوا دار محل، سونهري ۽ روپهري برتن، قيمتي ڪوچ ۽ غاليچا، بهترين موٽرون، طرح طرح جون دعوتون ۽ کاڌا پيتا وغيره— انهن سڀني لاءِ خرچ ميسر ٿي سگهي ٿو، ليڪن غريبن کي بوکڻ لاءِ پنهنجو ٽڪر، رهڻ لاءِ گهر، کائڻ لاءِ پوري خوراڪ ۽ بدن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي حاصل ڪرڻ لاءِ رکيو دانهن ۽ پڪار ڪرڻ جو به حق نه آهي— بلڪ ان کي اتحاد اسلامي جي برخلافي ٿو سمجهيو وڃي: فقط انهيءَ لاءِ جو ان مان ليگي ليڊرن ۽ سندن همجنس جي طبقاتي مفاد کي نقصان پهچڻ جو جو انديشو آهي؟

ڇا، پاڪستان جي مضبوطي ۽ ترقي ٩٠ سيڪڙو ماڻهن کي مٿين ذڪر ڪيل حالتن ۾ رکڻ ۽ ليڊران ليگ جي رنگ ولين ملهائڻ ۽ مزن ماڻڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي؟ يا اهڙي ماحول هيٺ ڪنهن به ترقيءَ جي اميد پيدا ٿي سگهي ٿي؟

جيڪڏهن اوهان غور ڪري ڏسندا، ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته ليگي ليڊرن جو، مسلمانن جي اتحاد قائم ڪرڻ جو نعرو لڳائڻ فقط عوام جو توجهه سندن حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ هڪ قسم جو دلبو آهي؛ اسلام ۽ پاڪستان جي خطري جو بوتو هڪ قسم جو ڍونگ آهي. ڇاڪاڻ ته هنن اسلام ۽ پاڪستان جي محافظن جو پنهنجو اٿڻ، وهڻ ۽ کائڻ پيڻ بلڪ ساري زندگي خود اسلامي روايات ۽ سادگيءَ جي عين مخالف آهي ۽ پاڪستان سان دشمنيءَ جي برابر آهي. ظاهر آهي ته پاڪستان جي مضبوطي ۹۰ سيڪڙو ماڻهن جي حالت سڌارڻ سان ٿي سگهندي ۽ نه انهن کي موجوده بکئي، ڏکئي ۽ اگهاڙيءَ جي حالت رکڻ سان!

(ت) صوبجاتي تفاوت ملڪ ۽ قوم لاءِ نقصانڪار آهن ڇا؟

هر ملڪ ۾ ڊڪيٽري جماعت، شاهوڪار طبقن، حڪمران شخصن جو هميشه کان اهو طريقو پئي رهيو آهي ته سموري طاقت پنهنجي هٿن ۾ رکڻ لاءِ ماڻهن جي آزاديءَ کي دٻائي، اتحاد ۽ وحدت جي نالي ۾، اهڙي نموني پاليسي هلائين، جيئن ملڪ ۽ قومون مجبوراً سندن مرضيءَ مطابق هڪ مصنوعي بناوٽ يڪرنگ سانچي ۾ خود ساخته طرز عمل موافق ئهي ۽ هلي سگهن. وڏين وڏين شهنشاهتن جي مالڪن، ڊڪيٽرن ۽ مذهبي ادارن جي ڪارڪنن هميشه ان ڏس ۾ پئي ڪوشش ڪئي آهي. ليڪن تاريخ شاهد آهي ته باوجود عارضي ڪاميابيءَ جي، سندن اها پاليسي ناڪامياب پئي ٿي آهي.

يورپ ۾ نيپولين، هٽلر وغيره جون ان طرف ڪوششون، چين ۾ جپانين جي ناڪام جدوجهد، ترڪن جو عرب ملڪن تي خلافت جي نالي ۾ تسلط، انگريزن جي هندوستان جي مختلف اقوام کي قوم بنائڻ جي پاليسي- اهي سڀ ڪوششون ناڪاميابه ٿيون.

هر هڪ فرد کي سندس ماحول جي پس منظر ماتحت ڪي پنهنجا بنيادي جذبات ٿيندا آهن، جن جي آڌار تي هو پنهنجي ملڪ ۽ قوم بنسبت خيال مقرر ڪندو آهي. قوم شخصن مان جڙيل هوندي آهي، ۽ اهو هر شخص جي ذهني ۽ جذباتي ساخت تي منحصر آهي ته منجهس قومي احساس پيدا ٿئي ۽ هو پاڻ کي انهي قوم جو فرد تصور ڪري. قومي فلسفي جي ماهر "رينان" جو چوڻ آهي ته "قوميت همجنسيت جو هڪ نفسياتي جذبو آهي، ان جذبي موجب صرف اهي ماڻهو پاڻ کي هڪ ڪري سمجهن ٿا، جي ساڳيءَ قوم جا آهن."

ماڻهو منيءَ يا ذاتوءَ وانگر نہ آهي، جو ان کي پلٽي بنا ديرجي حسب خواهش ڪا شئي بنائي سگهجي. جيئن هڪ ٻار کي پيدا ٿيڻ کان اڳي، ماءُ جي پيٽ ۾ ڏهہ مهينا رهڻ ضروري آهي، ان وانگر هڪ قوم بنجڻ لاءِ بہ عرصي تائين ساڳئي ملڪ، زبان، ٻاهمي واسطن، لڳ لاڳاپن ڪري مٿي ذڪر ڪيل همجنسيت ۽ ذهنيت پيدا ٿئي ٿي، جا ساڳئي قسم جي عادتن، لباس، رواج، تهذيب، روايتن وغيره جو ذخيرو، ڪئين هزار سالن جي تجربي بعد وڃي ٺهي ٿي. اهو هزار سالن جي تجربي ۽ محنت سان گڏ ڪيل ذخيرو هر هڪ صالح ماڻهن جي گروه وٽ، هڪ قومي امانت طور رهي ٿو، جنهن کي ڪيڏيءَ بہ قيمت تي هو ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. عرب بہ مسلمان تہ ترڪ بہ مسلمان، پر عربن ترڪيءَ جي خليفتہ المسلمين جي غلامي بہ زور سان گهڻي وقت تائين قبول نہ ڪئي، ۽ ڀهرئين موقعي ملڻ تي ئي، ترڪن سڳورن جا بوريا ۽ بسترا عرب مان ڪڍي ٻاهر ڪيائون. مصري ساڳيءَ طرح مسلمان هئا، پر ڪين پنهنجي قوم جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ سان اهڙو عشق هو، جو ترڪن جي خلافت اسلاميءَ کان بہ علحدو ٿيڻو پيو. مشرق وسطيٰ جا سمورا ملڪ مسلمان آهن پر ڪو بہ هڪڙو ملڪ ٻئي جي تسلط ۽ قوميت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. افغانستان ۽ ايران ٻئي مسلمان ملڪ آهن، ۽ ملڪي ٻولي بہ ساڳي اٿن، هر ڪو ورهن جي روايتن ۽ تهذيب کي قربان ڪري، هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي. آمريڪا جي گڏيل رياستن جا حاڪم يا ماڻهو چئي سگهن ٿا تہ ميڪسيڪو، ڪئناڊا، برازيل، پيرو ۽ چلي سڀ ملي هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي وڃن، مگر هر هڪ ملڪ جي تاريخ ۽ روايات اهڙي نظريي جي منافي آهن. ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي گڏيل رياستن جا ماڻهو نہ صرف ساڳئي نسل جا آهن پر ٻولي بہ ساڳي ڳالهائين ٿا، مذهب ۽ لباس بہ ساڳيو اٿن، رسمون رواج ۽ ادب بہ هڪ جهڙو اٿن، جاگرافيائي نقطي نگاه کان بہ هڪ آهن، ليڪن باوجود انجي بہ، ڪئناڊا قومي هستي برقرار رکڻ ضروري سمجهي ٿو. ساڳي حالت ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن

جي آهي؛ اڪثري آهي اسپين نسل جي ماڻهن مان آهن، لباس ۽ ٻولي ۾ گهڻو ڪري ساڳي اٿن، پر تنهن هوندي به هرڪو پنهنجي قومي خصوصيت قائم رکڻ گهري ٿو.

اهو ثابت ٿيل امر آهي ته جرمن ۽ سيلٽڪ ماڻهو ساڳئي نسل جا آهن؛ شهنشاه شارلمين جي فرانس ۾ ٻئي گڏ هئا، جاگرافيءَ جي نقطي نگاه کان به فرانس ۽ جرمني دور نه آهن، سندن زبان ساڳئي بنياد يعني انڊو جرمنڪ گروه مان آهي، باوجود انهيءَ، ڇا فرانس ۽ جرمني پنهنجي قومي خصوصيات مٽائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا، جيتوڻيڪ فرانس جي ادب کي ٻن صدين تائين جرمنن پڙهيو ۽ پسند ڪيو ۽ جرمن فلاسافي هڪ صدي تائين فرانس جي درسگاهن ۾ پڙهائي وئي!

تاريخ تي نظر ڊوڙائڻ مان پتو پئجي سگهندو ته باوجود ڪيترن هڪ جهڙين ڳالهين جي، يورپ گڏجي هڪ قوم ۽ ملڪ ٿيڻ بدران، قومي خصوصيات جي بنياد تي هميشه جدائي ۾ئي قائم رکي آهي.

قومن جو زور زبردستيءَ سان ڳانڍاپو ۽ خلط ملط ٿيڻ، حالتن جي اندازي ڪرڻ کان سواءِ ڪن فرضي، وهمي ۽ خيالي تجويزن پٽاندر نه ٿيندو آهي. ”تڪڙي ڪتي انڌا گلر ڄڻي“ وارو مثال مشهور آهي. جيڪو ماڻهو ميوي کي وقت کان اڳي زوراڻ يا مٽاڻ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، سو ان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندو. باوجود انهيءَ ته اختلاف ناپسنديءَ جهڙي ڳالهه آهي، ليڪن ارتقا جي راه ۾ اهو هڪ ضروري امر پڻ آهي، تنهن ڪري ان کي زور سان ٽارڻ جو نتيجو ملڪ جي ترقيءَ لاءِ موت جي پيغام برابر آهي.

مختصر طرح سان انهيءَ عام جائزي وٺڻ بعد، آءٌ سنڌ جي حالتن ۽ خصوصيتن ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائيندس. اسان تقريباً ٽن هزار ورهين جي تاريخي احوالن مان اهو صاف ڏسي سگهون ٿا ته باوجود مختلف ڌارين قومن، حڪومتن، تهذيبن،

زبانن وغيره جي اثرن جي، سنڌي اڄا تائين پنهنجي قومي هستيءَ کي قائم رکندا پيا اچن. اوائل ۾، سنڌ ايرانين جي تسلط هيٺ هئي، انهن جي تهذيب، زبان وغيره مان سنڌين جيتوڻيڪ گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو، ليڪن هنن پنهنجي قومي هستي ختم ڪري، ايراني زبان ۽ تهذيب کي هرگز قبول نه ڪيو. ان کان پوءِ، يونانين، وچ هندستان وارن، عربن، مغلن ۽ آخر ۾ انگريزن جي هر طرح جي ڪوشش جي باوجود، سنڌ وارا پنهنجي قومي هستي قائم رکندا آيا آهن.

تاريخ جي اهڙن ثبوتن هوندي، اهو خيال خام پيو معلوم ٿئي ته هن وقت چند سياستدان، نو ايجاد قومي نظريي، تهذيب ۽ زبان ذريعي، پنجابين، پٺاڻن، بلوچن، بنگالين ۽ سنڌين جي هزارها ورهين جي تهذيبن، روايتن ۽ زبانن کي ميٽي پنهنجي رنگ ۾ رنگي سگهندا. زوريءَ اهڙي ڪوشش ڪرڻ، ايڏي غلط پاليسي ٿيندي، جو جيڪڏهين انکي گهڻو وقت هلايو ويو، ته پاڪستان جا بنياد مضبوط ٿيڻ بدران ڪمزور ٿيندا. انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ جو بهترين نمونو سنڌس بنيادي سببن تي بحث ڪرڻ ۽ انهن کي سمجهڻ ۾ آهي، ۽ نه انهن کي پٺن پويان اڇلائڻ ۾. يورپ جي تازه ترين تجربن اهو صاف ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته مرڪزي حڪومت جي مضبوطي ۽ ڀلائي، ننڍين قومن جي وجود کي تسليم ڪري، انهن کي پنهنجي روايات، جذبات ۽ خواهشات مطابق ترقي ڪرڻ لاءِ آزادي ڏيڻ ۾ آهي، ۽ نه هنن کي زوريءَ ختمهن فرضي ۽ وهمي تجويز پٺاندر هلائڻ ۾. سوويٽ يونين (روس) جي مضبوطيءَ جو مثال اسان جي اکين اڳيان آهي. اتي هر هڪ قوم کي پنهنجي نموني ترقي ڪرڻ لاءِ هر قسم جا وسائل موجود ڪري ڏنا وڃن ٿا. سوويٽ يونين جي قومن جو اتحاد، اڄ دنيا جي گهڻن ملڪن لاءِ باعث رشڪ آهي.

لاهور ۾ ۱۹۴۰ع واري آل انڊيا مسلم ليگ واري اجلاس ۾ پاڪستان واري پاس ٿيل ٺهراءَ ۽ ان کانپوءِ جي تقريرن ۽

تحريرن موجب، پاڪستان ”آزاد ۽ خود مختيار رياستن جو مجموعو“ ٿيڻ وارو هو- ليڪن حصول پاڪستان بعد انجي حڪمرانن جي قول ۽ فعل مان اٿين پيو معلوم ٿئي ته موجوده بر سر اقتدار گروه آهستي آهستي ڪري سمورا اختيارات پنهنجي هٿ ۾ آڻي، انڪي پنهنجي جاگير وانگر ڪتب آڻي رهيو آهي- اها حقيقت هيٺين علامتن مان معلوم ڪري سگهجي ٿي:

ڪي پنجاب جا سياستدان، ۽ هندوستان کان آيل مسلمانن جو هڪ سياسي گروه، اسلام جي نالي جي آڙ ۾، ڪوشش ڪري رهيو آهي ته پاڪستان جي جدا جدا صوبن کي، باوجود سندن مختلف سرحدن، زبانن، قومي مفاد، تهذيبن، روايات ۽ تاريخ جي، زوريءَ ۽ مصنوعي طريقن سان، هڪ يڪي قوم ۽ يڪو ملڪ بنايو وڃي- انڪري جيڪڏهين ڪو ماڻهو سنڌ يا ٻئي صوبي جي تهذيب، زبان، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ ذهني آزاديءَ ۽ ترقيءَ جو نالو وٺي ٿو، ته انڪي اهو گروه اسلام ۽ پاڪستان جي دشمن جي نالي سان مشهور ٿو ڪري! اهڙيءَ طرح اهو ساڳيو گروه مرڪز ۾ پين صوبن سان برابريءَ جي درجي، مرڪزي حڪومت ۾ وزارت، نوڪرين وغيره ۾ حق گهرڻ جي سوال اٿارڻ کي صوبجاتي تعصب قرار ڏيئي، انکي مفاد عام جي خلاف ظاهر ڪري ٿو، ۽ هر هڪ صوبي جي جداگانه قومي هستيءَ ۽ خصوصيت مٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو، خود هر هڪ صوبي جي جدا قومي هستيءَ جي وجود کان يڪسر انڪار ڪري ٿو، ۽ انهيءَ جي برخلاف هڪ نئين موهوم قوميت جي وجود قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي- مسلم ليگ جو نظريو ته ”پاڪستان جا مسلمان هڪ قوم آهن“— مٿي ذڪر ڪيل رٿن جو بنيادي نقطو آهي- صوبجاتي اسيمبلين ۾ مرڪز طرفان ميمبرن جو نامزد ٿيڻ، صوبن جي وزارتن جو مرڪزي حڪمرانن جي اشاري ٻنيان ڊهڻ ۽ ٺهڻ، اردو، پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي زبان نه هئڻ جي باوجود به، هر صوبي مٿان زوريءَ مڙهڻ، ڪراچيءَ کي زوريءَ ڇني سنڌ کان ڌار ڪرڻ، الهندي

پاڪستان جي ننڍن صوبن کي ختم ڪري پنجاب سان ملائڻ، مڪاني هارين کي زمين تان بيدخل ڪري پنهنجي طرفدارن کي انتي وهارڻ، نوڪرين، واپار، ڪارخانن وغيره ۾ سنڌين کي منڍ اندر پورا حق نه ڏيڻ؛ اهي چند اهڙيون ڳالهيون آهن جي هوا جي رخ جو صاف پتو ڏين ٿيون. سنڌين جو مسلم ليگ جي اهڙين پاليسين کي قبول ڪرڻ گذشته ٽن هزارن ورهن جي ورثي کان هٿ کڻي، پنهنجي هستي ختم ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

اهو هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهن جو دستور ٿي ويو آهي ته قومن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪي عجيب نظريا پيدا ڪري، اول ۾ انهن قومن کي ذهني طرح غلام بنائين ٿا. اها هر فاتح قوم جي خصوصيت پئي رهي آهي. عربن، مغلن ۽ انگريزن ائين ئي ڪيو. انهن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ به حاڪم قوم جو لباس پائڻ، بولي ڳالهائڻ، عادات اطوار ۾ انهن جي پيروي ڪرڻ، مٿين طبقي جي خوشامدي گروه جو پيشو ٿي پيو هو.

پر هاڻي تعليم وڌڻ ڪري ماڻهو اهڙين سياسي چالبازين مان بخوبي واقف ٿيندا ٿا وڃن، تنهنڪري هو سمجهي سگهن ٿا ته آخر مسلم ليگ جي مٿي ذڪر ڪيل بنيادي مقصدن جي پورائي ڪرڻ لاءِ سنڌين کي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي.

مونکي يقين آهي ته جيئن سنڌ اڳين سمورين آزمائشن ۽ مصيبتن مان چڙهي ويئي، تيئن هن بان به چڙهي ويندي. پر اهو مقصد گهڻي مشڪلاتن ۽ تڪليفن سهڻ بعد حاصل ٿي سگهندو. گهر ويٺي، مفت ۾، اهي اميدون رکڻ نه گهرجن.

اسان جي وڏي ۾ وڏي وٿ جا اِسان کي پاڻ وسارڻ کان مانع آهي ۽ پين جي ٻنگلن ٿي پلجي پنهنجي جهوپڙين کي نه ڇڏڻ جو سبق سيکاريندي، سا "وطن جي حب" آهي.

اسانکي اسانجو سدا جيئرو شاعر شاه عبداللطيف عليه رحمته چئي ويو آهي ته سنڌ ٿي سڪار ۽ سک ٿيڻ جو اونو رکنجو، پنهنجي

ونڙهيچن، وطني ٻائرن، ٻر ٻ ٻکا اڏي وڻيلن، اوهان ساڻ جنم گذارڻ وارن کي نہ وسارجو، ۽ ٻين جي محلاتن، عمدن طعامن، خوبصورت ڪپڙن وغيره تي ٻلجي، سون تي سيڻ نہ مٽائجو، لوئي نہ لاهجو، ڪر نہ لڄائجو، ملير نہ وسارجو، ڪوٽن ۾ خوش ٿي مزا نہ مائجو— سدائين ڪوٽن جي ڪرڻ، زنجيرن جي ٽنڻ ۽ بندن جي ٻڌڻ جي تمنا رکندا اچجو! آخر ڪڏهين نہ ڪڏهين، مولا مهر جا مينهن وسائيندو ۽ ڏولائي جا ڏينهڙا گذري ويندا، سائيه وسندو ۽ سڪار ٿيندو!

(ث) مسلم ليگ نہ سواد اعظم آهي ۽ نہ انجي مخالفت مسلمانن جي ڪمزوري جو ڪارڻ ٿيندو

مسلم ليگ جي بنيادي اصولن مان چوٿون اهو آهي تہ "مسلم ليگ نہ صرف پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ عارضي جماعت طور بنائي ويئي هئي، ليڪن هن جماعت جو مقصد مسلمانن جي اجتماعي زندگيءَ کي نئين سر زنده ڪري، شريعت اسلاميءَ جي ماتحت آڻڻ ۽ ساريءَ مسلم قوم کي منظم ڪري، اسلام جو غلبو ۽ ترقي حاصل ڪرڻ آهي؛ تنهن ڪري، مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت هئڻ جي حيثيت ۾، انجو درجو سواد اعظم جو آهي: انجي مخالفت اسلامي سوسائٽيءَ ۾ انتشار وجهڻ ۽ ان کي ڪمزور ڪرڻ جي برابر ٿيندو. مطلب تہ هن جي ضرورت پاڪستان جي حاصل ڪرڻ واري هنگامي مقصد بعد گم نہ ٿي ويئي آهي، بلڪ جيستائين مسلمان هوندا، تيستائين هن جو هئڻ بہ لازمي آهي."

هن اصول جي بناءَ تي مسلم ليگ هيٺين خاصيتن جو مخزن بنجيو پوي:—

۱. اها جماعت هنگامي مقصدن ۽ مرادن لاءِ نہ هئي، بلڪ حالتن بدلجڻ بعد، انجا مقصد بدلائي ۾ ان کي هڪ مستقل جماعت جو درجو ڏيئو آهي.

۲. اها جماعت نہ صرف ملڪ جي سياسي ڳالهين سان واسطو رکي ٿي، پر مسلمانن جي معاشرتي، اقتصادي، اخلاقي ۽ مذهبي زندگيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ هڪ ذريعو ڪري ڪتب آندي ويندي، تنهنڪري اها مذهبي حيثيت بہ رکي ٿي.

۳. انهيءَ سبب ڪري، سياست ۽ مذهب کي گڏي هڪ

ڪري هلائڻ، ليگ جي ڪارڪنن لاءِ ضروري ٿيو پوي ٿو.

۳- انهيءَ حيثيت ۾ انجو واسطو نہ صرف حڪومت جي انتظامي ۽ تعميري ڳالهين سان پوي ٿو، ليڪن هر مسلمان جي خانگي زندگيءَ جي هر معاملي سان پڻ هن جو خاص تعلق رهي ٿو.

اسان وٽ انهن سوالن جا جواب هيٺينءَ طرح ٿي سگهن ٿا:-

(ا) بطور هڪ مستقل جماعت مسلم ليگ جو وجود

اسان جي سمجهہ موجب، مسلم ليگ، سندس بانيڪارن ۽ مکيہ ليڊرن جي نظريي مطابق، هميشہ هنگامي مقصدن حاصل ڪرڻ واسطي هڪ سياستي جماعت ٿِي رهي آهي. انکي دائمي جماعت بنائڻ هڪ بيڪار اصول ٿيندو، جنهن مان نہ صرف مذهب اسلام کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، بلڪ مسلم سوسائٽيءَ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ بہ رڪاوٽ پوڻ جو خطرو آهي.

اسلام ۽ مسلم سوسائٽيءَ کي نقصان پهچڻ جو انديشو انڪري آهي، جو هيءَ جماعت پاڪستان حاصل ڪرڻ بعد، اسلامستان جا خواب لهڻ لڳي آهي، جو پڻ هڪ هنگامي مقصد آهي- ليڪن ان سان واسطو رکندڙ سوال اهڙا آهن، جو اهي سدائين رهندا ايندا.

جيئن پاڪستان حاصل ڪرڻ بعد، انکي مضبوط ۽ منظم ڪرڻ جي عذر تي هر مخالفت کي نقصان ڪار سمجهي، قوم جي آزاد راءِ ۽ خيالات جي تبادلي کي روڪڻ ڪري ان ۾ وسعت خياليءَ لاءِ دروازا بند ڪيا وڃن ٿا، تيئن جملي مسلم سوسائٽيءَ کي اسلام جي نالي ۾ چند ماڻهو ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا، ۽ ساري عالم اسلام جي سياست هنگامي بنيادن تي قائم ڪرڻ سان مسلم سوسائٽي فسطائي طاقتن جي اثر هيٺ اچي ويندي، جنهن ۾ پيغمبر خدا جي حديث "اختلاف امتي رحمت" جو مقصد ۽ مفهوم گم ٿي ويندو، جا ڳالهہ انجي فلاح ۽ بهبوديءَ جي برخلاف آهي.

(۳) سياسي حيثيت سان گڏ مذهبي حيثيت

اسانجي نظر ۾، مسلم ليگ کي صرف سياسي ڳالهين سان تعلق رکڻ جي عيوض، انکي مذهبي رنگ سان رنگڻ مان فائدي بدران نقصان پهچڻ جا انديشا آهن. دنيا جي تجربي مان ثابت ٿي چڪو آهي ته سياست کي مذهب سان گڏڻ ڪري انسان ذات کي اڪثر اڪيچار نقصان پهتا آهن.

انجو مطلب اهو نه سمجهڻ گهرجي ته اسان ملڪ جي سياست مٿان مذهب ۽ اخلاق جي اثر ۽ ضابطي جي ضرورت کان انڪار ٿا ڪريون، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهين ملڪي معاملات کي اخلاق جي اثر ۽ ضابطي کان آزاد ڪيو ويندو، ته خود مطلب ۽ حريص ماڻهو ۽ طبقاتي مفاد، انسان جي خيال کي بالائي طاق رکي، انهن ملڪي معاملات کي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا، ۽ عوام الناس هميشه محڪوم ۽ مظلوم رهندو ايندو. تنهنڪري، سياست کي اخلاقي اصولن کان دور ڪرڻ ٺيڪ نه ٿيندو ۽ حقيقت ۾ سياست تي مذهب جي اثر ۽ ضابطي جو مطلب ئي اهوئي آهي. اهڙي اعليٰ مقصد کي پهچڻ لاءِ قوم جي هر فرد ۾ خيال ۽ عمل جي يڪسانيت هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهين قومي اڳواڻ وزارتن ۽ اسيمبلين ۾، منصف فيصلن ڪرڻ ۾، پوليس عملدار بچاءَ ڪرڻ ۾ صحيح طريقي تي نه هلندا، ۽ منجهن رشوت، بدڪاري، شراب خوري، عياشي، خود مطلبي، ريا وغيره پريو پيو هوندو، ته ملڪ جو ڪاروبار خراب، نظام بگڙيل ۽ حالتون فساد واريون، ۽ مسڪيني، جهل ۽ بد اخلاقي جيئن پوءِ تيئن زياده پکڙندا رهندا. تنهن ڪري، ملڪي معاملات جي هلائڻ لاءِ اصولن، پاليسيءَ ۽ پروگرام جي صحيح ۽ ٺيڪ هجڻ سان گڏ، انهن جي سر برآوريءَ لاءِ امانتدار، با اخلاق ۽ خلق خدا جي محبت ۽ خدمت جي جذبي رکڻ وارن ڪارڪنن ۽ عملدارن جي ضرورت پوي ٿي. سياست تي مذهب جي اثر ۽ ضابطي جو مطلب صحيح طرح صرف اهوئي وٺڻ گهرجي — ليڪن، تاريخ

انساني ان امر جي شاهد آهي ته **مذهب کي سياست ثي اثر انداز ڪرڻ بدران، پاڻ سياست جو رانديڪو بڻائي ڇڏي ڪتب آندو ويو آهي.** شروع کان وٺي اڄ تائين، حڪمرانن جو ڪثير تعداد روحاني ۽ اخلاقي ترقيءَ جي ان بلند معيار تي ڪونه پهتو آهي، جو خود مطلبي ۽ استعمال غرضيءَ جي خواهشن کي ترڪ ڪري، پنهنجي مفاد کي عوام جي نفعي لاءِ قربان ڪري، قول ۽ فعل ۾ يڪسان ٿي سگهي. پيغمبرن، فيلسوفن، امتن جي حڪيمن جا قول ۽ فعل يڪسان هئڻ ڪري، البت ابتدا ۾ پنهنجي تعليم سان عوام کي فائدو پهچائي سگهيا آهن، ليڪن جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ۽ ابتدائي جوش جهڪو ٿيندو ويو، تيئن تيئن سندن پوئلڳ پنهنجي خامين ۽ ڪوتاهين سبب، مذهب جي اصولن کي وساري، انکي شخصي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا، ۽ اهي ڳالهيون جي ڪنهن وقت خير جو ڪارڻ هيون، سي انساني ڪمزورين ڪري، شر جو باعث بنجي پيئون. جاهل ۽ پسمانده عوام کي سوچي سمجهي پوئلڳي ڪرڻ جي طاقت ڪانه هوندي آهي. هڪ دفعو جيڪڏهين ڪين ڪن ڳالهين ۾ ڳچو ويساه ٿي ويو، ته گهڻي وقت تائين انڌا ڌنڌ خوش اعتقاديءَ سان، انهن دستوري اصولن جي نالي ۾ ناجائز فائدي وٺندڙ، چالاڪ ۽ خودمطلب ماڻهن پٺيان پيا هلندا، جيستائين ڪ وقت ۽ تجربو کين معلوم ڪرائي تـ ظاهريءَ طرح سٺين ۽ سهڻين ڳالهين، دلڪش ۽ دلاويز نظارن جي دلاسن تي ساڻن ڌوڪو ڪيو پئي ويو!

تاريخ عالم جي واقعن کي ڇڏي، جيڪڏهين رڳو تاريخ اسلام جي واقعن تي نظر ڪبي، ته انهيءَ عام انساني ڪمزوريءَ جا ڪارناما اتي به نمايان نظر ايندا، ۽ ثابت ٿيندو ته ليڊرن جي قول ۽ فعل يڪسان نه هئڻ ڪري، مذهب کي سياست سان گڏجڻ ڪري، خود مذهب اسلام کي ملڪ ۾ نفاق ۽ استعمال غرضيءَ لاءِ پئي ڪتب آندو ويو آهي.

خلافت راشده جي دور کي ڇڏڻ بعد (اگرچه ان وقت به انهيءَ مائکي اختلاف جي ڪري ٽي خليفا شهيد ڪيا ويا هئا، جنهن سبب ملڪي سياست ۽ معاملن جو، مذهبي معاملن تي اثر پوڻ لڳو هو) ڏسبو ته واقعات ڪربلا ۾ خواه ان بعد، بني اميه، بني عباس ۽ پين بادشاهن جي ڏينهن ۾، مذهب کي ڪيئن نه سياسي مقصدن لاءِ ڪتب آندو ويو آهي! اها ڳالهه تاريخ دانن کان ڳجهي ڪانه آهي. انهيءَ جو نتيجو هي نڪتو، جو مذهب، مسلمانن جي مضبوطيءَ ۽ اتحاد جي عيوض، منجهن ڪمزوريءَ ۽ نا اتفاقيءَ جو ڪارڻ بنجي پيو. مسلمانن جو مختلف فرقن ۾ ورهائجڻ، هڪ ٻئي کي ڪثير تعداد ۾ قتل ڪرڻ، منجهن طرح طرح جي بدعتن جهڙوڪ بادشاهي، جاگيرداري، زمينداري شاهوڪاري وغيره جو رواج پوڻ، عياش زندگي گذارڻ، عدالتي معاملن ۾ انتظامي ڳالهين جي ڪري دست اندازي ڪرڻ، مسلمانن ۾ نسلي ۽ طبقاتي امتيازات پيدا ٿيڻ، آزاد راءِ ۽ جماعت بنديءَ تي رڪاوٽون پوڻ، بيت المال کي چند شخصن، قبيلن يا طبقن جي ذاتي يا طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ، حاڪمن، قاضين، عالمن، عملدارن وغيره جي انتخاب لاءِ عملي، اخلاقي ۽ انتظامي لياقتن جي عيوض نسل چاپلوسيءَ ۽ پيسي جي لياقتن جو اثر پذير ٿيڻ، سڀ اهڙا ڪم هئا، جي چالاڪ سياستدانن هٿان مذهب جي نالي ۾ سرزد ٿيا؛ حڪومت اگرچ مذهب جي نالي ۾ ته ڪئي ويئي؛ ليڪن حڪمران طبقي ۾ ڪوبه اخلاق باقي نه رهيو هو—سندن قول ۽ فعل هميشه جدا جدا ٿي رهيا. نتيجو اهو نڪتو، جو مذهب کي چند چالاڪ سياستدانن جي خود مطلبين ۽ منصوبن جو اوزار بنائي استعمال ڪيو ويو، ۽ انهيءَ ڪري عوام تان مذهب جو اخلاقي اثر جيئن پوءِ تيئن گهٽجڻ لڳو، ۽ مذهب آخر وڃي ڪن دستوري اعتقادن ۽ عبادتن جي دائري ۾ محدود ٿيو ۽ پنهنجو بنيادي انقلابي روح وڃائي ويٺو.

اسان جي خيال ۾ موجوده ليگي ليڊرن ۾ ڪابه اهليت نه آهي، جو پنهنجي زندگي ۽ سياست (شروع ۾ بيان ڪيل) خالص ۽ صحيح

مذهبي اثر هيٺ هلائين، بلڪ منجهن آئنده پڻ مذهب کي پنهنجي مقاد لاءِ ڪتب آڻڻ جو قوي امڪان آهي، جيئن هو اسانجي اکين اڳيان اج ڪلهه ڪري رهيا آهن. تنهنڪري، سياست کي مذهب سان گڏڻ وارو ليگ جو اصول، عوام ۽ اسلام لاءِ ظاهر ظهور نقصانڪار آهي، ۽ اڳتي هلي اجا به وڌيڪ نقصانڪار ثابت ٿيندو.

(۳) مسلم ليگ ليڊرن جي مذهب ۽ سياست کي گڏڻ جو نتيجو.

مٿي ذڪر ڪيل نظريي مطابق، مسلم ليگ جي ليڊرن کي معلوم آهي ته سياست ۾ مذهب کي گڏڻ، ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ نقصانڪار ٿيندو، ۽ هو، سواءِ وڏين دعوائن ڪرڻ جي، عملي طرح مذهبي اصولن مطابق زندگي گذاري ڪين سگهندا، ڇاڪاڻ جو سندن رهڻي ڪهڻي اسلامي سادگيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جي عين مخالف آهي، مگر انهيءَ هوندي به اهي ليڊر صرف مقاصد پورا پاس ڪرڻ، اسلام ۽ سنت نبويءَ جي حڪومت جاري ڪرڻ جا ارادا ظاهر ڪرڻ، ساريءَ دنيا تي زباني طرح اسلامي تعليم جي برتري ۽ فوقيت ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، اسلامستان قائم ڪرڻ جا گهاٽ گهڙڻ، ۽ ٻين اهڙن هرشربا قسمن جا سر آلا پيندا رهن ٿا.

ٻئي طرف، ماڻهو وري سندن شخصي زندگيءَ، سرڪاري پاليسيءَ، ملڪ ۾ بداخلاقيءَ، مسڪينيءَ ۽ جهالت کي ڏسي نقط چيني ڪرڻ لڳن ٿا، جنهن ۾ ليڊرن جي خانگي زندگي ۽ طريقۂ حڪومت خاص طرح نشانا بنايا وڃن ٿا.

اسان سياسي اختلافن کي ذليل ۽ شخصي حملن جي زد کان بچائي بلند بلند معيار تي آڻڻ جا طرفدار آهيون. جئن ته ڪو به انسان خامين کان خالي نه هوندو آهي، انهيءَ ڪري سياسي ڪارڪنن جي خدمات، جذبات ۽ اصولن کي نظر ۾ رکي اسانکي نقط چيني ڪرڻ گهرجي. ليڪن ليگ ليڊرشپ جي اها غلط پاليسي هر ورق ماڻهن کي رواجي ۽ شخصي حملن جي طرف مجبور ڪري

ٿي. اسان جي راءِ آهي ته سياست کي بلند معيار تي آڻڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته سياست ۾ شخصي ۽ خانگي معاملن کي نه آڻڻ گهرجي. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن ليگ ليڊر اول پاڻ مذهب جي نالي ۾ عوام کي بي وقوف بنائي استعمال غرضيءَ لاءِ ڪتب آڻڻ جي روش کي ڇڏي ڏيندا.

(۴) جماعت جو زندگيءَ جي هر معاملي سان واسطو

دنيا جي تاريخ مان پتو پئجي سگهي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن جماعت يا گروه عوام جي هر ڪم ۾ دست اندازي ڪئي آهي ته انجو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي ته ان جماعت يا گروه جا ڪي ماڻهو پنهنجي خيالن ۽ نظرين کي، جي اڪثري سندن شخصي ۽ طبقاتي ڪمزورين ۽ ماحول جي اثر هيٺ پيدا ٿيل هوندا آهن، عوام لاءِ، بنا مشوري ۽ صلاح ڪرڻ جي، بهترين سمجهي مٿن زوريءَ مڙهيندا رهيا آهن. جنهن ڪري عوام جي اجتهادي مادي کي گهڻو نقصان پهچندو آهي ۽ ماڻهن کي چند شخصن جي وهمي ۽ فرضي خيالن ۽ راين پٺاندر زوريءَ هڪ طريقه زندگيءَ ۾ هلائڻ جي ڪري ڪنهن عارضي طرح ترت نتيجا مثلاً انتظام جي درستي ۽ مصنوعي وحدت پيدا ڪري ٿي، ليڪن ان جي ڪمن کي پائداري ڪانه ٿي رهي.

تازو جرمني، اٽليءَ ۽ جپان جي ملڪن ۾ انهيءَ طريقي جي سياست جا تجربا اتي جي ماڻهن لاءِ تمام نقصان ڪار ثابت ٿيا آهن. اسان جي نظر ۾ مسلم ليگ ليڊرن جي دعوي مان ته هو مسلمانن جي خانگي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ دخل اندازي ڪري سگهن ٿا، محض سندن فسطائيت جي رجحان جو پتو پئجي سگهي ٿو. هو مسلم ليگ کي مذهب جو قائم مقام بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ هر ڪا ڳالهه انهي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. نتيجو اهو ٿو ٿئي ته پنهنجي عيبن جو پتو نٿو پوين ۽ پاڻ کي همه صفت موصوف سمجهي، هو اهڙا ڪم ڪري رهيا آهن، جن تي جيڪڏهن ترت ضابطو نه رکيو ويو ۽ انهيءَ طريقه ڪار ۾

تبديلي نہ آندي ويئي، تہ ملڪ ۽ قوم لاءِ تباهہ ڪن نتيجن نڪرڻ جو امڪان آهي.

مٿي ذڪر ڪيل مضمون ۾، مون حتي الامڪان اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مسلم ليگ، هر نگاهہ کان، ملڪ ۽ قوم لاءِ فائديمند ٿي ڪين سگهندي، ۽ انهيءَ جو بنياد جن مکيہ اصولن تي رکيل آهي سي موجوده دنيا جي حالتن مطابق بيڪار ۽ فرسوده ٿي چڪا آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان هاڻ هن جماعت کي زياده وقت زنده رکڻ مان نہ رڳو ڪو بہ فائدو حاصل نہ ٿيندو، بلڪ ملڪ ۽ انجي رهاڪن کي انهان سخت نقصان رسڻ جو قوي امڪان آهي.

—:O:—

فصل ٻيو

مسلم ليگ جي قائم رکڻ جي ضرورت باقي نہ رهي آهي

اهو ڪنهن کان بہ مخفي نہ آهي تہ مسلم ليگ برصغير هندستان ۾ انهيءَ لاءِ قائم ڪئي ويئي هئي تہ مسلمانن جي حقوق جي حفاظت ۽ قومي هستيءَ جي بچاءَ جي ڪوشش ڪري. انجي مقصد جي آخري شڪل پوءِ پاڪستان جي صورت ۾ نمودار ٿي. انڪري اها هنگامي مقاصد لاءِ هنگامي اصولن جي بنياد تي قائم ڪيل هڪ جماعت هئي، ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد هر سمجهدار ماڻهوءَ کي اميد هئي تہ اها کي ختم ڪيو ويندو، ليڪن اها نهايت تعجب جي ڳالهہ آهي تہ باوجود انهي علم جي تہ هنگامي اصولن تي هلندڙ جماعت رواجي حالتن ۾ فائدي بدران نقصان ڪندي، انکي سندس ليڊر هلائيندا اچن ٿا.

جنگ يا ٻئي ڪنهن وقتي يا هنگامي ضرورت وقت، ملڪ يا جماعتن لاءِ رواجي صلح ۽ تعميري زماني جي حالتن کان نرالا طريقا ۽ پاليسيون اختيار ڪيون وينديون آهن. مسلم ليگ کي بہ پاڪستان حاصل ڪرڻ جي هنگامي مقصد واسطي هيٺين طريقن يا پاليسين جي بنياد تي هلايو ٻئي ويو:—

١- مسلمانن ۾ خوف پيدا ڪري انهن کي "عام خطري" کان بچڻ لاءِ مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ متحده ۽ متفق ٿيڻ جي تلقين ڏني ٿي ويئي.

٢- انڪري آزاد راءِ ۽ هر اختلاف جي ڳالهہ کي برداشت نہ ڪري، مخالفت کي هر ممڪن طريقي سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي؛

٣- مخالفت کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ساريءَ سياست جو بنياد هر مخالف جي برخلاف نفرت پيدا ڪرڻ تي رکيو ٿي ويو.

٤- وقتي ضرورتن ۽ مصلحتن خاطر اخلاقي معيارن ۽ لياقت جي سوالن کي نظرانداز ڪيو ٿي ويو؛

٥- ملڪ جي تعميري ۽ اصلاحي مسئلن ڪي، مکيه مقصد حاصل ٿيڻ تائين ، پوئتي ٽاريو ٿي ويو.

پهتر ٿيندو جيڪڏهين اسان مٿي ذڪر ڪيل مقصدن مان هر هڪ جي نفس مضمون تي بحث ڪري واضح ڪريون، ته مکيه مقصد حاصل ٿيڻ کان پوءِ، عام رواجي ۽ تعميري حالتن هيٺ، انهن اصولن مان ملڪ ۽ قوم کي ڪهڙي نه نقصان پهچڻ جو انديشو آهي !

(۱) خطري جي خوف کان اتحاد ڪرائڻ

علم نفس جي ماهرن جو چوڻ آهي ته انسان، اڪثر جانورن وانگر "ولرن ۾ گذارڻ" جو فطري جذبو رکي ٿو ۽ هو هر خطري جي مهل تي "حفظ ماتقدم" جي اصول پٽاندر پنهنجي بچاءَ لاءِ بي تحاشا پنهنجي ولر يا جماعت طرف ڊوڙي ٿو.

دنيا ۾ هر شي جا ٻه طرف هوندا آهن. جهڙيءَ طرح خطرا ۽ خوف به حقيقي ۽ مصنوعي، يا دائمي ۽ عارضي هوندا آهن، اهڙيءَ طرح اتحاد قائم ڪرڻ جا به ٻه جدا نمونا ٿيندا آهن: هڪڙو اتحاد حقيقي، جو پڪن بنيادن تي قائم ڪيو ويندو آهي، ۽ ٻيو مصنوعي، جو عارضي ۽ مصلحتي طريقن تي وقتي طرح وجود ۾ آندو ويندو آهي.

خوف ۽ خطري ذريعي اتحاد جو حصول اگرچ عارضي طرح ماڻهن ۾ طبع جون سڪون پيدا ڪري ٿو، ليڪن ان کي بار بار ڪتب آڻي ڪري منجهن بزدلي، حواس باختگي ۽ ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي، جي زهريليون صفتون قومي زندگيءَ لاءِ مرض مهلڪ جو ڪم ڏين ٿيون. جهڙيءَ طرح سخت بدني سورن کان عارضي طرح بچڻ لاءِ اسپرين جي دوا هڪ ترت ساڪن درد جو ڪم ڏئي ٿي، ليڪن ان جو گهڻو استعمال ساري بدن ۾، خاص طرح دل تي، ڪمزوري پيدا ڪري ٿو، تهڙيءَ طرح هر عارضي علاج دائمي طرح ڪتب آڻڻ، خلاف مصلحت ۽ نقصانڪار آهي. اهو مادي جي فطرت جو ڪليه قاعدو آهي ته اعتدال کان سواءِ

دائميت يا مضبوطي هرگز حاصل نہ ٿي ٿئي۔ هر جوش ۽ اشتعال، خوف ۽ ڪمزوريءَ جي حالت ۾ سمجهہ ۽ فڪر جو توازن قائم نٿو رهي سگهي، تنهنڪري انساني ڪمزورين ۽ خامين کي مدنظر رکندي، مطلق العنان حاڪم، ڊڪٽيٽر ۽ چالاڪ سياسي ليڊر، اڪثر پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ، ماڻهن ۾ جوش يا خوف، ڪن وهمي، فرضي ۽ هنگامي مسئلن بنسبت پيدا ڪري، سندن فڪر جو مادو مسخ ڪري، پنهنجي پويان انڌا ڌنڌ هلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن۔ مسلم ليگ ليڊرن بہ ساڳئي طريقي تي، انگريزن جي پنهنجي شهنشاهي مصلحتن خاطر هندن ۽ مسلمانن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جي پاليسيءَ جو فائدو وٺي، هندن جي صاحب اقتدار طبقي جي تنگ نظر ۽ خود مطلب روش ۽ مسلمانن جي پوڙهيل ۽ پيلڪيت واري طبقي جي سڌن جي پيدا ڪيل حالتن جي آڌار تي، مسلم عوام ۾ قومي هستيءَ جي ختم ٿيڻ جو خوف ۽ خطرو پيدا ڪري، ڪين ان کي منهن ڏيڻ لاءِ "اتحاد" جي تلقين ڏيڻ شروع ڪئي۔ هو ان مقصد ۾ ڪامياب ٿيا، مسلمانن سندن ساٿ ڏنو، پاڪستان حاصل ٿيو۔

خطرو ۽ امن، ڏک ۽ سک، انساني زندگيءَ سان هميشه وابستہ رهن ٿا۔ هر خطري جي پٺيان امن آهي، ۽ ڪوبہ امن خطري کان خالي نہ آهي: اهڙيءَ طرح سان سک ۽ ڏک بہ هميشہ ڦرندا گهرندا رهن ٿا۔ دائميت ڪنهن کي نہ آهي۔ خود قدرت رات پٺيان ڏينهن ۽ ڏينهن پويان رات آڻي ٿي۔ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد اهو عوام جي فائدي پٺاندر هو تہ خطري ۽ خوف جي حالتن واريءَ پاليسيءَ کي ختم ڪري، امن جي حالتن مطابق سياست کي از سرنو بدلايو وڃي ها۔ ليڪن ڏٺو ويو تہ ليگ ليڊرن انجي برعڪس عمل ڪيو، اهي قومي مرض جا حقيقي ماهر ڪونہ هئا، جو عارضي ۽ دائمي علاج جي وچ ۾ تميز ڪري سگهن۔ ازانسواءِ منجهانئن ڪيترا نا اهل، راشي، خود مطلب ۽ قومي رهبريءَ لاءِ رواجي حالتن هيٺ اڻ لائق هئا۔ تنهن کان سواءِ ڪين معلوم هو تہ غير معمولي حالتن جي تقاضا

موجب جڏهين جوش ۽ خوف جي حالتن هيٺ قومي سمجهه جو توازن بگڙيل هو، تڏهين هنن قوم کي هڪ اهڙي ذهني ۽ طبعي اضطراب جي حالت ۾ آڻي بهاريو هو، جو جيڪڏهين حالتن، جي ساز گار ۽ پر امن هئڻ جو اعلان ڪري پاليسي بدلائي وڃي ها ته منجهانئن ڪيترا ساڳين پوزيشنن تي قائم رهي نه سگهن ها: تنهنڪري پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد کي مدنظر رکي، هنن نه ليگ کي ختم ڪيو ۽ نه خوف ۽ خطري جي ختم ٿيڻ جو اعلان ڪيو. اڳي پاڪستان جي حاصل نه ٿيڻ ۽ هندن جي اقتدار قائم ٿيڻ جو خطرو سندن سامهون هو، ته هاڻ وري پاڪستان جي ڪمزوريءَ يا ختم ٿيڻ، جهوناڳڙهه، حيدرآباد، ڪشمير وغيره جي دشمنن جي هٿ چڙهي وڃڻ، دهريت ۽ ڪميونزم جي اچڻ جو انديشو پيش ٿين.

انهن بهانن ۽ عذرن جي آڌار تي، قوم ۾ اظهار راءِ، جماعت بنديءَ، تقرير ۽ تحرير جي آزاديءَ تي (جي قومي غور ۽ فڪر ۾ نئين زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري ڳالهيون آهن) بندش وجهي قوم جي اجتهادي جذبي کي ڪند ڪيو پيو وڃي. گهڻي وقت خوف ۽ خطري جي آسيب هيٺ رهڻ ڪري سندن حواس باخته ٿي پيا آهن، نظرون ٿيڏيون ٿي ويئون اٿن، سمجهه الٽي ٿي پيئي اٿن، جنهنڪري هر شي کين ابتي پيئي ڏسڻ ۾ اچي. اختلاف راءِ، نقطه چيني، جماعت سازيءَ ۽ عوام جي حالت سڌارڻ لاءِ صلاح مشوري ڏيڻ ۾ کين خوف ۽ خطرو نظر اچي رهيو آهي، جنهن مان سندن سالم دماغيءَ ۽ صحيح الراءِ هجڻ بابت شڪ پيدا ٿين ٿا.

اسانجي نظر ۾ زياده عرصي تائين عوام کي خوف جي دوا پيارڻ قومي جسم کي ڪمزور ۽ بزدل بنائڻ جي برابر آهي. وقت آيو آهي جڏهين قومي مرض جي پوريءَ طرح شناخت ڪرڻ بعد اسان انجي، عارضي اتحاد جي عيوض، دائمي اتحاد لاءِ علاج ڳولهيون: ظاهر آهي ته اهو حقيقي اتحاد مسڪينيءَ، جهالت،

بداخلاقيءَ، بزدليءَ ۽ خوف جي، دور ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهندو، ۽ نہ خطري پيدا ڪندڙ بيسود ۽ عارضي علاجن جي ذريعي.

(۹) آزاد راءِ ۽ اختلاف جي مخالفت

قدامت پسند، مردار خيال ۽ خود مطلب شخصن ۽ طبقن کي هر تبديليءَ، انقلاب ۽ ڦير گهير کان خوف رهندو آهي؛ هنن جون طبيعتون بيٺل پاڻيءَ، ڪمزور درخت ۽ دل جي مريض وانگر سورج جي روشنيءَ ۽ هل چل کان پرهيز پيئون ڪنديون آهن، جيتوڻيڪ پاڻيءَ لاءِ وهڪرو، درخت لاءِ روشني ۽ ماڻهوءَ لاءِ هلچل سندن ترو تازگيءَ واسطي نهايت ضروري شيون آهن.

ڪانگريس ۽ انگريزي حڪومت جي تصادم، ۽ ليگ اندر رجعت پسند ۽ ترقي پسند عناصرن جي باهمي اختلاف حالتون اهڙيون پيدا ڪيون جو انگريزن جي منظور نظر خوشامدڙين، وڏين ملڪيتن وارن، جاهہ طلب، بيڪار ۽ اڻ لائق ماڻهن جي وڏي انبوهہ اچي مسلم ليگ جي دامن ۾ پناهہ ورتي. هنگامي حالت هيٺ جڏهن عوام کي سوچ ۽ سمجھہ جو موقعو نہ مليو تڏهين اهي ماڻهو فخر قوم، مجاهد ملت، محافظان دين ۽ فاتحان پاڪستان جي نالن سان سڏجڻ لڳا، سندن سڀ عيب ۽ خاميون حالتن جي هنگامہ آرائي هيٺ لڪي ۽ ڍڪجي ويون ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد حڪومت جي سمورين اقتدار وارين جاين تي هنن وڃي قبضو ڪيو.

ليڪن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن سندن ڍگهين دعوائن ۽ وڏن واعدن جو پردو چاڪ ٿيندو ويو. هو ملڪ مان نہ مسڪيني ۽ غربت دور ڪري سگهيا، نہ جهالت جي پاڙ پٽي سگهيا؛ ۸۰ لک ماڻهو وطن کان بي وطن ٿيا ۽ انهن مان اڪثر جي پوريءَ طرح رهائش ۽ گذر معاش جو ڪو خاطر خواهہ انتظام نہ ڪري سگهيا. ملڪ جي ڪثير تعداد ماڻهن کي نہ رهڻ لاءِ گهر آهي، نہ کائڻ لاءِ پورو کاڌو، ۽ نہ پائڻ لاءِ پوريءَ طرح

کپڙو ميسر نه ٿي سگهيو آهي. جيڪڏهن بداخلاقي، بدامني، عملداري ظلم، رشوت خوري ۽ شرابخوري گهڻي بدران وڌي رهي آهي، جيڪڏهن ڏاڍن جي هٿان مسڪين پيڙجي رهيا آهن ۽ ڪو به فرياد ٻڌڻ وارو ڪونهي، ته انهن سمورين حالتن لاءِ جوابداري مسلم ليگ ليڊرشپ جي ڪلهن تي آهي؛ جيئن جيئن ماڻهن کي انهن ڳالهين جو احساس ٿيندو ويو تيئن ٿي انهن ۾ بي چيني وڌڻ لڳي. هو نقطه چيني ڪرڻ لڳا. دانهن فرياد لاءِ آواز اٿارڻ شروع ڪيائون. جيئن ته مسلم ليگ ليڊرن کي پير هٿائي ڪونه، تنهنڪري ڪين سستي ۽ سهنجي هٿ آيل طاقت ۽ اقتدار کي وڃائڻ جو خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. انڪري سندن پاليسيءَ جي خلاف هر نقطه چيني کي هو اسلام ۽ پاڪستان خلاف بغاوت سان تعبير ڪرڻ لڳا. هر مخالفت ڪرڻ واري کي دشمن، غير جو چاڙتون، پنجون ڪالم، غدار ملت وغيره جا لقب ڏيڻ شروع ڪيائون. مخالف اخبارن تي بندش وجهڻ، جلسن ۽ ميٽنگن تي روڪ ڪرڻ، "سيفٽي" ۽ فرنٽيئر ريگيوليشن کي مخالفن جي خلاف استعمال ڪرڻ، سندن عام ڏنڌو ٿي پيو. سندن مغربي آقائن جي اڳيان ۽ دنيا کي عام طرح فريب ڏيڻ خاطر اگرچه جمهوري طريقه حڪومت، اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي، آزاديءَ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا، ليڪن عمل ۾ اهي طريقا استعمال ڪيائون ٿي، جنهن ڪري نه ڪا بي جماعت وجود ۾ اچي ٿي سگهي، نه مخالفت جو آواز اڀري ٿي سگهيو. سندن حواس باختگيءَ جو اهو عالم آهي جو مخالفن جو سوشل بائيڪاٽ ڪيو وڃي ٿو، ۽ ڪيترا ته کليو کلا پڻ اهو ظاهر ڪري رهيا آهن ته ليگ کان سواءِ ڪنهن بي‍ءَ جماعت کي وجود ۾ رهڻ جو حق نه آهي. خان عبدالغفار خان کي، سندن اڳيان سر نه نمائڻ ۽ بيعت نه ڪرڻ ڪري، جملي عزيزن، قريبن ۽ پوئلڳن سوڌو بنا ڪيس هلائڻ جي جيل ۾ موڪليو ويو. خان عبدالصمد خان سان ساڳي روش اختيار ڪئي ويئي. سوين هارين ۽ مزورن جي اڳوانن، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبرن، ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن کي جيلن ۾ بند

ڪيو ويو اهي. مودودي صاحب کي ڪيترو وقت جيل ۾ رهائي پوءِ ڪيس آزاد ڪيو ويو. علامہ مشرقي ڪافي عرصو جيل جون هوائون کائي مس مس ٻاهر نڪتو آهي. مون کي ٻه ڪجهه وقت قيد ۽ نظر بند رکي ياد گيريءَ کان نہ وساريو ويو. ٻين ڪيترن مخالفن کي ٻه انهيءَ پاليسيءَ جو شڪار ٿيڻو پيو آهي، جن سمورن جو بيان ڪرڻ طوالت جو باعث ٿيندو.

پاڪستان ۽ هندوستان جي ورهاڱي جي ڪائونسل جنهن تي اسانجي مکيہ مسلم ليگ ليڊرن مان ٻہ ڪي هئا، پنهنجي بيان ۾ هيٺيان الفاظ ظاهر ڪيا هئا:-

”سندن اهو ارادو آهي تہ پنهي ٻنهي ملڪن ۾ سڀني باشندن کي شهري حقوق جي ادا ڪرڻ جي هڪ جهڙي آزادي هوندي، اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي هر هڪ کي اجازت هوندي... ٻئي سرڪاريون وڏي ڪ انجام ٿيون ڏين تہ اهي ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع کان اڳتي پنهنجي سياسي مخالفن سان ڪو ٻہ امتيازي برتاءُ نہ ونديون.“

خود قائد اعظم جناح صاحب ١٣، آگسٽ ١٩٤٧ع تي پنهنجي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ واريءَ تقرير ۾ جيڪي چيو سو ٻہ ساڳئي نموني جو هو. پاڻ فرمايائين تہ:-

”آءٌ سمجهان ٿو تہ هينئر گذشتہ کي درگذر ڪري اوهان مان هر هڪ باشندي کي- پوءِ اهو ڪهڙي بہ فرقي جو هجي، اڳي اوهان سان ڪهڙا بہ اختلاف هجنس، يا ڪهڙي بہ رنگ، جاتيءَ ۽ مت جو هجي- ساڳئي ملڪ جو شهري، هڪ جهڙن حقن ۽ جوابدارين سان، شمار ڪرڻ گهرجي.“

ليڪن ليڊرن انهن سڀني انجامن جي ابتڙ روش اختيار ڪئي ۽ انهن سمورن اعلانن ۽ وعدن کي پوري ڪرڻ بدران ظاهر ظهور لوڙيو ۽ ختم ڪيو. ڪانگريس ۽ مهاسڀا جي ڪارڪنن کي عام دعوتن ۽ پبلڪ جلسن ۾ گهرايو ويندو آهي، ليڪن

هر مذهب ۽ هر قوم سياسي مخالفن کي دشمن سمجهي سنڌن پائکان ڪيو وجي ٿو، پاڪستان جي اصل رهاڪن، مخلص ڪارڪنن، عوام ۽ ملڪ لاءِ قرباني ڪندڙن، سڄي عمر غريبن جي حقن لاءِ لڙندڙن کي غدار ملت جو لقب ڏنو ٿو وڃي. ليڪن چند ڪروڙن مسلمانن کي رڻ ۾ رلائي اڇي مخلاتن ۾ مزا مائيندڙ، انگريزن جا نمڪ پرورده، رشوتن تي گذر ڪندڙ، پين جي پگهر جي پورهئي تي پيٽ پاليندڙ، فخر دين و ملت بنجي ويا آهن.

پاڪستان جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ جڏهين به امان ۽ پين ڪيترن سياسي مخالفن بنا شرط ۽ لالچ جي پنهنجون خدمتون مسلم ليگ ليڊرن کي پئي آڇيون آهن ته جواب اهو پئي مليو آهي ته ليگ کان ٻاهر هو نه ڪنهن جماعت کي تسليم ڪندا ۽ نه هنن کي ڪنهن غير ليگيءَ کي برداشت ٿي ڪرڻو آهي.

پر هندڙ انهن ڳالهين مان اندازو ڪري سگهندا ته جتي طاقت ۽ اقتدار جي اهڙي هڪ هٽي هوندي اتي قوم جي ذهني، سياسي ۽ اقتصادي فلاح ۽ ترقيءَ جي اميد ڪهڙيءَ طرح رکي سگهجي ٿي؟ هڪ جاءِ تي بند ٿيل پاڻي آخر بدبوءِ ڪري ويندو، تازگيءَ لاءِ وهڪري جي ضرورت آهي. قومي زندگيءَ جو وهڪرو اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي آزاديءَ سان قائم رهي سگهندو آهي ۽ نه مخالفت کي ختم ڪرڻ جي ذريعي.

(٣) نفرت کي سياسي طريقه ڪار بنائڻ

مسلم ليگ ليڊرن دنيا جي نازي ۽ فسطائي جماعتن جي پاليسيءَ مان، جي هٽلر ۽ مسوليني جي ڊڪٽيٽرين هيٺ ڪيل هيون ۽ هلايون پئي ويئون، سبق سکي مسلمانن کي هندن جي برخلاف نفرت جي بنياد تي منظم ڪرڻ جي روش اختيار ڪئي. جيئن هٽلر جرمنيءَ وارن کي بهترين نسل سمجهي انهيءَ کي بام عروج تي پهچائڻ ۽ دنيا تي قبضي ڪرڻ لاءِ جرمن قوم کي منظم ڪرڻ گهريو ٿي، تيئن هنن به مسلمانن کي بهترين قوم جو

خوشنما ۽ خود فريب لقب ڏيئي، انهن کي غلبه اسلام جي نالي ۾ کنو ڪرڻ گهريو ٿي. انهيءَ مقصد کي پهچڻ لاءِ جرمنن جي راه ۾ رنڊڪ يهودي ظاهر ڪيا ويا ۽ مسلمانن جي اڳيان هندو رکيا ويا، تفاوت صرف هي هو ته نازي تحريڪ نسلي برتريءَ جي بنياد تي هئي، ۽ مسلم ليگ تحريڪ مذهبي برتريءَ تي قائم ڪئي ويئي هئي.

هاڻ اسان کي ڏسڻ گهرجي ته جنهن اسلام جي نالي ۾ اها پاليسي هلائي ٿي ويئي، ڇا اها پاليسي انهيءَ جي اصولن مطابق هئي يا برخلاف؟

اسلام دنيا ۾ امن ۽ صلح جو پيغام آڻي انساني برادري قائم ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو. قرآن ۾ آيو آهي ته:-

"ادع الي سبيل ربک بالحکمت والموعظت الحسنت وجادلهم بالتي هي احسن."

(ماڻهن کي راه حق طرف دعوت ڏي، سياڻپ ۽ سهڻي گفتگو ذريعي ۽ ساڻن اختلاف بهترين نموني فيصل ڪر)

ٻئي هنڌ آيو آهي ته:-

"لا اکراه في الدين قد تبين الرشد من الغي"

(دين جي معاملي ۾ زور زبردستي نه آهي، ڇاڪاڻ ته گمراهيءَ کان هدايت صاف جدا پڌري پيئي آهي)

اسلام جي تشريح صاف، سنئن لفظن ۾ صوفي بزرگن پڻ اهڙيءَ طرح ڪئي آهي. چون ٿا ته "عشق عين اسلام آهي". سنڌ جو سرتاج شاعر شاه عبداللطيف فرمائي ٿو ته:-

"پريان سندي، پار جي مڙيئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، ڇکين جي ڇيت ڪري."
"تان ڪا ڪاني پاءِ، ونين ۾ وصال جي
دوبينائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ."

ليڪن ليگ ليڊرن مسلمانن کي منظم ڪرڻ جا طريقا انساني محبت جي بجاءِ نفرت جي بنياد تي رکيا. هر اختلاف رکندڙ جي برخلاف، خواه هندو هجي يا مسلمان، نفرت ڦهلائڻ ۽ اشتعال ڏيارڻ سندن روزمره جو ڌندو ٿي پيو.

ان جو لازمي نتيجو مخالفن ۾ رد عمل طور نفرت ۽ اشتعال جي پيدا ٿيڻ ۽ خود جماعت اندر آزاد راءِ جي ڪلي خاتمي جي صورت ۾ نڪتو. اسلام جيڪو تبليغ جو مذهب آهي، اهڙين حالتن هيٺ ڪيئن واڌارو ڪري سگهندو، سو اسانجي سمجهه کان ٻاهر آهي.

اها پاليسي عارضي طور ڪتب آڻين ها ته به ان کي برداشت ڪٽي ڪجي ها، جيتوڻيڪ اسلام جي اصولن مطابق اعليٰ مقصدن کي پهچڻ لاءِ ذريعا به نيڪ هئڻ ضروري آهن. پر ڏسڻ ۾ پيو اچي ته ليگ ليڊر اڃان به ان ساڳيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيا آهن. هو بنا تميز بري ۽ ڀلي جي، هر طريقي کي، جنهن مان کين عارضي ڪاميابيءَ جو امڪان نظر ٿو اچي استعمال ڪرڻ کان نٿا ڳسن.

دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جن گروهن جي پاليسي نفرت تي رکيل هئي، اهي نه صرف پاڻ تباهه ٿيا ليڪن انهن پاڻ سان گڏ پنهنجي قومن کي به وڏو نقصان پهچايو آهي.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هنن جي اهڙيءَ نفرت واري پاليسيءَ پيدا ڪرڻ ڪري ڏهه لک مسلمانن جي قتل ٿيڻ، پنجاهه هزار بي گناهه مسلمان عورتن جي ڪجي وڃڻ، ڇهن ڪروڙ مسلمانن جي دربدر خاڪ بسر ٿيڻ بعد به اڃان هنن ڪوتاهه بين ليگي ليڊرن جي دل نه ٺري آهي؛ شايد مسلمانان عالم ۽ پاڪستان ڏانهن سندن ڪو حساب رهيل آهي، جو وري به ساڳيءَ نفرت جي بنياد تي کين منظم ڪري وري ڪنهن ٻيءَ مصيبت جي منهن ۾ ڏيڻ جو ارادو رکن ٿا. هن وقت اسلام جي سهٽي نالي ۾ رجعت پسند، چالاڪ ۽ خود مطلب ”سياستدان“ ليگ تي قبضو ڪري ويا

آهن. ۽ هو پنهنجي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ آزمايل پراڻا نفرت جا طريقا جن جي ذريعي ماڻهن کي عارضي طرح حقيقي اسلامي اصولن جي برخلاف، گڏ ڪري ٿي سگهيا ايان به هٿان ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن.

انهيءَ حالت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خير خواهن جو اهو فرض ٿيو پوي ٿو ته جنهن جماعت جي پاليسيءَ مان مذهب، ملڪ ۽ قوم کي نقصان پهچڻ جو انديشو هجي، انکي ويجهو به نه وڃن ۽ اهڙيءَ نقصان ڪار شيءِ کان ماڻهن کي خبردار ۽ آگاه ڪرڻ پنهنجو انساني فرض ڪري سمجهن.

۴. وقتي مصلحتن جي بنا تي اخلاقي معيار کي ختم ڪرڻ.

هنگامي جماعتن جو هميشه کان دستور پئي رهيو آهي ته وقتي ضرورتن ۽ مصلحتن جي بنا تي اخلاقي معيارن کي نظر انداز ڪري حالتن پٺاندڙ طريقہ ڪار اختيار ڪن. ليڪن جيڪڏهين ڪا جماعت رواجي حالتن ۾ دائمي طرح سان حڪومت ۽ قومي ڪاروبار ۾ اخلاقي اصولن تي وقتي مصلحتن ۽ ابن الوقتيءَ جي پاليسيءَ کي ترجيح ڏيندي، ته اها جماعت ملڪ ۽ قوم لاءِ هرگز فائد يمند ٿي نه سگهندي. اعليٰ، ديرپا ۽ دائمي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ذريعا به اهڙائي هئڻ ضروري آهن. جيڪڏهين ڪنهن شي جو بنياد خراب ۽ ردي هوندو، ته انتي مضبوط ۽ پائدار عمارت هرگز تيار ٿي ڪين سگهندي. ظاهري ۽ عارضي سوالن جي ڪري بنيادي ۽ دائمي مسئلن کي پوئتان اڇلڻ دانشمنديءَ جو ڪم نه آهي.

اها نهايت افسوس جهڙي ڳالهہ آهي ته مسلم ليگ ليڊرن جي ساريءَ سياست جو مطمح نظر شخصي طاقت ۽ اقتدار ۽ طبقاتي مفاد تي رکيل هئڻ ڪري، هنن ملڪ ۽ قوم جي حقيقي مسئلي جي حل ڪرڻ طرف هن وقت تائين ڪو بہ خاص توجهہ ڪانہ

ڏنو آهي ۽ اهڙن سوالن کي، اختلاف راءِ پيدا ٿيڻ ۽ سندن اقتدار کي نقصان پهچڻ جي انديشي کان هنن هميشه غير محدود عرصي تائين ملتوي ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي آهي. جڏهين ٻه ڪنهن آزاد خيال، ايماندار يا درد دل رکندڙ ڪارڪن سندن توجهه انهن مسئلن طرف ڇڪائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي آهي، ته انکي اڻ ضروري، يا اختلاف ۽ رنڊڪ پيدا ڪندڙ ظاهر ڪري پنهنجي نظر تلطف کان دور رکڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي اٿن، جنهنڪري رڳو خوشامندڙ يا بي ايمان خود مطلب ۽ بي اصول ماڻهو سندن بارگاهن ۾ باريات ٿي ٿيا آهن، ۽ مخلص قومي خادمن ۽ قرباني ڪندڙن جي، سندن هر مشرب سنگت اندر اڪثر ڪمي ٿي رهي آهي.

انهيءَ ساريءَ پاليسيءَ جو نتيجو اهو ٿي نڪتو آهي ته غريبن کي ظالمن جي چنبي کان ڇڏائڻ، مسلمانن جي اجتماعي زندگيءَ کي پاڪ صاف ڪري، انهنجي ترقيءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، ملڪ مان غربت، جهالت، بدامني، رشوت ۽ استعمال غرضيءَ دور ڪرڻ طرف اڄ تائين منجهائن ڪوبه ڌيان ڪونه ٿو ڏئي.

مسلمانن جي اتحاد ۽ اتفاق جي ناليءَ، ۽ پاڪستان جي مضبوطيءَ جي پردي ۾ هر ڪنهن قسم جا رشوتي، بليڪ مارڪيٽي، ظالم، خود مطلبي، عهدن ۽ اقتدار جا طالب، ۽ مفت خور اچي ليگ جي پليٽ فارم تي گڏ ٿيا، جتي ليڊرشپ لاءِ ڪوبه اخلاقي لازمي شرط ڪونه هو، نتيجو اهو نڪتو جو خود ليڊرن ۾ ايمانداري ۽ پرهيزگاريءَ جي عدم موجودگي ڪري، جوا، شراب خوري، بدڪاري، رشوت ۽ ٻين اهڙين اخلاقي خرابين تي ڪنار ٿي ڪئي ويئي: خدمت خلق، غريبن جي همدردي، سادگيءَ سان هلڻ، ملڪ مان غربت، بيڪاريءَ، جهالت ۽ استعمال غرضيءَ کي دور ڪرڻ جي سوالن تي ٺٺوليون ۽ خنده زنيون ٿيڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح جماعت تي جاگيردارن ۽ شاهوڪار طبقن جي مخصوص

ٽولي جو قبضو ٿي ويو، جن انکي پنهنجي شخصي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ ۽ طبقاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ پٺي ڪتب آندو آهي. ڪين غريب ۽ مظلوم عوام جي حالت درست ڪرڻ جي ڪابه ڳالهه پسند نه پئي آئي آهي. جڏهين اڪثر مسلم ليگ ڪارڪنن جي بد ديانتيءَ ۽ برائيءَ جا مثال مکيه ليڊرن اڳيان پيش پئي ڪيا ويا آهن، ته ان کي وڌاءَ يا اڻ ٽر امر سمجهي نظر انداز ڪيو پئي ويو آهي. اهڙين حالتن هيٺ اج اها صورت حال وڃي پئي آهي جو سندن ذهن ۾ معاشي برابريءَ ۽ معاشرتي انصاف جهڙن انساني اوصافن کي رکو نالي ماتر به ڪٿي جڳهه نٿي ملي سگهي. دنيا ڄاڻي ٿي ته مسلم ليگ پاڪستان جي اندر سمجهه ۽ صلاحيت، امن ۽ ترقيءَ آڻڻ جي بدلي تعصب ۽ نفرت، بداسنيءَ ۽ تعطل، ڊپ ۽ گمراهيءَ جو دور دورو آندو آهي.

اسلام جي تعليم مطابق سچي ۽ صحيح مسلمان ٿيڻ لاءِ ماڻهو کي زندگيءَ ۾، اخلاقي اصولن پٽاندر، قول ۽ فعل ۾ يڪسان ٿيڻ گهرجي. درحقيقت صحيح مسلمان جي سڃاڻپ سندس روزمره جي حياتيءَ مان ظاهر ٿئي ٿي.

"وجعلناڪم امت وسطا لتڪونوا شهداءَ علي الناس"

("اوهان کي هڪ اهڙي امت بنايو اٿئون جو اوهان انسان ذات لاءِ مثال ٿي ڏيکاريو")

ظاهر آهي ته انسانيت جو هيءَ افضل درجو، شراب خورن، بدڪارن، شخصي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ عوام کي ڪتب آڻيندڙن، فرعوني نموني جي زندگي گذاريندڙن کي، جن جي ساري زندگي اسلامي سادگيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جي اصولن جي برعڪس گذري، هرگز حاصل نه ٿي سگهندو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ليڊرن وقتي مصلحتن جي بنا تي جن ماڻهن کي ٽڪيٽون ڏيئون ۽ انهن کي وري جن ناجائز ۽ ڪڏن طريقن سان ڪامياب ڪرايو سي، ڪنهن کان مخفي نه آهن. قومي خادمن ۽ مخلص ڪارڪنن تي بدمعاش، جاهل ۽ رشوت خور، شراب خور

۴ خود مطلب ماڻهن کي ترجيح ڏني ويئي.

اهي ڳالهون پاڪستان ٺهڻ کان اڳي جون هيون، ممڪن آهي ته ڪي ماڻهو انکي ان وقت جي غير معمولي حالتن جي موجودگيءَ ۾ جائز سمجهن، پر وڏيڪ عجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ به مسلم ليگ ليڊرن ڪم و بيش ساڳيائي طريقا هٿي اختيار ڪيا آهن. هينئر به ليگ ٽڪيٽ ملڻ جو دارومدار اميدوار جي پيسي، خوشامد، خانداني اثر، جي حضوريءَ وغيره لياقتن جي آڌار تي هٿي رهيو آهي.

سنڌ اندر شهدادپور، دادو ۽ قنبر اليڪشن ۾ مسلم ليگ جون ٽڪيٽون ڪهڙين لياقتن ڪري ڏنيون ويئون سو ڪنهن کان به ڳجهو نه آهي: ۽ ڪاميابيءَ لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪيا ويا سي انهيءَ جماعت لاءِ تاريخ سنڌ ۾ هميشه سياه داغ ٿي رهندا. پنجاب جي اليڪشن ۾ پاڪستان جي وزيراعظم مرحوم لياقت علي خان جي اکين جي سامهون جيڪي ٿي گذريو سو ڪنهن کان مخفي نه آهي. مرڪز ڪي صوبن جي وزارتن يا ٻاهرين ملڪن ۾ ايلچين موڪلڻ لاءِ جي لياقتون مد نظر آهي سي به عالم آشڪار آهن. سنڌ جو مثال اکين اڳيان آهي. ليگ جي اعليٰ عهديدارن ڪي خانبهادر کهڙي جڏهين ذرا خودداريءَ جي مادي هڻڻ جو گمان پيو ته ڪيس ڊسمس ڪري انڪواريءَ لاءِ هاءِ ڪورٽن جي ججن جو ٽربيونل وهاريو ويو: خرچ سنڌ جو ليڪن نه سنڌ سرڪار جي اجازت ۽ نه سنڌ اسيمبليءَ جي منظوري ورتي ويئي، ججن انڪواري هلائي ذري گهٽ اڌو ڳابريون چارجون ثابت ڪيون: ان تي پاڪستان جي وزير اعظم صاحب مرڪزي اسيمبليءَ ۾ قاعدو پاس ڪرائي ڪيس ٽن سالن لاءِ پبلڪ لائيف کان خارج ڪري ڇڏيو، جنهن تي خانبهادر چيف ڪورٽ ۾، امڙيءَ طرح قانون پاس ڪري، ڪيس قانون پاس ٿيڻ کان اڳ ٿيل ڏوهن لاءِ جوابدار ٺهرائڻ جي برخلاف دعويٰ داخل ڪئي، آخر ڪجهه وقت کان پوءِ ڪورٽ انهيءَ ڪارروائيءَ کي بيقاعدي

لهرايو، خانبهادر انتي ورڍي پنهي اسيمبلين جو ميمبر ٿيو. انصاف جي تقاضا اها هئي ته جنهن صورت ۾ ڪيس چيف منسٽريءَ تان ڊسمس ڪيو ويو هو ته وري ڪيس يڪدم ساڳي عهديءَ تي اچڻ جي اجازت ڏني وڃي ها يا قانون جي خامين ڪي درست ڪري وري ڪيس پبلڪ لائيف ۾ اچڻ کان روڪيو وڃي ها، پر طريقو ٻي اور اختيار ڪيو ويو. اول ۾ هن ڪي آزمائش خاطر ٻاهر رکيو ويو ۽ جڏهين ارباب حل و عقد کي يقين ٿيو ته هو هاڻ پنهنڪت ۽ سندن فرمانبردار ٻندو ٿي چڪو آهي، تڏهين ڪيس وري طاقت ۾ آندو ويو. آخر هن ساري ناٽڪ جو مقصد ڇا هو؟ جي هو ڏوهي هو ته انکي طاقت کان مطلقا محروم رکيو وڃي ها، پر جي هو بي ڏوهي هو ۽ هي سارو تماشو رڳو انکي مطيع ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو ته پوءِ ڇو ٿي هر ويرو دنيا کي دوکو ڏنو ويو؟

انهن سڀني ڪارروائين سان پڙهندڙ معلوم ڪري سگهندا ته ليگي ليڊرن وٽ اخلاقي معيار ۽ اصول ڪيتري قدر نه ختم ٿي چڪا آهن!

(۵) ملڪ جي تعميري ۽ اصلاحي مسئلن کي وقتي مصلحتن خاطر نامعلوم وقت تائين پوئتي هٽائڻ.

رجعت پسند طبقي ۽ شخصي اقتدار قائم رکڻ وارن ماڻهن جو اهو دستور ٿي رهيو آهي ته ملڪ جي تعميري ۽ اصلاحي سوالن کي "وقت جي نزاڪت" ۽ "قومي انتشار" جي بهاني تي غير محدود وقت تائين ٽاريندا اچن. مسلم ليگ ليڊر به انهي دستور جا قائل ۽ ان تي عمل پيرا ٿي رهيا آهن.

پاڪستان بنجڻ کان اڳ جڏهين سندن توجهه جماعت مان خود مطلب شخصن، خوشامدڙين، انگريزن جي ايجنٽن کي ڪڍي، انکي پاڪ صاف ڪرڻ ڏانهن ڇڪايو ٿي ويو ياجيو ٻائي

اسيمبلين ذريعي ملڪ ۾ سڌارن آڻڻ، رشوتن بند ڪرڻ، وزارتن ۽ عهدن کي شخصي ۽ طبقاتي نفعي لاءِ ڪتب اچڻ کان روڪڻ لاءِ زور ٿي رکيو ويو، ته انهن سوالن کي قومي انتشار پيدا ڪرڻ جا ڪارڻ ظاهر ڪري، اهڙن اختلافي مسئلن کي پاڪستان جي حاصل ٿيڻ تائين هٿ لائڻ کان منع ٿي ڪئي ويئي.

اسانکي سندن اهڙي قسم جي دليلن جي صداقت ۾ ان وقت ۾ شڪ هو، جنهنڪري ڪجهيون ٿي دانهون ڪيونسون، پر انهن چيخن ۽ پڪارن نه ليگ ليڊرن تي اثر ڪيو ۽ نه ستل ۽ گمراه ڪيل عوام ٿي اسان جي آواز ٿي ڪن ڏنو. اسان ترسياسين ته ممڪن آهي ته "وقت جي نزاڪت" گذرڻ بعد ليگ ليڊر پنهنجي پاليسي بدلائين، ليڪن هنن جو وري به "ساڳيو ڪٿو ۽ ساڳيو رنبو": هڪ نه ٻئي بهاني ملڪ جي ضروري مسئلن کي فقط سڪڻ دلاسن ۽ ٺلهن انجامن جي وسيلي ٽاريو ويو.

اول ۾ چيو ويو ته پاڪستان کي حاصل ٿئي اجا گهڻو وقت نه گذريو آهي، هوا اجان تنجڻ جو پار آهي، ڪيس نرسنگ جي ضرورت آهي. انڪري تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ سموري عرصي اندر ڪڏهين ملڪ کي هندوستان جي چڙهائيءَ جو خوف ٿي ذهن نشين ڪرايو ويو، ته ڪڏهين جهوناڳڙهه، حيدرآباد دکن ۽ ڪشمير جي آزاديءَ جو مسئلي ٿي سامهون آندو ويو. هاڻ سڀ کان زياده وري ڪميونزم جو خطرو اڏو پيو آندو وڃي.

جي خوف ۽ خطرا پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڄ هڪ صورت ۾ پيش ٿي ڪيا ويا، سي هاڻ ٻيءَ صورت ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا، رڳو سندن رنگ پيا روز بروز بدلجن. اسانکي ڪو به يقين نٿو ٿئي ته جيستائين موجوده ليگ ليڊرن جو گروه اقتدار ۾ آهي، ان وقت تائين ڪو اهي خطري جا گهنڊ ڪڏهين به جهڪا ٿيندا يا ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ ۽ ڀلي لاءِ ڪو خاطرخواهه ۽ نمايان قدم کڻڻ ۾ ايندو: ڇاڪاڻ ته اهڙي قدم کڻڻ مان سڀ کان اول ته سندن

پنهنجي شخصي اقتدار ۽ طبقاتي مفاد کي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي. اخبارن جي اڪثريت اڳي ئي سندن قبضي ۾ آهي، جن جي ذريعي سدائين اها خوف جي گهنڊ ٿي وڄندي رهندي.

آخر هنن اشرافن کي ڪهڙي ڪتي کنيو آهي، جو پنهنجو سهيو سکيو جندڙو آزار ۾ وجهن! جيڪڏهين جاگيرداري ۽ زميداري سرشتي کي ختم ڪري، هر ڪنهن کي آباد ڪار کي گذر معاش لاءِ پنهنجو زمين جو ٽڪرو ڏين ٿا، ته سندن طرفدارن جي زميدارين کي نقصان ٿو پهچي ۽ سندن ساري طبقي جي ناراض ٿيڻ جو امڪان آهي؛ پوءِ چو ڪکر ۾ ڪڙو هڻي، پنهنجي هٿن سان پاڻ کي ڏنگائين! اهڙيءَ طرح سان، جي ڪارخانا ٿا قومي ملڪيت بنائين، ته سندن هر طبقي جي ماڻهن جي ڪمائي ۽ نفعا ٿا ختم ٿين. صوبجاتي مسلم ليگي جيڪڏهن زميداري طبقي جا آهن، ته سندن مرڪزي آقائن جو تعلق وري تجارت ۽ ڪارخانن سان آهي.

رشوتن جو خاتمو به سندن رعب ۽ شان، طاقت ۽ اقتدار کي ڌڪ لڳڻ جو باعث ٿيندو؛ جي رشوتون ٿا بند ڪن، ته عمدين موٽر ڪارين ۽ تحفن جو ميسر ٿيڻ، وڏين دعوتن، ڏنرن ۽ ”ائٽ هومن“ جو ملڻ ۽ ڏيڻ، طرفدار اخبارن جي مدد لاءِ چندا ۽ حصا حاصل ٿيڻ، پوڏ فند ۽ ڪشمير فند وغيره جو وصول ٿيڻ ۽ اليڪشن لاءِ پيسن جي ملڻ ۾ سهوليت ڪانه ٿيندي. جڏهين بليڪ مارڪيٽر سلامت هوندا، تڏهين ئي ته سندن مربين جو مان رهندو!

، تعليم کي وڌائڻ به خطري کان خالي ڪونهي. جي ماڻهن ۾ بري ۽ ڀلي، ايماندار ۽ بي ايمان جي سڃاڻپ جي تميز جو ماد و پلجي وڃي، ته پوءِ ڪٿي ليگي ليڊرن کي ”جي حضور“ پوٽلڪ ملندا ۽ ڪيئن وري سندن ”اسلام جي علمبرداري“ قائم رهي سگهندي!

غريب، خانه بدوش ۽ بي گهر ماڻهن کي اجهي ميسر ڪري

ڏيڻ لاءِ ڪروڙها روپين جي ضرورت ٿيندي؛ جي اهي تجويزون عمل ۾ ايند يون ته ساڳئي وقت هنن حضرات جي هوادار (ايئر ڪنڊيشن) ۽ فلڪ نما محلاتن، باغيچن، عاليشان فرنيچرن جي لاءِ مشڪل بچت ٿيندي. ڏهه ڏهه هزار ماهوار پاڻ تي خرچ ڪن ۽ بهترين موٽرون به رکن ۽ غريبن جي اجهي لاءِ پيسا به بچائين. سا ذرا مشڪل ڳالهه نظر پئي اچي؛ ۽ گڏ را ساڳئي وقت هڪ هٿ ڪٿي ڪين سگهبا.

قومي اخلاق جي درستيءَ طرف توجهه ڏيڻ به هٿ ولي پاڻ ڪي مصيبت ۾ ڦاسائڻ جي برابر ٿيندو. پوءِ ليگ ليڊرن جون موجوده عياشيون، فرعوني زندگي گذارڻ جا طريقا، بي انتها ملڪيتن جو گڏ ڪرڻ، ۽ پيڻ ۽ کائڻ جون مجلسون ڪٿي رهنديون! هو ڪو خلفاي راشدين ڪونه آهن، جو ٿلهي سڪل مانيءَ، هڪ چادر ۽ اونداهي گهر تي اڪتفا ڪن. خلفاي راشدين جي ته فقط نالي ۽ ناموريءَ سان سندن واسطو آهي ۽ نه عملن سان، هنن جو "زيستن براي خوردن" آهي، پوءِ ڇو ويٺا آخرت جا اوسيڙا ڪڍن!

جيڪڏهين هنن جا اندر کولي ڪٿي ڏسندا، ته هنن کي سندن طريقي ڪار جي جواز ۾ هڪ مشهور معروف فلسفي جي نظريي جي مدد آهي، جنهن جو لب لباب هيٺئين طرح تي سگهي ٿو:—

"خدا پنج آڱريون برابر ڪين خلقيون آهن. ابتدائي خلقت کان وٺي اڄ تائين دنيا ۾ مسڪين هلندا ٿا اچن، هرڪنهن جو بخت ۽ محنت انکي اوچ نيچ تي رسائين ٿا.

"دنيا ۾ "تنازع للبقا" جي اصول مطابق صالح ۽ مضبوط شي باقي رهندي ۽ ترقي ڪري سگهندي؛ لهذا هنن جو ترقي ڪرڻ سندن صلاحيت جي نشاني آهي؛ طريقه ڪار جي درست ۽ صحيح هئڻ تي زور ڏيڻ سادگيءَ ۽ جهالت جي نشاني آهي.

"زمين جي پوکيندڙن ۾ وراهست جي سوال کي جو غير

شرعي ۾ خلاف فطرت سمجهن ٿا. شخصي ملڪيت ۾ دست اندازي ڪرڻ شخصي آزاديءَ جي خلاف آهي. ڪارخانن کي قومي ملڪيت بنائڻ بيڪار مشغلو آهي. قومي زندگي اهڙي اخلاقي درجي تي ڪانه پهتي آهي، جو سرڪاري نوڪر ڪارخانن کي ايمانداريءَ سان هلائي سگهن. عوام ۾ انهن کي نيڪ طرح هلائڻ جي صلاحيت پيدا ڪانه ٿي آهي. ازانسواءِ ائين ڪرڻ سان قومي زندگيءَ مان اجتهادي مادو ختم ٿي ويندو، جنهن جي عدم موجودگيءَ ڪري قومون ترقيءَ جي بجاءِ تنزل ڏي وينديون آهن. روس جي تجربن مان معلوم پيو ٿئي ته هو ڪا خاطر خواهه ترقي ڪري نه سگهيا آهن! ماڻهن کي هر وپرو چو سارو ڏيان گذراني مسئلن ۾ لڳائڻ گهرجي. ماڻهو صرف جسم ڪونه آهي. جسم هڪ فاني چيز آهي. دنيا گذر جو مڪان آهي. بهتر ڳالهه اها آهي ته ماڻهن جو توجهه آخرت ڏي ڇڪائجي، دنيا خاطر ڊڙهي مرڻ ته ڪتن جو ڪم آهي، وغيره وغيره!"

هن طبقي پنهنجي ساريءَ زندگيءَ جي اها دقيانوسي فيلسوفي هڪ عجيب نموني بنائي آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قير گهير ۾ انقلاب کي رتيءَ ماتر به ڪا گنجائش ڪانه آهي.

هنن صاحبن کي پئسو، وقت ۾ انهن جي وسيلي حاصل ڪيل جي موقعا غور ۾ فڪر ڪرڻ لاءِ نصيب ٿين ٿا، تن کي هو رکو پنهنجي محدود دائري اندر پنهنجي مضبوطيءَ، ترقيءَ ۾ سينگار لاءِ صرف ڪن ٿا. هي بهشتي دنيا جا باشنده آهن. هنن کي ڏک ۾ سور ڪڏهن ويجهو به نٿو وڃي. پنهنجي دنيا ۾ اهڙو مشغول آهن، جو ٻاڙي جي پروڙ ڪانه اٿن ته رنجايل جي رات ڪيئن ٿي گذري. هنن جو اٿڻ، ويهڻ، زندگي گذارڻ، مذهبي اعتقاد، تعليم، فلسفه زندگي ۾ احساس سڀ محدود دائري ۾ رهي تنگ ٿي پيا آهن. هندن زندگي سرا پا تاريڪي آهي.

اهڙي ماحول وارن ماڻهن کان، جن جي دماغن ۾ وسعت ۾ ڪشادگيءَ کي جڳهه ئي ڪانه آهي، ملڪ ۾ قوم جي مصيبتن،

ڏکن، غربت ۽ جهالت جي مرضن جي علاج جي اميد رکڻ "ٻيرن کان ٻير گهرڻ" جي برابر آهي.

مسلم ليگي ماحول کي سڌارڻ ۽ درست ڪرڻ جا دروازائي بند ٿي ويا آهن، اها ٻيڪار ۽ فرسوده عمارت درستي ۽ مرمت کان مٿي چڙهي ويئي آهي: انجو واحد علاج اهو آهي ته انکي ڊاهي، انجي جڳهه تي موسم ۽ ضرورت موافق هڪ نئين بهتر عوامي جماعت جي تعمير ڪجي.

——:o:——

فصل ڏهون

مسلم ليگ وزارتن جا ڪارناما

پاڪستان کي وجود ۾ آئي هن وقت ٽائين اٺ سال ڪن گذري چڪا آهن، ليڪن ملڪ ۽ قوم جي حالتن ۾، موجوده برسراقتدار جماعت مسلم ليگ جون وزارتون ڪو به ڦيرو آڻي نه سگهيون آهن. پاڪستان بنجڻ کان اڳ جا پنج سال ڪٽي شمار ۾ نه آڻجن، ته به هي عرصو ئي سندن اعمالنامن پرکڻ لاءِ ڪافي آهي.

ملڪ مان نه غربت ڪڏهن ويئي آهي ۽ نه جهالت گهٽ ٿي آهي. لکها ماڻهو بي زمين آهن، جن کي پوکڻ لاءِ پنهنجو زمين ٽڪرو به نه آهي، لکها ماڻهو مستقل جاءِ رهائش نه هئڻ ڪري خانه بدوش زندگي گذارين ٿا، تقريبا ٨٠ لک آيل مهاجرن مان سواءِ ڪن آڳرين جي ڳڻپ جيترن جي ٻين جي زندگي تنگ گذري رهي آهي.

انهن سمورن مسئلن تي بحث ڪرڻ ۾ اسان وزيرن يا ليگي ليڊرن جي شخصيتن، رواجي خامين ۽ غلطين کي حتي الامڪان نظر انداز ڪري، صرف مرڪزي يا صوبجاتي وزارتن جي انهن مسئلن جي حل ڪرڻ وارې پاليسيءَ جي ڪوتاهين جو ذڪر ڪنداسون؛ اسان پنهنجي مضمون کي بلند درجي تي آڻي بحث ڪرڻ گهرون ٿا، ليگ ليڊرن ۾ جيڪڏهن ڪي شخصي شرابخوريءَ، بدڪاريءَ، عياشيءَ، بي غيرتيءَ وغيره جون خاميون آهن، ته ان تي اسان بحث نه ڪنداسون. ڪو به انسان عيبن کان خالي نه آهي. اهڙا عيب ۽ خاميون سندن ڪيترن مخالفن ۾ به ٿي سگهن ٿيون. تنهن ڪري اهو صحيح ۽ اعليٰ سياسي معيار کان هيٺ ڪرڻ جي برابر ٿيندو ته ڪنهن وزير جي گهرو زندگيءَ تي ذليل نقطه چيني ڪجي، ڪنهن جون رشوتون ڪيڏي ڀڙ ريون ڪجن، ڪنهن جا عهدن جي حيثيت ۾ ورتل ناجائز فائدا بيان ڪيا وڃن، ڪن جي مٽن مائٽن جي ورسائڻ جو

ذڪر ڪجي، ڪن جي تحفن ۽ نذرانن جي صورت ۾ مليل ملڪيت جو احوال ڏنو وڃي. اهڙي سٽيٽري انسپيڪٽر جي ڪم لاءِ پيائي گهڻا ماڻهو ليبي سگهندا! اسان لاءِ اهو ڪافي ٿيندو ته مسلم ليگ وزارتن جي پاليسيءَ ۽ ڪارگذاريءَ تي عملي ۽ اخلاقي حدن اندر بحث ڪري، انجون بنيادي اوڻايون عوام اڳيان ظاهر ڪريون. بهتر ائين ٿيندو ته اول ۾ مرڪزي حڪومت جي پاليسيءَ تي غور ڪيو وڃي ۽ انجي منوزون ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڪنهن مفيد نتيجي تي پهچجي.

مرڪزي حڪومت جون خاميون

(١) اسان پاڪستان سرڪار ۽ ليگ جي بانيڪارن جي پاليسي هن باري ۾ سمجهي نٿا سگهون ته پاڪستان جي حڪومت مسلمانن جي حڪومت آهي يا پاڪستان ۾ رهندڙ سڀني فرقن جي باشندن جي!

هن سوال تي ليگ جي ليڊرن ۽ وقت جي حاڪمن وقت بوقت اهڙيون تقريرون ۽ اعلان پڻ ڪيا آهن، جي منجهائين ٿا، هڪ وقت پاڪستان جي جملي باشندن کي، بنا امتياز هندو مسلمان جي، انگلنڊ جي مثال کي سامهون رکي، هڪ قوم ٿي سڏيو ويو، جيئن قائد اعظم جي ١٢- آگسٽ ١٩٤٧ع واريءَ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير ۾ آهي، ته پڻ وقت وري پاڪستان کي بر صغير هند و پاڪستان جي ڏهه ڪروڙ مسلمانن جو قومي وطن سڏي انکي سندن حڪومت تي شمار ڪيو ويو ۽ حڪومت جو آئين اسلامي شريعت موجب لاهڻ جي ارادي جو اعلان ڪيو ٿي ويو. ڏسڻ ۾ آيو ٿي ته سندن دماغ ۾ ڪا ڳالهه صاف طرح ويٺل ڪا نه هئي.

پاڪستان جيڪڏهين سڀني پاڪستانين جو ملڪ هو، ته پوءِ بر سر اقتدار پارٽيءَ جو فرض هو ته فرقيوار جماعتن کي توڙي خالص سياسي ۽ اقتصادي بنيادن تي نين پارٽين بنائڻ جي شروعات ڪن ها. "مسلمان علحده قوم آهن ۽ مسلم ليگ انهنجي واحد

نمائنده جماعت آهي" جو راڳ ڪتو ڪري چڏين ها. هر جي اهڙ سڀ مغربي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ فقط دوکي طور چيو ويو ٿي ۽ حقيقت ۾ هنن هندوستان جي مسلمانن کي علحدي قوم ۽ پاڪستان کي انجو وطن ڪري ٿي سمجهيو، ته پوءِ هندوستان جي چئن ڪروڙن مسلمانن کي ڪيئن وطن کان ٻاهر ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ڇڏيو ويو، چنانچه انهنجي رهائش لاءِ به هت انتظام ڪرڻ کپندو هون. هن سوال تي خود سندن دماغ ۾ اهڙو مونجهارو معلوم ٿي ٿيو جو هڪ وزير اعلان ڪري ته هاڻ پاڪستان ۾ هندستان کان وڌيڪ ايندڙ مسلمانن لاءِ جاءِ نه آهي، ته ٻيو وزير اعلان ڪري ته هي ڏهه ڪروڙ هندستاني مسلمانن جو وطن آهي ۽ ان ۾ هرڪو اچي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ اها به ڪين خبر آهي ته هتي وڌيڪ چئن ڪروڙ مسلمانن لاءِ رهڻ جي جڳهه ڪانه آهي.

(٢) پاڪستان جي حڪومت جمهوري طريقي جي آهي يا فسطائي ۽ ڊڪٽيٽراڻي نموني جي آهي؟

انهيءَ سوال تي سندن اعلانن ۽ روزمره جي روش ۽ طريقيڪار مان ڪو به صاف پتو پئجي نٿو سگهي. ورهاڱي جي ڪائونسل جي اعلان ۽ ان بعد ليگي ليڊرن جي اعلانن مان مغربي دنيا کي صاف ٻڌايو پئي ويو ته "پاڪستان ۾ جمهوري طريقي جي حڪومت ٿيندي، اتي اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي آزادي هوندي، اقليتن کي هڪجهڙا حق ڏنا ويندا ۽ سائن امتياز وارو سلوڪ نه ڪيو ويندو". ليڪن عملي طرح ڇڏهين سندن روزمره جي ڪارروائين تي نظر ٿي ڪجي ته "هاٿيءَ جي کائڻ جا ڏند هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا" واري صورت نظر ٿي اچي. ازانسواءِ مخالفن جون اخبارون بند ڪيون ويون ٿيون، انهنجي ميٽنگن تي يا سندن ملڪ جي ڪن حصن ۾ داخلا تي بندش وجهي، انهن کي اظهار راءِ يا آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ جي اجازت نه ٿي ڏني وڃي؛ هر پبلڪ موقعي تي مخالفن جو سوشل بائيڪاٽ ڪيو پيو وڃي ۽ مسلم ليگ کان ٻاهر

ماڻهن کي ”پاڪستان جو دشمن“، ”غدار قوم“، ”اسلام کان ڦريل“ وغيره جي خطابن سان ياد ڪرڻ ليگي ڪارڪنن جو ڌنڌو ئي پيو آهي.

جيڪي به خود دار ماڻهو ليگ جا ميمبر نه آهن يا انجي ليڊرن جي بنا شرط شروط جي بيعت نه ٿا ڪن، ته انهن کي جيل ۾ نظر بند ڪرڻ، ملڪيتن جو ضبط ٿيڻ، گولين سان مارڻ، بنا ڪيس هلائڻ جي سزائن ۽ ٻين اهڙن انعامن سان نوازيو ٿو وڃي.

(٣) پاڪستان جي حڪومت جو سرشتو اسلامي شريعت مطابق هلايو ويندو يا جمهوري ڪثرت راءِ سان، ٻين دنيوي حڪومتن جي طريقي تي هلندڙ ٿيندو؟ ان بابت به پاڪستان ۾ مسلم ليگ پارٽيءَ وارا حاڪم صاف ڪونه هئا.

قائد اعظم چيو ٿي ته ”مذهب جو حڪومت جي ڪاروبار سان واسطو نه آهي“، ته لياقت علي خان انکي قرآن جي قانون مطابق اسلامي حڪومت بنائڻ جا اعلان ٿي ڪيا: آخر ڪهڙي اعلان کي صحيح سمجهي انجي پوئلڳي ڪجي؟

جي حڪومت مغربي طرز موجب بلا مذهب (سيڪيولر) هئي، ته پوءِ اسلام جي نالي ۾ عوام کي بيوقوف بنائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

۽ جي حڪومت سچ پچ اسلامي اصول مطابق هلائڻ جو ارادو هو، ته پوءِ شراب جو عام جام وڪرو، چڪلا، ٻنگون ۽ ڳاج، جاگيرداريون، عملدارن لاءِ وڏا پگهار ۽ سندن رهڻ لاءِ بهشت نما بنگلا ڪيئن ٿي رهي سگهيا؟ هڪ طرف عوام جي اڪثريت کي بدن تي پورو ڪپڙو، کاڌي لاءِ کاڌي طعام ۽ رهڻ لاءِ سولو سجايو گهر به ميسر نه آهي، ته ٻئي طرف ساڳئي وقت انگريزن وارو انڊين پينل ڪوڊ جاري آهي، بي پردگيءَ ۽ بي غيرتيءَ لاءِ مينا بازارن جا پروگرام چالو آهن، عربيءَ جي بدران اردو زبان تي، جا پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي زبان نه آهي، زور ٿو ڏنو وڃي. هڪ طرف ڪان بي وطن ٿي،

صدما سهي، تڪليفون ڪاٽي، ننگ ناموس کي قربان ڪري آيل مهاجر دربدر ٿيو پيا زندگي گذارين، ته ٻئي طرف هي اسلام جا علمبردار، پاڪستان جا محافظ، ليگ جا ليڊر طرح طرح جا ويس پايو، ڪاڏا ڪايو، پيٽ وانگر پيو، مفت جا مال هٿ ڪيو، مست ٿي ناچن ڪرائڻ، دعوتن کائڻ، شادمانن جي مجلسن رچائڻ ۾ مشغول آهن؟ جي حقيقت ۾ حڪومت اسلامي اصولن موجب هلندڙ نه هئي، ته پوءِ عوام کي اسلام جي نالي ۾ هي فريب ڇو ٿي ڏنو ويو؟ ان ساري طرز عمل جي معنيٰ ۽ مطلب اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي.

(۴) پاڪستان جي مرڪزي حڪومت يونيٽري نموني جي ٿيندي يا صوبن کي ان ۾ اندروني خود مختياري ۽ خود اختياريءَ جا حق حاصل هوندا؟ ۱۹۴۰ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري اجلاس ۾ پاس ڪيل "ٺهراءُ پاڪستان" يا ان کان پوءِ مسلم ليگ ليڊرن جي تقريرن ۽ تحريرن موجب پاڪستان "خود مختيار رياستن جو مجموعو" ٿيڻ وارو هو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ منهنجي تحرڪ سان پاڪستان متعلق جيڪو ٺهراءُ پاس ٿيو هو، تنهن ۾ پڻ صوبن جي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ تي زور ڏنو ويو هو، ليڪن بعد ۾ ليگي ليڊرن جي قول ۽ فعل مان ائين پيو معلوم ٿئي ته موجوده برسر اقتدار گروه آهستي آهستي ڪري سمورا اختيارات مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ آڻي، صوبن کي محض پنهنجي جاگيرن وانگر ڪٽب آڻڻ ٿو گهري.

ٻاهران آيل مسلم ليگ ليڊرن ۽ انهن جي مڪاني چاڙتن جو هڪ گروه، اسلام جي آڙ ۾ ڪوشش ڪري رهيو آهي ته پاڪستان جي جدا جدا صوبن جي مختلف زبانن، تهذيبن، لباسن، قومي مفاد ۽ تواريخي روايات جي وجود کي ختم ڪري، انهن جي جداگانه قومي هستين کي مٽائي، هڪ نئين موهوم قوميت (مذهبي بنيادن تي) قائم ڪئي وڃي، جنهن جي زبان اردو ۽ تهذيب پنجاب جي چوڌرين جهڙي هجي.

جيڪڏهين ڪو ماڻهو سنڌ يا ٻئي صوبي جي اندروني سياسي، اقتصادي ۽ ذهني آزاديءَ ۽ ترقيءَ جو نالو ٿو وٺي، ته انکي اهو ٿولو اسلام ۽ پاڪستان جي دشمن جي نالي سان مشهور ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح مرڪز ۾ ٻين صوبن سان برابريءَ جي برتاءَ، وزارت، نوڪرين وغيره ۾ حق گهرڻ جي سوال اٿارڻ کي صوبائي تعصب قرار ڏئي، ملڪي مفاد جي خلاف ظاهر ڪيو ٿو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جا ٻچا نه سٺو آهي، سو ڪنهن کان به مخفي نه آهي: ڪراچيءَ جو شهر، جو سنڌي قوم جي سون ورهين جي خرچ ۽ محنت جو نتيجو هو، عام راءِ جي مخالفت جي باوجود، سنڌ ين کان زوريءَ کسيو ويو، ۽ هاڻي صوبي سنڌ جي هستيءَ کي ئي ختم ڪري، مرڪز پنجاب سان ملايو ويو آهي. هندن جي ڇڏي ويل اٽڪل ٢٠ لک ايڪڙ زمين هتان جي سنڌي هارين جي ڪافي سيڪڙي کان کسي، اڪثري انهن ماڻهن کي ڏني ويئي جنجو انهيءَ زمين تي ڪو به حق نه هو، هندن جي خالي ٿيل ٥٠ سيڪڙو نوڪرين جو به گهٽو حصو سنڌ ين کي نصيب نه ٿيو، ورهين جي محنت ۽ مشقت ڪانپوءِ پيدا ٿيل واپار ۽ ڪارخانن کان به گهٽي يا ڳي کين محروم رهڻو پيو.

سنڌ جي سياست جي اها حالت آهي جو جيستائين اسانجا سياستدان صبح ۽ شام مرڪز جي ارباب حل و عقد جي بوٽ پالش ٿا ڪن تيستائين نه سندن وزارت سلامت آهي ۽ نه ميمبري.

(٥) پاڪستان جي حڪومت کي سرمايه دارانه طرز حڪومت تي هلايو ويندو يا عوام جي مفاد لاءِ سوشلسٽ طريقي تي؟

مسلم ليگ جا مکيه ڪارڪن هميشه پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ ظاهر ڪندا رهيا آهن ته پاڪستان جي حڪومت عام ماڻهن جي مفاد لاءِ هلائي ويندي ۽ نه ڪنهن خاص طبقي يا چند اشخاص جي نفعي لاءِ، ليڪن پاڪستان بنجڻ کان پوءِ، سواءِ ٿلهن دلاسن جي، انهن غريبن جي حمايت ۽ همدرديءَ ۾ ۽ عوام جي حالت سڌارڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي.

هندوستان کان لڏي آيل ٨٠ لک مهاجر، سواءِ ڪن ٿورن جي، پيا دربدر ۽ تباهه حالت ۾ آهن. مڪاني ماڻهن جو ٩٠ سيڪڙو غربت جي زندگي گذاري رهيو آهي ۽ چاليهه سيڪڙو سنڌي عوام اڃا تائين خانه بدوش زندگي پيو گذاري. تعليم لاءِ ڪجهه ڪونه ٿيو آهي. اڪيان سڪول ۽ ڪاليج تباهه حالت ۾ آهن. جاگيرداريون ساڳيون قائم آهن، بئنڪون ۽ شخصي جائدادون وڌي رهيون آهن، بليڪ مارڪيٽ، رشوت خوري، وڏن پگهارن جو حاصل ڪرڻ، بنگلا، محل، عيش عشرتون بدستور جاري آهن. حالانڪ انهن ماڻهن جو وڏو تعداد جنجي قالب ۾ هيءَ حڪومت وئي، اهي اسانجا "بي ميار سودا" انجا مالڪ بنجي وينا آهن، مسڪينيءَ، جهالت ۽ بدامنيءَ وغيره جي هر مصيبت ۾ مبتلا آهي. ڪڏهين "اسلامڪ سوشلزم" جاري ڪرڻ جا دلاسا پڏون ٿا، ته ڪڏهين حضرت عمر جي خلافت جا مثال ڏئي اسانکي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته عنقريب انجي نقش قدم تي عمل ڪيو ويندو. ليڪن عملي طرح، پاڪستان حاصل ٿيڻ کان اڳي، پاڪستان ملڻ تائين انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ترسايو ٿي ويو، ۽ هاڻ وري پاڪستان جي مضبوط ٿيڻ ۽ روز بروز پيدا ٿيندڙ ڳالهين جي حل تائين انهن سوالن کي هڪ غير محدود عرصي لاءِ ملتوي ڪرڻ جا راڳ آلاپجي رهيا آهن. آخر مسلم ليگ ليڊرن جا فلڪ نما محل، سونهري ۽ روپهري برتن، قيمتي ڪوچ ۽ غاليچا، بهترين موٽرڪارون ۽ وائيڪنگ هوائي جهاز، طرح طرح جون دعوتون ۽ ڪاڌا پيتا وغيره، انهنجا خرچ ملتوي ٿئا ٿي سگهن، ليڪن غريب کي پوکڻ لاءِ زمين ٽڪرو، رهڻ لاءِ گهر، کائڻ لاءِ ٽڪر وارن اهم سوالن کي ترسائڻ ضروري چاتو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته انکري انهن ليڊرن ۽ سنڌن هم مشرب سنگت جي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي!

(٦) پاڪستان جي حڪومت اقليتن جي سوال تي نڪي

هندستان جي حڪومت سان ڪو خاطر خواهہ سمجهوتو ڪيو ۽ نہ وري پنهنجي حد اندر اقليتن بابت ترت ڪا واضح پاليسي مقرر ڪئي.

مسلم ليگ جي لاهور واري ٺهراءَ ۾ اقليتن جي حفاظت لاءِ خاص فقرو هو. خود پاڪستان جي گهر ۾ خاص ڪري اقليتن طرفان ٿيل هلي ۽ برصغير هند و پاڪستان جي اقليتن جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ئي پيش ڪئي ويئي هئي، ليڪن پاڪستان جي اعلان ٿيڻ بعد، جيئن حڪومت جي عهدن ملڻ جو وقت نزديڪ ايندو ويو، تيئن اسانجا ليگي ليڊر پارٽ ۾ چئن ڪروڙ مسلمان اقليتن جي قسمت بنسبت ڪنهن بہ فيصلي ڪرڻ کانسواءِ مڏيون ۽ مال ڪٺي اچي هتي سهڙيا. پوءِ ٿي جيڪي ٿي گذريو انجي سد باب لاءِ اڳواڻ ڪا تجويز نہ سوچي هئائون ۽ نہ پوءِ ئي ڪجهہ ڪري سگهيا. پنهي حالتن ۾ پنهنجي عقل جي ڏيوالي، ڪوتاهہ انديشيءَ ۽ خود مطلبيءَ جي انتها جو مظاهرو ڪيائون. ان کانپوءِ جڏهين ڏٺو ويو تہ ڪن شرارتي هندن طرفان اقليتن کي الهندي پاڪستان مان لڏائڻ جي منظم سازش هڪ طرف هلي رهي هئي تہ ٻئي طرف ڪن خود غرض ۽ ڪوتاهہ نظر مسلمانن ۽ آفيسرن طرفان اقليتن جي ملڪيتن ڦٻائڻ جي نيت سان انهن کي تنگ ڪري لڏائڻ جون ڪوششون شروع ٿيون، تہ انجي بند ڪرڻ لاءِ سواءِ بي اثر انتظامي اقدام جي ٻي ڪا بہ ڪارگر ۽ سمجهدار ڪوشش ڪانہ ڪئي ويئي، نتيجو اهو نڪتو تہ هندستان ۾ اڃان چار ڪروڙ کن مسلمان رهجي ويا. جڏهين پاڪستان جي ليگي حڪام کي خبر هئي تہ هندستان جي سڀني مسلمانن لاءِ پاڪستان ۾ رهڻ واسطي گنجائش نہ ٿيندي، جڏهين کين اها بہ خبر هئي تہ غير مسلم اقليتن جو پاڪستان مان لڏي وڃڻ هندستان ۾ پوئتي رهيل مسلمانن جي قسمت تي ابتو اثر ڪندو، جڏهن کين معلوم هو تہ هندستان جي ورهاڱي کانپوءِ بہ ساڳيءَ نفرت جي پاليسيءَ جو هڪ ڏينهن جهونا ڳڙهہ جي ناليءَ ۾، ٻئي وقت حيدرآباد ۽ ڪشمير جي سوالن تان، پاڪستان جي مسلمانن ۾ پرچار ڪرڻ

لازمي طرح پنهي ملڪن کي جنگ ڏانهن ولي ويندو، جنهن لاءِ گهٽي وقت تائين هيءُ ملڪ تيار ٿي ڪين سگهندو، ۽ جنهن مان سواءِ تباهيءَ جي پيو ڪجهه به ڪنهن کي حاصل نه ٿيڻو آهي، تہ پوءِ ڇاڻي واڻي صرف پاڻ کي طاقت ۾ رکڻ لاءِ پاڪستان بنجڻ کان پوءِ به اها پاليسي ڇو چالو رکي وئي، ۽ ڇو نه سڀ کان اول پنهي ملڪن جي اقليتن جي حقوق، اختيارين ۽ آخرين حفاظت لاءِ ڪي دائمي مؤثر معاهدا ڪيا ويا؟

(٧) پاڪستان جي موجوده حڪمرانن جي خارجي پاليسي به درست ۽ صاف نه آهي. هنن جيڪي طريقا اختيار ڪيا آهن، انهن ڪري هو پنهنجي پاڙيسري ملڪن يعني هڪ طرف هندستان ته ٻئي طرف افغانستان ۽ ٽئين طرف سويٽ يونين جي همدردي وڃائي ويٺا آهن.

هندوستان جي حڪومت سان ڪيترا مسئلا منجهيا پيا آهن- جهڙوڪ ڪشمير جو سوال، درياءَ جي پاڻيءَ جي ورڇ، اقليتن جي حقوق جو سوال ۽ لڏي ويلن جي ملڪيتن جو مسئلو، وغيره، ۽ هوڏانهن ملڪ جي بچاءَ جي بلي سال بسال ڪروڙها روپيا خرچ ڪرڻا پون ٿا. افغانستان سان ويهي سمجهه ۽ ويچار سان فيصلي ڪرڻ کي ملتوي ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان اگرچ انگلنڊ جي بادشاه جي ماتحت اڃان به هڪ ڊومينين آهي ۽ انجو گورنر جنرل انجي صحيح سان مقرر ڪيل آهي، ليڪن حالتن مان اڪثر ائين ڏٺو ويو ته پاڪستان جي بنسبت، هندستان جي انگلنڊ ۾ گهڻي خوشامد ٿئي ٿي. پاڪستان جي اهڙي خارجي پاليسيءَ ڪري مغربي سامرا جي ملڪن خلاف ايشيائي ملڪن جي متحده محاذ جو خواب بنا تعبير جي رهجي وڃي ٿو. اسانجي حڪومت جو سمورو ڌيان وچ مشرق جي مسلمان ملڪن سان تعلقات وڌائڻ طرف وڃي ڪتو آهي؛ پر جنهن صورت ۾ انهن ملڪن جو گهڻو حصو دنياوي ترقيءَ جي خيال کان تمام پٺتي پيل آهي ۽ بادشاهن يا مڪاني اميرن جي هٿ هيٺ آهي، جي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ صرف پنهنجي

عيش عشرتن ۾ مشغول آهن، ۽ انهن ملڪن جو گهڻو حصو سامراجي طاقتن جي زير تسلط ۽ زير اثر آهي، انڪري اها پاليسي پاڪستان لاءِ عملي طرح ڪنهن به فائدي آڻڻ بدران انڪي صرف انگريز ۽ امريڪا جي رحم ۽ ڪرم تي وجي ڇڏيندي.

پاڪستان جو فائدو ان پاليسيءَ ۾ آهي ته گهٽي وقت تائين هو دنيا جي ڪنهن به ملڪ سان دشمني پيدا نه ڪري، امن جو طالبو ۽ حامي رهي، جيئن هو ترقي ڪري سگهي. ٻئي طرف سرمايه داريءَ ۽ اشتراڪيت جي ايندڙ تصادم ۾ هنکي غير طرفدار رهڻ جي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي، ليڪن ليگي ليڊرن جي موجوده پاليسي ملڪ کي خدا نخواسته ڪنهن پاور بلاڪن جي جنگ ۾ گهلي نه وڃي.

(٨) مرڪزي حڪومت جا حڪمران صوبن جي اندروني معاملن بنسبت غير همدردانه روش هلڻ ڪري، ملڪ جي اصلي باشندن جي همدردي گهٽي قدر وڃائي ويٺا آهن. اگرچ حڪومت جي طاقت ۽ مذهبي نعرن جي لڪ ۾، ظاهر ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي، ليڪن صوبن ۾ وطني بنيادن تي قوم پرستيءَ جي اها لهر آئي رهي آهي، جنهن جو اندازو صرف عوام سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي ئي ٿي سگهندو.

يورپ ۾ سون ورهن جي ڪوشش جي باوجود، وڏا ملڪ جهڙوڪ جرمني، فرانس، وغيره ۽ وارن ننڍن ملڪن جهڙوڪ هالنڊ، بيلجم، ڊينمارڪ، پولنڊ، هنگري وغيره کي به ساڳئي مذهب، لباس، نسل ۽ تهذيب هوندي به، ملائي هڪ ڪري نه سگهيا، فريڊرڪ اعظم، نيپولين بونا پارٽ، مسوليني، هٽلر وغيره سڀ جون ڪوششون رائگان ويئون. تاريخ جي اهڙن مثالن هوندي، اهو خيال خام پيو معلوم ٿئي ته هن وقت چند مخبوط الحواس ليگي ليڊر پنهنجي نو ايجاد اسلام ۽ تهذيب جي ذريعي پنجابين، پٺاڻن، بنگالين، بلوچن ۽ سنڌين جي هزارها ورهين جي تهذيبن، روايتن ۽ زبانن کي ميٽي، هڪ نئين رنگ

۾ رنگيندا. اها ايڏي غلط پاليسي آهي جنهنکي جيڪڏهين گهڻو وقت هلايو ويو، ته پاڪستان جا بنياد مضبوط ٿيڻ بدران پاڻ ڪمزور ٿيندا.

(٩) باوجود انن سالن گذرڻ جي، اڃا تائين ملڪ جو آئين تيار نه ٿي سگهيو آهي. پر واري ملڪ هندستان پنهنجو آئين تيار ڪري ڇڏيو ۽ ان موجب اتي نيون چونڊون ٿي به چڪيون آهن، ليڪن هتي اڃا آئين مڪمل نه ٿيو آهي. ان مان انهيءَ گروه جي دائمي طاقت هٿ ۾ رکڻ جي ارادي جو پتو پئجي سگهي ٿو.

مٿيون مختصر بحث مرڪزي حڪومت جي ليگي ڪارڪنن تي ڪيو ويو. هاڻ اسان صوبن اندر رسندڙ پوئلڳ ليگي وزيرن جي ڪارنامن ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائيندا سون.

صوبائي وزارتن جون خاميون

(١) نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو ته موجوده زماني ۾ جڏهن دنيا جو هر ملڪ تهذيب ۽ تمدن طرف ترقي ڪندو وڃي، سنڌ ۾ چاليه سيڪڙو ماڻهو خانه بدوش زندگي گذارين ٿا، جن کي مستقل جاءِ رهائش نه هئڻ ڪري موجوده مهذب دنيا جي ايجادن ۽ سهوليتن جي فائدي کان مطلقاً محروم ۽ بي بهره ٿو رهڻو پوي.

اهو ڪنهن کان مخفي نه آهي ته سنڌ ۾ ٢٥ لک آبادڪار اهڙا آهن جن کي ڪوبه زمين جو ٽڪرو پنهنجو نه آهي. اهڙيءَ طرح سان ڪيئي مالدار، مير بحر، خانه بدوش قومن جا ماڻهو ۽ مزدور آهن جن جو تعداد پنجن لکن کان مٿي ٿيندو، انهن سڀني لاءِ ڪوبه مستقل گذر معاش جو انتظام نه آهي. هنن مان اڪثر گذرسانگي، هڪ زميندار وٽان لڏجي ٻئي زميندار جي آبادي ڪن ٿا، يا هڪ زمين جي ٽڪري تي آباديءَ لاءِ ڪجهه گهر اڏي، هڪ ٻه سال اتي گذاري، وري ٻيءَ زمين جي سهوليت خاطر وڃي ٻئي هنڌ جهوپڙيون اڏين ٿا. مالدارن جي ته زندگي مال جي چاري تي مدار رکي ٿي، هڪ هنڌان گاهه کٽو، ته ٻئي هنڌ

مال ڪاهي وڃن ٿا، جبل، پٽون، ترائيون، پيلا، جهنگل، ڪچا ۽ ڪينيون سندن مڙهه مقام آهن. خانہ بدوش قومن جو تہ آهي سدائين لڏو ڪلهي تي، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پيا ڦرن. مزورن مان گهڻن جا گهر، ٻاٽڙيءَ (فٽ پاٿ) تي يا ڪچي جهوپڙي يا ڪن شاهوڪارن جي ڪارخانن جي پر ۾ ٻراٿن لين جي ٻڙدن يا پڙڇن هيٺان آهي. مير بحرن مان ڪي ڪچين جهوپڙين ۾، تہ ڪي مڇيءَ جي آڏار تي ميائين ۾، تہ پيا غليظ پکل ڍونڍين يا ننڍين پيڙين ۾ پنهنجون زندگيون ڪاٽين ٿا.

انهن سڀني ماڻهن کي خانہ بدوشي ڇڏائي، شهري زندگيءَ گذارڻ جا موقعا ميسر ڪري ڏين، تہ هو نيم وحشيانہ عادتون ڇڏي، تعليم حاصل ڪري، موجوده مهذب دنيا جي ايجادات جو فائدو وٺي سگهن، بيماريءَ وقت علاج حاصل ڪن، ڏک سک ۾ هڪ ٻئي سان مدد ڪار ٿي سگهن، دنيا ۾ ڇا وهي واهري رهيو آهي ان کان واقف ٿين، ۽ حڪومت جي ڪاروبار تي اثر هلائڻ جهڙا ٿي سگهن— اهو هر مهذب حڪومت جو فرض آهي، ليڪن ليگ وزارتن انهيءَ مکيہ کان مکيہ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نہ ڪا تجويز سوچي آهي، ۽ نہ ڪجهہ ڪيو آهي. سندن ناڪاميابيءَ ۽ برائيءَ جو ان کان وڌيڪ ڪو نمايان ثبوت ٿي نہ سگهندو.

(۲) مسلم ليگ وزارتن جي رڪارڊ تي ٻيو جو بدنما داغ لڳل آهي، سو اهو آهي تہ هنن ملڪ جي ۹۰ سيڪڙو ماڻهن جي غربت کي دور ڪرڻ لاءِ نہ ڪا تجويز سوچي آهي ۽ نہ ڪو قدم کنيو اٿن. سنڌ جا جملي هاري، مزدور، ٻالدار، مهاڻا، خانہ بدوش قومون، ڪاسبي، ننڍا سرڪاري نوڪر، ننڍا ڪاتيدار، ننڍا دڪاندار انتهائي تنگ دستيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن. ڪين سولو سوڌو هوادار، ۽ صفا رهڻ لاءِ رکو اجهو بہ نہ آهي، جنهن ۾ اونهاري جي گرمي، سياري جي سردي ۽ بارش کان پورو بچاءُ هجين. ڪي تہ بنهہ بي گهر آهن، ۽

جي ڪن ڪي نالي خاطر ڪا جهوپڙي آهي، ته اها اهڙي جتي مرجوده مهذب دنيا جو ماڻهو هڪ پل به نه رهي سگهي، پاڻي، گندگي، دونهون، پوسل ۽ مڇرن جا چوڏاري انبار لڳا پيا هوندا آهن. ڳوٺن جو ڪهڙو حال آهي! نه ڪٿي سڌي نه زمين صاف، نه ڪني پاڻيءَ جي بدبوءِ کان بچڻ لاءِ انتظام هوندو اٿن. اهڙيءَ طرح سان ماڻهن جو گذران اهڙو تنگ آهي، جو لکها ماڻهو رڳو جوئر باجهريءَ جي سڪل مانيءَ تي گذر تا ڪن. گوشت، ڀاڄي، کير، ميوو، جانور يا ڪڪڪ وغيره ته قسمتاً نصيب ٿيندي هوندي ين. بدن جي تندرستيءَ، قوت ۽ طاقت لاءِ گهربل به ٿي قسم کاڌو ۽ بدليل طعام ته قطعاً سندن نصيب ۾ ڪونه آهي. اڄ ڪله مهذب دنيا في روز ڇهن ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ مناسب نٿي سمجهي، پر هي غريب صبح کان ولي رات تائين هاڃي ۾ پيا هجن، ته به پاندي پوري ڪانه ٿي پئين. سندن ڪپڙا اڪثر ليڙون ۽ ڦاٽل آهن، جيڪڏهين سچا هوندا اٿن ته هڪ کان وڌيڪ وڳا نه هئڻ ڪري ڌئارڻ لاءِ گوڏ ٻڌي وهٺو پوندو اٿن. ساني پچائڻ، ڪپڙا سبڻ، گهر ميڙڻ، ڪپڙا ڌئڻ، ڪاٺيون ڪرڻ، ان پيهڻ، پاڻي پرڻ، پارنپائڻ جوڪم سندن غريب زال ڪري ٿي، جنهن جو ساروجيءَ ڏينهن رات جنسي جنجال ۾ هوندو آهي، جنهن جي جواني، سونهن، مهاڳ سڀ ان قومي اپاڳ جي قرباني بنجي پنهنجي موسمي بهار کان اڳ ۾ ڪومائجيو وڃن. بيماريون سندن گهرن جون هميشه مهمان هونديون آهن. ڪنهن کي تپ جو وارو، ته ڪنهن جو پير يا ٽنگ ڪِنڌي يا ڌڪ لڳڻ ڪري ٻڌا پيا هوندا آهن، ڪنهن کي کنگهه، ڪنهن جو پيٽ نڪتل، ڪنهن کي سائي ته ڪنهن کي يرقان، بارجون اکيون اٿيل، ڪن ۾ سور، بدن تي مٽي ۽ مر— تنهن سان گڏمٽي تي پٽ ۽ جسم تي ڦٽ ڦرڙيون— پر پاند ۾ پيسو ڪونهي جو علاج ڪري سگهن، يا ته مورڳو وبجهڙائيءَ ۾ طبيب ئي ڪونه اٿن.

اها حالت عام مسلمانن جي آهي. ٻئي طرف ليگ ليڊرن جا

جيڪي. بنگلا، ڪاڌا، ملڪيتون، ڪمپنين ۾ حصا، زمينون، ڪارخانا، ڪوٺيون ۽ بنڪون آهن، تن جو ڪو پتو پاند ۽ ڪو حساب ڪونه آهي. پوءِ ڀلا اها عام غربت ڇو نه هوندي؟ پنهنجي پيٽ ڀرڻ جي ڪن ڀا، خلق خدا جي غربت لاهڻ جي ڪن: ٻئي شيون ته ساڳئي وقت حاصل ٿي ڪين سگهنديون! جملي هڪ ڪروڙ ڏهه لک ايڪڙ زمين مان ٩٠ لک ڪن ايڪڙ زمين محض چند هزار وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن جي هٿ ۾ آهي؛ رڳو جاگيرن هيٺ ئي ڏهه لک ايڪڙ زمين آهي! ارباب حڪومت وٽ انهن غربت جي بنيادي ڪارڻن جي معلوم ڪرڻ ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪو به وقت ڪونهي ۽ نڪو وري ڪو ارادو ئي اٿن. البت ٻڪ ڪان زميندار جو ان چوري ڪندڙ، مال ڪاهيندڙ ۽ نڳي ڪندڙ فاقه ڪش غريب لاءِ قاعدا آهن، پوليس آهي، ڪورٽون آهن، جيل آهن، ڦاسيون ۽ بندوق جون گوليون آهن! جي ڪنهن وٽ ٻارن کي کارائڻ لاءِ مانيءَ ٽڪر نه آهي ۽ هو لنگهڻ ڪاٽڻ ڪري ڏيرا ٿي وڃن ٿا، ته به مجال آهي جو هو ڪنهن شاهوڪار جي اَن کي، جنهن وٽ اَنن جا انبار پيا پيا آهن، هٿ به لائي سگهن! اهو ڪين گهرجي، اڌاري ۽ ٻنئي به نٿو ملي: ڪير جو اَن کي زوريءَ يا چوريءَ رڳو هٿ به لائي سگهي! ليڪي حڪومت مالدار جي مفت جي ڪمائيءَ، بليڪ مارڪيٽ ذريعي گڏ ڪيل پيسن، رشوت، جاگيرداريءَ، وياج ۽ زميندايءَ رستي حاصل ڪيل موڙيءَ کي بچائڻ لاءِ جيلخانن، ڪورٽن، پوليس وغيره تي لکها روپيا خرچ ڪري سگهي ٿي ۽ ڪري رهي آهي؛ پر مسڪين، يتيم، بي روزگار ۽ محتاج جي گهر، ڪاڏي ۽ لٽي لاءِ ڪجهه به نٿي ڪري. نه سندن اسلامي جذبي کي حرڪت ٿي اچي، ته نه دل کي ئي لوڏو ٿو اچين. باوجود انجي ليگ جا ليڊر اسلام جي علمبرداريءَ، پاڪستان جي رکپاليءَ ۽ "پئن اسلامزم" جي رهبريءَ جو ٺيڪو هٿ ۾ کنيو پنهنجي دعوائن ۾ منگهڻ مست لڳا، وتن لپاڙن ٻيتان لپاڙون هڻندا ۽ لاف زنيون ڪندا!

(٣) سنڌ جا نوي سيڪڙو ماڻهو جهالت جي ڪن ۾ غرقاب آهن، باقي ڏهه سيڪڙو پڙهيل به اهڙا آهن جن مان ڪي ته رڳو صحيح وجهي ڄاڻن. علم جو آفتاب اگرچه مٿي چڙهي آيو آهي ۽ دنيا جون ڪنڊون ۽ ڪڙڇون روشن ٿي رهيون آهن، ليڪن اسانجي ليکي ليڊرن جي برڪت سان انجي روشني هن ملڪ ۾ اچا چند مخصوص گهرن ڪانسواءِ ٻين وٽ پهچي به نٿي سگهي. علم مان منهنجو مقصد صرف لکڻ پڙهڻ نه آهي. انمان منهنجي مراد هر قسم جي معلومات آهي. جهڙيءَ طرح اونداهي گهر ۾ بتيءَ جي روشنيءَ ڪري سڀ ڪجهه ڏسي سگهجي ٿو، اهڙيءَ طرح دنيا جي معلومات حاصل ڪرڻ ڪري انسان پنهنجي نفعي ۽ نقصان کان واقف ٿي ترقيءَ جي راه تي گامزن ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ عام بي علميءَ جو اهو نتيجو ٿيو آهي، جو ٻين ملڪن ۾ ماڻهن جي سواريءَ لاءِ تيز رفتار هوائي جهاز ۽ موٽرڪارون موجود آهن، ته هتي چند ليکي ليڊرن ۽ مٿين طبقي جي ماڻهن ڪانسواءِ عام ماڻهن جي سواريءَ لاءِ اهوئي قديم زماني وارو گڏهه، اٺ، ڏڳو ۽ ڇڪڙو موجود آهي.

دنيا جي ٻين ملڪن ۾ جتي ڪٿي پڪا موٽرن جا رستا ٿي ويا آهن، هتي سواءِ هڪ مکيه رستي جي— جو انگريز بهادر پنهنجي سهوليت خاطر ٻي عالمگير جنگ جي زماني ۾ پنهنجي آخري ڏينهن ۾ ٺهرائي ويو، جو به هاڻ زبون حالت کي ويجهو ٿيندو وڃي— ٻيو ڪو چٽو تسلي بخش بارهن ئي مهينا هلڻ لاءِ رستو موجود آهي.

ٻين ملڪن ۾ هر هنڌ بجلي بتي پنهنجي پوريءَ جلوه نمائيءَ سان گهر گهر ۾، جهنگ جهر ۾ موجود آهي؛ هتي سواءِ ڪن شهرن جي؛ جتي به انهيءَ جي پوريءَ طرح ڪم ڏيڻ تي اعتبار نه آهي، اچا تائين اڪر جو ڏيو يا گاسليٽ جي چمني ٻلي ٽمڪي؛ ۽ ڪٿي ته فقط آسمان جا تارا ۽ چنڊ جي روشني رهنمائي ڪن ٿا!

ٻين ملڪن ۾ جانورن ۽ ماڻهن جي عيوض روزمره جي

ڪاروبار ۽ زراعت ۾ مشنري يعني ڪلن جي ذريعي ڪم ڪرڻ جو طريقو شروع ٿي ويو آهي. مگر هتي اڃا ڏاڏي آدم جي زماني جو ڪاٺ جو هر، ڪاٺ جو هرلو ۽ نار، ڏڪا ۽ اٺ ملڪ جي هزارها سال پٺتي هجڻ جي يادگيري تازي ڪري رهيا آهن. تار ۽ ٽيليفون هتي ٻه ٻراجمان ٿيا آهن، ليڪن اهي چند شهرن ۽ خاص سرڪاري آفيسن ۽ شاهوڪارن جي گهرن کي ئي رونق ڏين ٿا، ملڪ جي عوام کي انهن مان ڪو خاطر خواهه فائدو حاصل ٿي نه سگهيو آهي. ملڪ جا ماڻهو اڃا تائين، جنن ۽ ڀوتن جي خوفن ۾ گرفتار آهن، جيڪڏهن ڪولن ۾ ڪو بيمار ٿئي ٿو ته انکي جن ڀريءَ جو آسيب يا لڳت ڪري تصور ڪيو وڃي ٿو، ۽ يڪدم انهن جي راضي ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون.

بيوس ۽ دکي عوام جو آخر ان ۾ ڏوهه به ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهين ڪين پنهنجي روزمره جي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ ايذائن کي ٽارڻ لاءِ ڀيو ڪو صحيح رستو يا حل نٿو ميسر ڪري ڏنو وڃي، ته پوءِ هو نيٺ ساهوارا آهن، ضرور پنهنجي تڪليفن ۽ مصيبتن کي ٽارڻ جي هر ممڪن سوهوم ڪوشش ڪن ٿا. مهذب ۽ سڌريل دنيا جيڪي علاج، ۽ خوشحال ۽ سکي زندگي لاءِ جيڪي طريقا انسانن لاءِ موجود ڪري ڏنا آهن، اهي وسيلا ۽ علاج عوام جي هٿن ۾ ڏيو ۽ پوريءَ طرح ڪين اهي آزمائي ۽ سمجهائي ڏيکاريو، پوءِ ڏسو ته هو موسمي بخار لاءِ ڪوئنين جون گوليون کائين ٿا يا ڀلِيتا ٿا پِين، رات جو ايندڙ تپ لاءِ اسپتال جو علاج ٿا ڪن يا چورن ڪان ڌاڳا ٿا وٺائين.

اسان جي علمي ذوق جي هيءَ حالت آهي جو نوان ڪتاب ته تاليف ڪونه ٿا ٿين، پر اڳي جا تاليف ٿيل ڪتاب به ناياب ٿي رهيا آهن. گهڻن بهترين شاعرن جو ڪلام ڇاپي ۾ نه اچڻ ڪري آهستي آهستي ٿي گم ٿي رهيو آهي.

سنڌ جي سرزمين ۾ اسان جون هڪ ٻه سنڌي روزانيون

اخباروڻ آهن، جن جو ڪاپو جملي ٽن هزارن کان مٿي نه آهي، هوڏانهن هندوستان ۾ منتشر ٿيل ۽ مٿ پر سنڌي هندن جون ٻي پنج روزانيون اخبارون آهن، جن جو ورڪرو چاليهن هزارن کي پهچي ٿو.

عام ووٽرن جي معلومات جي اها حالت آهي جو پيرن، ملن، زميندارن، آفيسرن ۽ پيسن جي اثر هيٺ ووٽ ڏين ٿا ۽ کين اها به خبر نه آهي ته ان طرح ووٽ ڏيڻ سان پنهنجي مٿان غربت، جهالت، ظلم ۽ رشوت وغيره جا زنجير جڪڙين ٿا. انهن سمورين ڳالهين لاءِ برسر اقتدار پارٽي مسلم ليگ جا وزير، ميمبر ۽ ڪارڪن جوابدار آهن ۽ جيڪڏهين ملڪ مان اهي خرابيون ترڙي نه ڪڍي سگهيا آهن ته ڏوهه سندن آهي جو طاقت ۽ حڪومت سندن هٿ ۾ آهي.

(٣) ملڪ جي صحت عام جي حفاظت ۽ درستيءَ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهين پوريءَ طرح جانچ ڪئي ويندي ته پتو پوندو ته ويم ڪرائڻ جي سڌريل ۽ نئين نموني جو انتظام نه هئڻ ڪري هزارها عورتون ۽ معصوم ٻار سال بسال اجل جو شڪار ٿين ٿا. ساريال ايراضين ۽ هاڻ براج جي کهڙن حصن ۽ ڪيترن شهرن ۾ مڇر وڌي رهيا آهن. انهن جي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوبه انتظام ڪونه ڪيو وڃي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري ته لکها ماڻهو سال بسال مليريا جي مرض جو شڪار ٿي ڪيترا ڏينهن بيڪار ٿيو پون، ۽ ڪي اجل جو شڪار ٿين ٿا، ته ڪي وري اهڙا ڪمزور ٿي ٿا پون جو مورڳو ڪم کان ويهو رهن.

خراب کيه، اٿپوري کاڌي ۽ عام گندگيءَ وغيره ڪري سلهه جو مرض شهرن ۾ عام ٿيندو وڃي ٿو. هزارها ماڻهو پوري علاج نه هئڻ ڪري هن موذي مرض ۾ سال بسال اجل جو شڪار ٿين ٿا.

اسپتالون ملڪ ۾ گهٽ آهن، پر جي ڪٿي آهن ته ڊاڪٽر

ڪونه اٿن. جي ڊاڪٽر آهن ته دوائون ڪونه اٿن. جي ڊاڪٽر، اسپتالون ۽ دوائون موجود آهن ته پوري نظرداري نه هئڻ ڪري گهٽ فائدو ڪونه ٿو پهچي. وڏين اسپتالن ۾ ماڻهوءَ جو ڪتي جيترو به قدر ڪونه آهي: اتي ڪاڌي جي خرابي، رهڻ جي تڪليف، نظرداريءَ ۽ دوا ۾ بي پرواهي، عام ۽ دستوري ڳالهيون ٿي ويئون آهن. دوائون سڀ ولايت کان اچن، هتي دوائن ٺاهڻ جو ڪو خاطر خواه انتظام ڪونه آهي. هڪ پيسي جي دوا هڪ روپئي ملي ٿي، جنهن ڪري عوام انهن جي خريد ڪرڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ کان هميشه محروم ٿا رهن. خدا جو شڪر آهي جو پاڪستان بنجڻ کانپوءِ ڪا وچڙندڙ بيماري ڪانه پيئي آهي: جي خدانخواسته پوي ها ته خبر نه آهي عوام جي ڪهڙي حالت ٿئي ها.

ڊاڪٽر ملن ٿا، جي آهن ته ڪمائيءَ جي خيال کان اڪثر وڏن شهرن ۾ رهن ٿا، انهن جي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوبه خاطر خواه انتظام موجود نه آهي. تخمينو ڪيل آهي ته ايندڙ ٢٥ سالن ۾ موجوده رفتار موجب صرف هن وقت جي ڊاڪٽرن کان ١٠ سيڪڙو ڊاڪٽر مس وڌي سگهندا. جيتوڻيڪ ملڪ جي عام صحت کي ڪنهن تسلي بخش معيار تي آڻڻ ۽ ان تي قائم رکڻ لاءِ ڪم از ڪم هر پنجن سون ماڻهن جي پٺيان هڪ ڊاڪٽر ۽ هڪ نرس جي ضرورت آهي، ۽ هنوقت پنجاه هزار ماڻهن تي هڪ سنديافته ڊاڪٽر به مس ڪو موجود آهي.

پر پڇڻ وارو آهي ئي ڪونه. وزير صاحبن کي دعوتن کائڻ، ملڪيتن گڏ ڪرڻ، مرڪزي حڪام جي خوشامد ڪرڻ، شخصي رعب ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ چند ماڻهن جي شخصي ڪمن ڪرڻ کان فرصت ئي ڪانه آهي، جو هن طرف به ڪو توجه ڏئي سگهن.

(٥) ملڪ ۾ بداخلاقي، بدامني ۽ گناهه وڌي رهيو آهي، انهيءَ جي بنيادي سببن معلوم ڪرڻ ۽ علاج ڳولي انجي انسداد

لاءِ ڪوبہ انتظام نہ ٿو ڪيو وڃي. صرف زور آهي پوليس وڏائڻ، ماڻهن کي ۱۱۰ قلم، فرنٽيئر ريگيوليشن، سيفٽي ائڪٽ وغيره هيٺ جيلن ۾ موڪلڻ ۽ لوڙهن ۾ بند رکڻ تي. اهي جيڪي فقط ڏياءَ ۽ عام تشدد وسيلي حڪومت هلائڻ ۾ اعتبار رکن ٿا ۽ ان تي عادي ٿي ويل آهن، تنجي خيال ۾ به ڪڏهن هيءَ ڳالهه نٿي اچي سگهي ته بدامني ۽ گناهه جي روڪڻ لاءِ پوليس جي ڏنڊي، گوليءَ ۽ جيل کانسواءِ پيار محبت ۽ همدرديءَ ذريعي جماعتي نظام درست ڪرڻ جا رستا به ممڪن ٿي سگهن ٿا! هنن لاءِ هيءَ هڪ قطعاً ناممڪن امر آهي ته ڪڏهن ويهي سوچين ته آخر-

۱- بدامني ڇو ٿي ٿئي؟ ۲- انجا ڪارڻ ڪهڙا آهن ۳- انجي دائمي بند ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن، يا ملڪ ۾ ڪهڙا عام گناهه ٿين ٿا ۽ انهنجا خاص ڪهڙا ڪارڻ آهن ۽ انهنکي ڪهڙي طريقي هميشه لاءِ روڪي سگهجي ٿو؟ اڳئين وحشي زماني کان هي اعتقاد گهڻن جي من ۾ اڄان به هلندو اچي ته هر مرض ۽ خرابيءَ جو علاج سختيءَ سان ئي ٿي سگهي ٿو. ان اعتقاد موجب جيڪڏهين ڪو بيمار ٿيندو هو ته ان کي جن سمجهي لڪڻ جي مار يا داغ ڏيڻ يا بک ڪيائڻ سان انجو علاج ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح سان هرڏوهه جو علاج سزا سان ڪبو هو. هينئر به ڏوهن بند ڪرڻ لاءِ ڪم و بيش اهي قديم زماني جا طريقا بنان سمجهه سوچ جي اختيار ڪيا وڃن ٿا.

وڏي تعجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته ڏوهه ۽ سزا بنسبت قديم وحشيانه اعتقادن رکڻ جي باوجود ملڪ جا حاڪم انهن سزائن تائين پهچڻ لاءِ عدل جا طريقا نئين نموني جا، مهذب ملڪن کان آيل، اختيار ٿا ڪن. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڏڙ ريڊ وسيي ياڪري". ماڻهو جاهل- سي پوليس ۾ فرياد ڪن ته پهرين پوليس ڦرين، چور هٿسا ڏئي جند نہ ڇڏائي، يا پوليس جانچ ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن بي گناهه کي ڪورٽ ۾ رجوع ڪري ته وڪيل

ٿين، شنوايون هلن وغيره. بعضي ڏٺو ويو آهي ته ڪڪڙيءَ جي چوريءَ ۾ ٽن سالن تائين جوابدار بنا ڊريافت جي جيل ۾ پيو آهي، جتي نه پورو هوا جو گذر آهي نه پورو کاڌي جو انتظام آهي، اتي ڪوٺڙين ۾ رهي رهي ماڻهو زندگيءَ کان بيزار ٿيو پون، ۽ سوسائٽيءَ لاءِ اهڙي نفرت ٿيو پوين جو ٻاهر نڪرڻ بعد سڌرڻ جي بجاءِ وڌيڪ خرابين ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ٿا اچن.

سنڌ جي پيدائش جو ٢٠ سيڪڙو جيلن، پوليس ۽ عدالت تي خرچ ٿئي ٿو، ليڪن باوجود انجي گناهه ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه ٿي ٿئي؛ جيستائين انهيءَ مرض جي پوري تشخيص نه ڪئي ويئي آهي تيستائين انڌا ڌنڌ ۽ غلط علاج مان ڪوبه فائدو ٿيڻ وارو ڪونه آهي.

جيستائين غربت، جهالت، ظلم ۽ رشوت دور نه ڪيا ويا آهن، عوام جي معيار زندگيءَ کي مٿي ڪرڻ ۽ سنڌ جي اخلاقي حالت درست ڪرڻ تي توجهه نه ڏنو ويو آهي، ان وقت تائين رکو سختي ڪرڻ مان فائدي جي بجاءِ نقصان ٿيندو؛ عارضي علاج دائمي بيمارين لاءِ ڪارگر ڪونه ٿيندا؛ پر انهن ڳالهين طرف ڌيان ڏني ڪير؟ برسراقتدار جماعت جي طاقت هٿ ڪرڻ ۽ قائم رکڻ جا ذريعا جي جڏهين زبردستيءَ ۽ دوکيبازيءَ جهڙا عارضي طريقا آهن، ته اهڙي ماحول ۾ سوسائٽيءَ جي بگڙيل نظام جي درستيءَ لاءِ پائدار علاجن جي توقع رکڻ اجائي آهي. مال جي چوري، ڌاڙا، خونريزيون، ڦريون، کيسو ڪترڻ، ٺڳيون وغيره ڪن غريبن جا ڌنڌا ٿي پيا آهن. ته رشوت، بليڪ مارڪيٽي، وڏا پگهار ۽ ڪوڙا ڀاڙا ڀتا کڻڻ، ٻين جي پگهر جي ڪمائيءَ تي بنا محنت جي گذر ڪرڻ، وياج خوري، شيءِ جي حقيقي قيمت کان ٻيڻو ملهه وٺڻ، اکين کي ڪمال حرفت ۽ چالاڪيءَ سان لاهڻ ۽ چاڙهڻ، نشا ۽ عياشيون ڪرڻ وري شاهوڪارن ۽ حاڪم طبقي جا عام جرم ٿي پيا آهن!

ليگ وزارتن ۽ مسلم ليگ انهيءَ واسطي ڇا ڪيو آهي؟ ان لاءِ جواب صرف اهو پاڻ ئي ڏيئي سگهن ٿا. پر جيڪڏهين هنن کي سندن ڪوتاهين جو احساس ڪونه آهي ته عوام کي انتي غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي ته آيا انهيءَ ڏس ۾ هي حضرات بريءَ طرح سان ناڪام ٿيا آهن يا ڪا ڪثر باقي رهيل آهي!

(٦) سنڌ جي جاگرافيائي، لساني، سياسي، اقتصادي حقوق جي بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ ڪجهه ڪونه ڪيو ويو آهي.

اسانکي نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ته سنڌ مسلم ليگ جا اڪثر ڪارڪن سنڌ ين جا حقوق حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿيا آهن، ۽ سنڌ جا عوام ۽ سندن آئنده نسل سندن اهڙيءَ طرح بي همتيءَ ۽ غداريءَ لاءِ ڪين عتاب ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا.

مٿي ذڪر ڪيل مسئلن تي تفصيلوار احوال معلوم ڪرڻ بعد ناظرين پاڻ اندازو ڪري سگهندا ته سنڌ مسلم ليگ جماعت ۽ انجي وزارتن سنڌ ۽ انجي عوام جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ ڪيتري قدر ڪوتاهي ڪئي آهي!

سنڌ جي حدن جو گهٽجڻ ۽ آخر ختم ڪرڻ.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو ته سنڌ جون اصل حدون اتر طرف جيسلمير رياست جو ڪجهه ڀاڱو، بهاولپور رياست جو ڏاکڻو حصو، مظفر گڙهه، ديرو غازي خان ضلعي ۽ ملتان شهر کان ڏاکڻو ڀاڱو پڻ رهيون آهن ۽ ڏکڻ طرف ڪڇ رياست، ڇهونا گڙهه ۽ ڪاٺياواڙ جو ڪجهه حصي تائين هيون ۽ اڀرندي طرف موجوده ڪاٺياواڙ رياستن ۽ جوڌپور جا ڪجهه حصا به ان ۾ شامل هئا ۽ الهندي طرف بلوچستان جو سبيءَ تائين ڪڇيءَ وارو علائقو ۽ قلات، لس ٻيلو ۽ مڪران به سنڌ جا حصا هئا. ليڪن انگريزن پنهنجي سهوليت آهر سنڌ جو ڪجهه حصو ڏيهي رياستن کي ورهائي ڏنو، ۽ باقي رهيل کهيل ايراضيءَ کي سنڌ جي صوبي ۾ داخل ڪيو.

سنڌ جي عوام کي آسرو هو تہ هندوستان کي آزادي ملڻ سان گڏ سنڌ جي منتشر ٿيل حصن کي حتي الامڪان ۽ موجوده حالت پٽاندر مناسب طرح ملائي هڪ هنڌ ڪنو ڪيو ويندو. جنهن صورت ۾ ملڪي سياست جون واڳون ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جماعتن جي هٿن ۾ رهيون، اسان سمجهيو ٿي تہ اهي سنڌين جي ملڪ ۽ قوم جي بچاءَ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندا. ليڪن ڏنو ويو تہ انهن ٻنهي جماعتن پنهنجن ڪل هند تنازعن ۾ قاسي سنڌي مفاد طرف ڪمال بي التفاتي ڏيکاري آهي. موجوده ملڪي ورهاست، جاگرافيائي ۽ لساني نقطي نگاهہ کان ڪانہ ڪئي ويئي آهي. مذهبي نقطي نگاهہ کان ملڪ جي ورهاست ٿيڻ ڪري، اسان قديم سنڌ جو اهڙو گهڻو حصو پارت کي وڃائي ويٺا آهيون، جنهنجو زبان، تاريخ ۽ روايات وغيرهہ ڪري هميشه سنڌ سان تعلق پئي رهيو آهي، سنڌ جي مکيہ شاعر شاهہ عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪڇ جي راجائن، جهونا ڳڙهہ جي قصن، جيسلمير ۽ جوڌپور جي ڪهاڻين کي آڻي انجو ثبوت ڏنو آهي. نسلي نقطي نگاهہ کان بہ ڪيترين قومون مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ ڀرپور پيئون آهن، جنجو ڪثير تعداد سنڌ ۾ آباد آهي: سما، سومرا، بلوچ، ۽ هالائي ۽ ناگرو ميڻ، سلاوتا، نهڙيا وغيرهہ انهن مان ڪي مکيہ ذاتيون آهن.

باقي جو حصو ملڪ جو پاڪستان ۾ آيل آهي انمان بہ ڪجهہ جيترو پنجاب ۽ ڏيهي رياستن هيٺ آيل هو، جنهن کي سنڌ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ جماعت ڪوبہ قدم نہ کنيو. پر مورڳو سنڌ جو بهترين حصو، ڪراچي شهر، بہ سنڌ کان ڇني مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيائون. هاڻ تہ مورڳو سنڌ جي وجود کي هٿ وني ختم ڪيائون. سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ "زمين ۽ زال نامرد کان کسبيون آهن." ان مثال موجب هتن پنهنجو خدا داد ورثو هٿان وڃائي، پاڻ کي سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ نااهل ثابت ڪيو آهي.

(ب) سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون.

ڪو به ملڪ يا قوم ترقي ڪري نه سگهندو، جنهنجي زبان ۽ ادب سلامت نه آهي. هرڪنهن قوم کي پنهنجي تاريخ، روايتون، جذبات ۽ امنگون ٿين ٿيون، جن جي بهتر نموني ادا ڪرڻ لاءِ سندن مادري زبان ئي ڪارگر ٿي سگهي ٿي. سنڌين کي هزارن ورهين کان پنهنجي زبان پئي رهي آهي، جنهن ۾ سندن صدين جي تهذيب ۽ تمدن جو ذخيرو موجود آهي. بدقسمتيءَ سان سنڌ تي ڌارين جو تسلط ۽ اقتدار هئڻ ڪري انجي ادب ۽ زبان جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون پئي پيئون آهن. عربن، پارسي ڳالهائيندڙن ۽ انگريزن جي حڪومتن ڪري گهڻو وقت سنڌ ۾ درباري زبان ڌاري پئي رهي آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جي مٿين طبقي وقت جي حاڪمن جي خوشنوديءَ لاءِ سندن زبانن کي وقتي طرح اختيار پئي ڪيو آهي، ليڪن سنڌ جي عوام پنهنجي زبان ڪڏهن به نه پئي وساري آهي.

سنڌي ٻولي ڪافي زرخيز آهي. هاڻ ارادا ٿي رهيا آهن ته اردو کي فروغ ڏيئي سنڌي زبان جي ترقيءَ کي روڪيو وڃي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو ڪمزور ٿيڻ سنڌ جي جملي ترقيءَ جي رڪاوٽ برابر آهي. پر سنڌ جي ليگ ليڊرن ۾ قومي احساس ڪونه آهي جو ان طرف ڌيان ڏين. اڳي انگريزيءَ طرف رخ هون، هاڻ اردو طرف توجهه ڪيو اٿن ۽ پنهنجن ننڍن ٻارن سان به زور ڪري اردو ۾ پيا گفتگو ڪن ا

(ت) سنڌ جا سياسي ۽ اقتصادي حقوق.

پاڪستان حاصل ٿيڻ کان اڳ، صوبائي سڌارن جي ڏينهن ۾، صوبي سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي آل انڊيا جماعتن جهڙوڪ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي پاليسيءَ سبب، جي نقصان پهتا آهن تن کان هرڪو سنڌي واقف آهي. انهنجو تفصيلوار بيان منهنجي ڪتاب "نئين سنڌ" ۾ ناظرين پڙهي سگهن ٿا. اسانکي ڪافي اميد هئي ته پاڪستان

• قائم ٿيو ڪاڻ پوءِ سنڌين جا ڏرڌ ۽ ڏک ميٽجي ويندا ۽ نئين مليل آزاديءَ جو پورو فائدو حاصل ڪري سگهنداسون. ليڪن نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو ته اسانجون اميدون بر ثواب نه ٿيون. "نئين سنڌ" ۾ ۽ هن ڪتاب ۾ مٿي ڄاڻائي آيو آهيان ته ڪيئن نه سنڌ سان هڪ ڇوري پار واڱر روش اختيار ڪئي ٿي وڃي. مرڪزي حڪومت ۾ هنڪي ڪا دسترسي ڪانه آهي. مرڪزي نوڪرين يا عهدن ۾ ته اتي ۾ لوڻ برابر به سنڌين کي جاءِ ڪانه ڏنل آهي. اندروني معاملن ۾ هر ڳالهه مٿان ڪيل حڪمن هٿاندر، هلي رهي آهي. مطلب ته سڌارن جي زماني کان به هن وقت سنڌين کي گهٽ آزادي نصيب آهي. آمدنيءَ جي مکيه ذريعن تي مرڪزي حڪومت قبضو ڪري ويٺي آهي. ڪراچي شهر کسيو ويو آهي. ميمبرن ۽ وزيرن جي چونڊ تائين دست اندازي جاري آهي. پنهنجي ملڪ ۾ سنڌي اڄ ڪلهه ويچارا ٿي پيا آهن. انهن سڀني ڳالهين لاءِ مکيه جوابداري مسلم ليگ جماعت ۽ انجي وزارتن جي پاليسين تي آهي.

(ب) مهاجرن جي پوريءَ رهائش ۽ گذر معاش جو انتظام نه ڪيو ويو آهي: انهنکي سنڌ جي اقتصادي ۽ جماعتي نظام ۾ جذب ڪرڻ لاءِ ڪابه لائق تحسين ڪوشش ڪانه ڪئي ويئي آهي. پاڪستان بنجڻ کانپوءِ سنڌ اندر ڪراچيءَ سوڊ وانڪل ٣١ لک کن مهاجر آيا آهن. اسانجي هنن مهاجر ڀائرن مان سواءِ چند ماڻهن جي (جنجو تعداد تمام ٿورو ٿيندو) پيا اڪثر پوريءَ طرح اچيا گذر معاش ۽ رهائش وغيره جي مشڪلاتن کان آزاد نه ٿيا آهن. انجو سمورو ڏوهه به مسلم ليگ ليڊرن جي غلط پاليسيءَ تي آهي، جنجي سامهون مهاجرن جي آبادڪاريءَ جي انتظام لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪا منظم پلئن يا پروگرام نه ٿي رهيو آهي. سنڌ جا ڳوٺ جن ۾ هندن جون جايون موجود هيون، سي اڄ اجڙيا ۽ ويران ٿيا پيا آهن، انهنجا درد ريون، ڇتيون ويندي پٿين تائين ڊائيون ويئون آهن؛ انهن سڀني جي بربادي‌ءَ جو باعث سنڌي ليگي حڪومت جي غلط پاليسي ۽ ڪم نظري آهي. خوشيءَ جي ڳالهه

آهي تہ مهاجرن مان گهڻا، سنڌين جي مقابلي ۾، عام راءِ ظاهر ڪرڻ جي زياده توفيق رکن ٿا، جنهنجو ثبوت سندن ڪيترين اردو ۽ انگريزي اخبارن جي اشاعت مان ملي سگهي ٿو، ليڪن باوجود انجي، سنڌي وزيرن جي ڪنن تائين انهنجو آواز بہ اثر ڪري نہ سگهيو آهي: سبب هي آهي جو هي انگريزن جي ڏينهن جا هريل، چاپلوسيءَ ۾ ماهر پنهنجي هاءِ ڪمان جي خوشامد ڪرڻ ۾ اهڙا هوشيار ٿي ويا آهن، جو مرڪزي ليگ ليڊرن جي راضي ڪرڻ سان مهاجرن جي مسئلي جي دائمي طرح حل ڪرڻ جي سوال کي سهوليت سان نظر انداز ڪري سگهن ٿا.

(٨) مسلم ليگ وزارتن ڪنڌي ٻين ڪوتاهين ۽ خامين سان گڏ هيءَ الزام بہ آهي تہ نہ پاڻ ڪجهہ ملڪ ۽ قوم جي بهتريءَ لاءِ ڪري سگهيا آهن ۽ نہ ٻين کي ڪجهہ چوڻ يا ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک"، ان وانگر هنن کي هر نڪتہ چيني يا مشوري کان ڊپ ٿو ٿئي. جيڪڏهين ڪو ماڻهو مرڪزي يا صوبائي حڪومت جي ڪن ڪاتن جي غلط پاليسيءَ بابت اظهار راءِ ڪري ٿو، يا انتظامي خامين جي اپٽار ڪري انهنجي درستيءَ لاءِ طلب ڪري ٿو، تہ انهن سيني ڳالهين کي پاڪستان، اسلام ۽ مسلمانن جي دشمنيءَ، برخلافيءَ ۽ غداريءَ سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهين ڪو جمهوريت جي اصولن مطابق آئيني نڪتہ چيني ڪرڻ لاءِ جماعت سازي ڪري ٿو، تہ ان کي برداشت نٿو ڪيو وڃي. خود اسيمبليءَ اندر چونڊيل ماڻهن طرفان نڪتہ چيني برداشت نہ ڪري، انهن تي انتظامي قدم کڻي پارٽيءَ مان خارج ڪيو وڃي ٿو، يا قانون پاس ڪري انهن کي مورڳو ميمبريءَ کان ئي خارج ڪيو وڃي ٿو.

ضمني چونڊن ۾ جي طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا سي ڪنهن کان ڳجها نہ آهن. نامينيشن پيپر رد ڪرائڻ، بالغن کي صغير ٺهرائڻ ۽ صغيرن کي بالغ بنائڻ، ڪوڙا ووٽ ڏيارڻ، آفيسرن ۽ ڪارن قانونن رستي هراس پيدا ڪرڻ، سندن روز مره جا ڪم

ٿي پيا آهن. باوجود ان جي به، جي ڪٿي ليگ اميدوار جي ڪٽڻ جي اميد گهٽ آهي، ته اتي مورڳو چونڊون ٿي نٿيون ڪرايون وڃن، ۽ حتي الامڪان ڪوشش اها ڪئي وڃي ٿي ته مخالفت ڪي اسيمبلين ۾ اچڻ ئي نه ڏجي. هو مخالف اميدوار جي چونڊجڻ ڪي پنهنجي عزت، شان ۽ عام پسنديدگيءَ جي برخلاف سمجهن ٿا، تنهنڪري ناجائز طريقا استعمال ڪري به مخالفت ڪي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. گونڊا ائڪٽ، فرنٽيئر ريگيوليشن وغيره ڪارا قانون مخالفن لاءِ استعمال ڪرڻ سندن روزمره جو ڌنڌو ٿي پيو آهي. جمهوريت ۽ اسلامي اصولن جي، جن جي صبح شام گفتگو پيا ڪن، شايد هو اهائي معنيٰ ٿا سمجهن.

پاڪستان جو انهن طريقن استعمال ڪرڻ ۾ فائدو آهي يا نقصان، سو هر ڪو ذي شعور ماڻهو پاڻ سمجهي سگهندو.

(٩) ملڪ جي پيدائش وڌائڻ ۽ خرچ گهٽائڻ لاءِ (ته جيئن ملڪ جي تعميري ڪمن لاءِ پيسو بچي سگهي) ڪجهه نٿو ڪيو وڃي، بلڪ اهڙا طريقا اختيار ڪيا ٿا وڃن جو عوام جي معيار زندگي روز بروز ڪرندو وڃي ٿو ۽ ملڪ جي ترقيءَ جي ڪمن تي پيسي خرچ ڪرڻ لاءِ بچت ڪانه ٿي ٿئي.

اسيمبليءَ جي سيشن ٻارهن مهينن ۾ هڪ دفعو گڏ ٿئي ٿي ليڪن ميمبرن کي هميشه پگهار ملندا رهندا آهن. هر ڪنهن کي خبر آهي ته پارليامينٽري سيڪريٽري ڪجهه به ڪم نه ٿا ڪن، ته به کين پگهارون ڏيئي ورسايو پئي ويو. پوليس تي ڪاتي پڪو خرچ ڪيو وڃي ٿو، ته به صحيح طور بنيادي خرابين جي دور نه ڪرڻ ڪري، ملڪ مان ڏوهه ۽ بدامني گهٽ نه ٿي ٿئي. انجنيري کاتي تي جو خرچ منظور ٿئي ٿو ان جو ٽيون حصو به ڪمن تي خرچ نٿو ٿئي، باقي سڀ پيسا فقط آفيسرن يا مقاطعدارن جي کيسن گرم ڪرڻ جي ڪم اچن ٿا: رستا زبون ٿي ويا آهن، واهن جي پوري مرمت ڪانه آهي: ڪوهستاني علائقن ۾

ٿو ۽ دريائي واهن جي ايراضيءَ کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪوبہ خاطر خواہ انتظام ڪنهن پروگرام مطابق نٿو ڪيو وڃي؛ مشنري رستي آباديءَ ڪرائڻ لاءِ ماڻهن کي حرص ڏيارڻ واسطي تجويزون گهٽيون لاهيون ٿيون وڃن پر نہ ڪا عمدي ورڪشاپ تيار ڪئي ويئي ۽ نہ انهن تجويزن کي سر انجام ڪرڻ لاءِ ايماندار ۽ قابل عملي پيدا ڪرڻ جو ڪو انتظام ڪيو ويو آهي۔ هر هڪ کاتي ۾ آفيسرن مٿان آفيسر رکي، پگهارون وڌائي، بنگلن، فرنيچرن وغيره تي خرچ ڪري پيسو ڪٽايو پيو وڃي۔ چانهہ پارٽيون ۽ وڏيون ڊنرون ڏيڻ ۽ وٺڻ اڄ ڪالهہ جو دستور ٿي ويو آهي۔ ماڻهن کان روز بروز نون چندن جي نالن ۾ لکها روپيا جمع ڪري انهن کي ڪٽايو وڃي ٿو۔ ”پاڻ نہ پاري ڪتا ڪتا ڏاري“ جو مثال ليگي وزيرن تي بالڪل پورو ٺهڪي اچي ٿو۔

اهو سڀ انهيءَ جماعت جي ڪارڪنن طرفان ڪيو وڃي ٿو، جي پاڻ کي مسلمانن جي حقن جا رکپال ۽ پاڪستان جا پاسبان سڏائين ٿا۔ سنڌ جي مشهور شاعر سچل فقير عليہ رحمت اهڙن حالتن لاءِ بجا طور فرمايو آهي تہ

ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان ڪچان تان ڪافر
اهڙيءَ وائي ور ڪو سمجهي سچيڏنو چوي!

فصل چوٿون

مسلم ليگ مخصوص گروه جي اوزار طور ڪتب اچي ٿي

مٿي ذڪر ڪيل ٽن فصلن ۾ مون حتي الامڪان مسلم ليگ جي بنيادي اصولن جي بيڪار ۽ فرسوده ٿي وڃڻ، موجوده حالتن هيٺ مسلم ليگ جهڙي جماعت جي وجود غير ضروري ۽ نقصانڪار هجڻ، ۽ مسلم ليگ وزارتن جي ڪارنامن جو بيان ڪيو آهي، جنهن مان پڙهندڙن کي پتو پئجي سگهندو ته مسلم ليگ پنهنجو دور ختم ڪري چڪي آهي، ان کي زياده وقت تائين طاقت ۾ رکڻ ملڪ ۽ قوم جي لاءِ فائدي مند نه ٿيندو.

ليڪن پڙهندڙن کي تعجب لڳندو هوندو ته اڃان تائين ليگ ليڊر چو ليگ کي اسلام جو رکپال ۽ پاڪستان جو محافظ سمجهي عوام کي پنهنجي طرف ڪهلي رهيا آهن، ۽ ائين پيا ظاهر ڪن جڻ ته جي ليگ ڪمزور ٿي ته اسلام ۽ پاڪستان خطري ۾ اچي ويندا. چوندن کي ته جهل نه آهي، ۽ جن ماڻهن جا ان مان غرض پيا ٿين، تن کي سمجهائڻ ته ليگ بيڪار ٿي چڪي آهي هڪ بيڪار مشغلو آهي، ان هوندي به هن فصل ۾ آءٌ هيءَ ڳالهه صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته آيا اڪثر ليگ ليڊر واقعي مسلم ليگ کي اهڙو ٿا سمجهن يا خود غرضيءَ ڪري مجبور ٿي ان راه مان هلي رهيا آهن.

منهنجي سمجهه موجب اڪثر ڪري ليگ جا ڪارڪن جن مان آءٌ ملندو رهان ٿو، سواءِ چند جي، اگر ظاهر ۾ نه ته دل ۾، اهو محسوس ڪري رهيا آهن ته ليگ پنهنجو دور ختم ڪري چڪي آهي ۽ اها جلد ختم ٿيڻ واري آهي، ليڪن بدقسمتيءَ سان هو ليگ ۽ پنهنجي مستقبل کي هڪ شئي سمجهڻ ڪري ان کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي طرفان هرڪا ڪوشش ۽ جدوجهد ڪندا رهن ٿا، ڇاڪاڻ ته انجي سلامتيءَ ۾ ڪين پنهنجي سلامتي سمايل نظر اچي ٿي.

منهنجي نظر ۾ ليگ جي برقرار رکڻ مان ليگ ليڊرن جا هيٺيان

مقصد ۽ مرادون ٽي سگهن ٿيون:

١- حاصل ڪيل طاقت ۽ شخصي اقتدار هٿان وڃائڻ نٿا گهرن.

٢- مسلم ليگ جماعت کي طاقت ۾ رکڻ سندن طبقاتي مفاد جي تقاضا آهي.

٣- سندن رجعت پسند طبيعت ۽ خيالات ئي کين انهيءَ پاليسيءَ لاءِ راغب ڪن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل سندن ٽن مرادن جي ثبوت ۾ حتي الامڪان آءٌ هيٺ تفصيلوار روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس:—

(١) طاقت هٿان نہ ڇڏڻ

پين جانورن وانگر انسان ۾ رواجي طرح جماعتي ماحول مان پيدا ٿيل آهي ۽ ڪن بنيادي احساسن جي فطري تقاضائن موجب هلي ٿو، جنمان ڪي مکيہ خواهشون هيٺيون آهن:

١- اظهار نمائش جي خواهش،

٢- قبضي يا حاصلات جي خواهش، ۽

٣- خود پسنديءَ جي خواهش.

جيڪڏهين اوهان پکين يا پين جانورن کي غور سان ڏٺو هوندو تہ هنن ۾ پين کي ڏيکارڻ لاءِ ناز نخري سان ٽلي هلڻ، چؤنر يا پڇ کولي يا ٽيڙي، ڪجهہ مٿي ڪري شان شوڪت سان، اکڙجي هلڻ جي عادت عام ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جنهنکي نفسيات جا ماهر اظهار نمائش جي نالي سان سڏين ٿا، ۽ سندن چوڻ آهي تہ قدرتي طور هر جاندار ۾ اها خواهش ٿوري يا گهڻي انداز ۾ موجود آهي. ساڳيءَ طرح جي اوهان چتائي ڏسندا تہ شين جي حاصلات ۽ ڪٺي ڪرڻ جي خواهش بہ عام آهي، جيئن تہ اولاد، جائداد مال وغيره کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ فطري تقاضائن مان هڪ آهي. ان کي قبضي جي خواهش جي نالي سان سڏين ٿا. ٽين خواهش جا سيني جاندار شين ۾

هڪ حد تائين موجود هوندي آهي سا آهي خود پسنديءَ جي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "خدا سائين ٿو ڪنهن کي ٻيو نهن کان سکايو آهي نه عقل کان". هر ڪنهن کي پاڻ سان محبت آهي انڪري پنهنجيءَ هر شيءِ کي سٺو سمجهڻ ۽ انهي جي جواز لاءِ دليل ڏيڻ هڪ رواجي ڳالهه آهي.

نمائش جي خواهش

اها انهيءَ خواهش جي فطري تقاضا آهي ته ماڻهو خوبصورت ٿيڻ ۽ شان شوڪت ظاهر ڪرڻ واسطي سٺا ڪپڙا پائي ۽ هار سينگار ڪري. آڪڙ جي هلڻ، ميڙي ملاکڙي ۾ نالو ڪڍائڻ، لقب حاصل ڪرڻ، نالي ناموس ڪڍائڻ لاءِ نوان نوان نمونا اختيار ڪرڻ، شهر گشت ۽ سوارين سان شهرن مان گذرڻ، ۽ پاڻ کي معتبر بنائي عام ماڻهن کان سلام ۽ خوشامد حاصل ڪرڻ وغيره سڀ انهيءَ اظهار نمائش جي سڌ جا مختلف پهلو آهن. اها سڌ نه رڳو ماڻهوءَ کي حياتيءَ تائين رهي ٿي، ليڪن مرڻ کانپوءِ به ماڻهو انهيءَ سڌ کي قائم رکڻ گهري ٿو— جنهن ته قبرن، مقبرن، ميلن ۽ ٻين يادگارن مان اهوئي مقصد نڪري سگهي ٿو. هر شيءِ کي ٻه پهلو ٿين ٿا— هڪ صحيح ۽ سٺو، ٻيو غلط ۽ خراب، پوءِ اهو هر هڪ ماڻهوءَ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ته ڪهڙي پهلوءَ کي اختيار ڪري. علم نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ان سڌ يا خواهش کي جيڪڏهين مفاد عام لاءِ ڪتب آڻجي ته اها ماڻهوءَ ۾ دائمي خوشي، ۽ سوسائٽيءَ کي تهذيب ۽ اخلاق جي ترقيءَ جي منزل تي آڻيندي، پر جيڪڏهين ان کي عارضي فخر، وڏائيءَ ۽ خود غرضيءَ جي ڪمن لاءِ ڪتب آڻبو ته دائمي ندامت، حيوانيت ۽ بد اخلاقيءَ جي کڏ ۾ ڪيرائي ڇڏيندي.

حاصلات يا قبضي جي خواهش

انسان جي زندگيءَ کي جي شيون وڌيڪ سهل ۽ آسان بنائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون ۽ راحت پهچائين ٿيون، انهن کي حاصل ڪري پنهنجي ملڪيت بنائڻ جي خواهش، به هڪ حد تائين فطري تقاضا

آهي. رهڻ لاءِ گهر، پهرڻ لاءِ ڪپڙو، کائڻ لاءِ کاڌو ۽ پيئڻ زندگيءَ جي راحت پهچائڻ جون شيون، يا انهن جي حاصل ڪرڻ جا ذريعا، جيئن پيسو، زمين، ڪارخانا وغيره جن جي ذريعي اهي شيون ميسر ٿي سگهن، تن جي حاصل ڪرڻ جي خواهش به ماڻهوءَ ۾ هڪ حد تائين هميشه موجود رهي ٿي.

اها خواهش به جيڪڏهين ڪنهن حد اندر محدود ڪري مفاد عام کي نظر ۾ رکي پوري ڪئي وڃي ته ڏوهه نه آهي، ليڪن هر شي حد کان وڌي وڃڻ جي حالت ۾ فائدي بدران نقصان پهچايو ڇڏي. اها خواهش جڏهين وڌي خود مطلبيءَ جي انهيءَ درجي کي پهچي ٿي جتي هر فرد پنهنجي فائدي ۽ نقصان کي جماعتي مفاد کان علحده تصور ڪرڻ ٿو لڳي، ته اها سڏ فاسد ٿيو پوي. جيئن حد کان وڌيڪ کاڌو کائڻ بدن جي بيماريءَ جو باعث بنجي ٿو، تيئن شخصي خود مطلبيءَ جو وڌڻ به قومي زندگيءَ لاءِ هڪ مرض بنجيو پوي.

خود پسنديءَ جي خواهش

جيستائين ماڻهو پاڻ کي پسند نه ڪندو، تيستائين نه پاڻ کي تندرست رکي سگهندو ۽ نه منجهس خود اعتماديءَ ۽ استقلال جي قوت پيدا ٿي سگهندي، جن کان سواءِ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪمن تي ڀروسو ۽ يقين ٿي ڪين سگهندو، سدائين شڪ ۽ گمراهيءَ ۾ ڦاٿل هئڻ ڪري منجهانئس عمل جي طاقت گم ٿي ويندي، پستي ۽ ڪاهلي ڪيس ويڙهي ويندي، ليڪن ان لاءِ به ڪي حدون مقرر ٿيل آهن. جڏهين خود پسندي خود غرضيءَ جي خرابيءَ سان گڏجي حد کان مٿي چڙهي وڃي ٿي، جتي سوسائٽيءَ جي نفعي ۽ نقصان جي تميز منجهيو وڃي، ته اها خود اعتماديءَ ۽ استقلال جي بدران ضد، گمراهي ۽ فخر پيدا ڪري ٿي.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته سياست سان واسطي رکندڙ ماڻهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل خواهشن جو گهڻو اثر، ۽ سندن زندگيءَ سان گهاٽو لاڳاپو رهي ٿو، ۽ منجهانئن ڪيترا ماڻهو اعلى اصولن جي

خيال ڪانسواءِ انهن خواهشن جي فاسد صورتن پٽاندڙ سياسي زندگي اختيار ڪن ٿا. ڪن ڪي ليڊريءَ جي لهس اچي ويئي آهي. ڪن کي حڪم هلائڻ ۽ طاقت هٿ ڪرڻ جي سڌ اچي ٿپايو آهي. ڪي انکي پئسن ۽ ملڪيت گڏ ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. ڪن کي موٽرن جو سندن دروازن تي اچي قطارون ڪري بيهڻ، ملاقات لاءِ ماڻهن جي هجوم جو ڪٺو ٿيڻ، سپاسنامن ملڻ، ”ڊنرن“ ۽ ”ائٽ هومن“ جي دعوتن ملڻ، مڪاني عملدارن جو سٽيشن تي سلام لاءِ اچڻ، پوليس گارڊن جي سلامي، ننڍين وڏين ڳالهين لاءِ وفدن جي ملڻ، اخبارن ۾ تعريفي مضامينن ۽ فوٽن جو پوڻ، سون ماڻهن جو سندن ديدار ۽ درشن لاءِ ۽ ڪمن خاطر سندن بنگلن وٽ اچي ڪٺو ٿيڻ وغيره اهڙين خود پرستيءَ جي ڳالهين موهي وڌو آهي.

سنڌيءَ ۾ مثال موجود آهي ته ”ڏو جهلي هڪ مينهن پيو پاڙو“— ڪنهن جهڙي تهڙي جي جاءِ نه آهي. اسان مان گهڻا سياستدان، جي ڪالهه ڪليڪٽرن جي درن تي ڌڪا ڪائيندا وتيا، جن لقبن لاءِ ليلائي عملدارن کي شڪار پٺي ڪرايا، جن پوليس عملدارن جي چوڻ تي هميشه ڪوڙيون شاهديون ڏنيون، جن ننڍڙن عملدارن کي منٿون ڪري ضامن ڪٽائڻ لاءِ پيٽ گذران پئي ڪيو، سي جڏهن بدليل حالتن ڪري اڄ ملڪ ۽ ماڻهن جي قسمتن فيصل ڪرڻ جي منزل کي وڃي پهتا آهن، ته انهن درجن، لذتن، طاقتن ۽ ليڊرين کي ڇڏي، ڏک ۽ رنج جو رستو اختيار ڪري، مشڪلاتن کي منهن ڏئي، صرف اصولن خاطر، پاڻ جنجل ۾ وجهن— اهو ڪيتري قدر اهڙن ماڻهن جي اخلاقي ڪتاب جي قاعدي پٽاندڙ هوندو، سو پڙهندڙ پاڻ محسوس ڪري سگهن ٿا!

اڳين بزرگن ۽ درويشن جو چوڻ هو ته ڪيڏو به سمجهدار ۽ عقل وارو ماڻهو هجي ليڪن ڪيس پنهنجي معاملن ۾ پين سان سان مشورو ڪرڻ نهايت ضروري آهي؛ ايتري قدر جو جيڪر ماڻهو حاضر نه هجي ته پٽ سان به صلاح ڪجي؛ پيءَ صورت ۾

گمراه ٿيڻ جو امڪان آهي، جتي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪاروبار مان عوام کي فائدي يا نقصان جو انديشو هوندو آهي، انهيءَ حالت ۾ مشورو ڪرڻ ته پاڻ زياده ضروري ٿيو پوي. ليڪن اهڙيءَ حالت ۾ مشورو صرف آزاد خيال، بي ڊپي، درد دل ۽ عوام سان لاڳاپي رکندڙ جو ڪارگر ٿي سگهندو. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته طاقت ۾ آيل حاڪمن ۽ ليڊرن جي آس پاس خوشامدي ٽولا، خود غرض اخبار نويس، بيڪار ماڻهو جن پاڻ کي طاقت ۾ آڻڻ ۽ مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ هن وقت مسلم ليگ ۾ وڃي شموليت [ڪئي آهي، گهڻا ڪنا ٿين ٿا، اهڙن چاپلوسن ۽ "جي حضورين" سان صلاح ۽ مشورو ڪابه حيثيت نٿو رکي.

مسلم ليگ جا اڪثر ليڊر اظهار نمائش ۽ شان شوڪت ۾ مغل شهنشاهن جا قائم مقام ٿيڻ چاهين ٿا، مال ملڪيت هٿ ڪرڻ ۾ قارون سان ڪلهو لڳائڻ گهرن ٿا، ته خود پسنديءَ ۾ وري فرعون کي به شهه ڏيڻ جا شائق آهن. هو پاڻ تي تفوق ۽ برتري قائم رکڻ پنهنجو بنيادي حق سمجهن ٿا. انهيءَ جي جواز واسطي هنن وٽ ڪافي فلسفيانه ۽ مذهبي دليل موجود آهن! هوندن به سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا آهن"— تنهن وانگر هنن کي پنهنجي مرضيءَ خلاف نه ڪنهن جي مشوري جي ضرورت آهي، نه هو اهو ضروري ٿا سمجهن. آهي ڪنهن کي مجال، جو سندن معصوم ذات تي ڪا آڱر به کڻي سگهي! اهڙيءَ حالت ۾ انسان جي مٿان خود پسنديءَ ۽ خود فريبيءَ جي اها ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جنهن لاءِ قرآن حڪيم ۾ فرمايل آهي ته: "صم بکم عمي فهم لا يرجعون" (ٻوڙا، گنگا ۽ انڌا آهن، اهي حق کي نه سڃاڻندا). ڊڪٽيٽري ۽ مطلق العناني انهيءَ ذهني ڪيفيت جي پيدا وار آهي. پڙهندڙ جيڪڏهين ذرا غور ڪندا ته اڄ ڪلهه جي ليگ ليڊرن کي هوبهو انهيءَ حالت ۾ ڏسندا. تنهن ڪري پنهنجي شخصي اقتدار ۽ طاقت قائم رکڻ خاطر جيڪڏهين هنن ليگ کي اوزار ڪري ڪتب آندو، ته نه وسهڻ جهڙي ڳالهه نه آهي. دنيا ۾ اڪثري ائين ٿيندو آهي.

(٢) مسلم ليگ کي طاقت ۾ رکڻ ليگ ليڊرن جي طبقاتي مفاد جي تقاضا آهي.

پر هندڙن کي معلوم آهي ته مسلم ليگ اندر عهدن تي اڪثر اهي ماڻهو وڃي گڏ ٿيا آهن جي هڪ خاص طبقي جا آهن ۽ جن جا مفاد به گهڻو ڪري ساڳيا آهن. انهن ۾ خود مطلب سياستدان، جاگيردار، زميندار، وڏا واپاري، آفيسر ڪلاس جا اڪثري ماڻهو ۽ پيا انهن جا ايجنٽ اچي وڃن ٿا. هنن پاڪستان کي مال غنيمت ڪري سمجهيو آهي، ۽ ان مان جيڪو به نفعو حاصل ٿي سگهين ٿو، سو پيا وٺن. ڪي ملڪيتون پيا وڌائين، ته ڪي عهدا ۽ طاقت جا ذريعا هٿ پيا ڪن، ڪي وري سنڊيڪيٽن جون ايجنسيون، پرمٽون، واپار ۽ ڪارخانن ۾ سهوليتون حاصل ڪري رهيا آهن. اهو دنيا جو دستور آهي ته سيڪا شي پنهنجي هم جنس ڏي ڪشش ڪري ٿي. هم جنسيت جا به، جدا جدا وقتن ۽ حالتن پٽاندر، ڪئين قسم پئي رهيا آهن: قبيلو، ملڪ، مذهب، هڪجهڙا سياسي ۽ اقتصادي مفاد— انهيءَ هم جنسيت لاءِ جدا جدا ذريعا پئي رهيا آهن. ڪو وقت هو جو قبيلن، ملڪ يا مذهب جي لحاظ تي گروه ٺهندا هئا، ۽ هڪ حد تائين اجا به انهن ڳالهين جو اثر قائم آهي. پر اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي ته هوشياري ۽ چالاڪي (جي مادي ترقيءَ لاءِ ضروري شيون آهن) ڪنهن خاص قبيلي يا مذهب جي ماڻهن سان مخصوص نه آهن. هر قبيلي ۽ مذهب جي ماڻهن ۾ ڪي سست ته ڪي هوشيار، ۽ ڪي قابل ته ڪي بي وقوف ٿين ٿا. تنهن ڪري آهي ماڻهو جي حالتن جي سازگار هئڻ ڪري يا ڪن ٻين طريقن سان پيسو ۽ طاقت هٿ ڪري ٿا وڃن، يا ان جي هٿ ڪرڻ جي پويان رهن ٿا، سي هڪدم همجنسيت جي ڪشش مطابق هڪ خاص طبقي ۾ منظم ۽ متحد ٿي ٿا وڃن؛ سندن مفاد ڪم و بيش عوام جي مخالفت ۾ ساڳيا وڃي بيهن ٿا. اهڙن ماڻهن جي فائدي وٺان آهي ته سندن مشترڪ مفاد کي نقصان نه پهچي، ۽ سندن خواهشن ۽ ارادن ۾ ڪابه رنڊڪ نه پوي؛

تنهن ڪري جيڪڏهين هڪ کي تڪليف ٿئي ٿي ته گڏڙ جي اونائيءَ وانگر انجي مدد لاءِ سڀ تيار ٿي وڃن ٿا.

انهن ۾ آهستي آهستي ٿي، ملڪيت ۽ طاقت جي آڌار تي، هڪ قسم جي وڏ ماڻهپيءَ ۽ شرافت جو نشو دماغ ۾ پرجي ٿو وڃي. جيئن ته انهن کي حالتن جي ساز گار هئڻ ڪري علم حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻا موقعا ۽ سهوليتون ملن ٿيون، تنهنڪري علم، مذهب، فلسفي ۽ سائنس مان به واقف ٿيو وڃن. اهڙيءَ طرح سان هو هڪ خاص قسم جي تهذيب جا پتلا بنجيو پون. دنياوي ملڪيت ۽ طاقت، ۽ هڪ خاص قسم جو پيدا ٿيل عيش عشرت جو ماحول سندن قيمتي وٿون ٿين ٿيون. انهن وٿن جي حفاظت ۽ بچاءَ کي هو تمدن، تهذيب ۽ امن عامہ جو بچاءُ ۽ حفاظت سمجهن ٿا. مذهب ۽ فلسفي کي به هو انهيءَ قسم جو رنگ ڏئي پنهنجي استعمال لاءِ ڪتب آڻن ٿا. هنن جو عالم جدا آهي، جنهن ۾ عوام کي ڪا جاءِ نه آهي. هو هڪ چونڊيل يا برگزيده گروه ٿيو پون، ۽ ساريءَ ڪائنات جو وجود صرف پنهنجي مفاد لاءِ ٺهيل ڄاڻي ان کي محض انهي ئي هڪ مقصد لاءِ ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هن حڪمران طبقي جي فڪر جو طريقو هميشه هي هوندو آهي ته "ملڪ جي حالتن ۾ ڪا اهڙي اختلاف ۽ تبديليءَ جي حالت پيدا نه ٿئي جنهن مان سندن مفاد کي نقصان پهچڻ جو انديشو پيدا ٿئي". تنهن ڪري هو هميشه قانون جي عزت ۽ امن امان (Law and order) جي ناليءَ عوام کي ايڏيءَ ذليل ۽ پست حالت ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جو ڪو ڏانهن به ڪري نه سگهي، ۽ پنهنجي حالت ۽ صاحب اقتدار طبقي جي حالت جو مقابلي ڪري اهو سوال نه پڇي ته ڇو هڪ وٽ بنگلا، محلاتون، لکين ايڪڙ زمين جا، ڪارخانا، بئنڪن ۾ پيسا، موٽر، طرح طرح جا ڪاڏا ۽ ڪپڙا ميسر آهن، ۽ ٻين کي نہ رهڻ لاءِ گهر، نه پوکڻ لاءِ زمين جو ٽڪر، نه سواريءَ لاءِ وهٽ، نه کاڌي لاءِ طعام ۽ نه ڍائڻ لاءِ ڪپڙو موجود آهي! انهن جا پنهنجا مولوي آهن، جي مذهب مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته اها حالت سڀ خدا ڪئي

آهي ۽ شاهوڪارن ۽ وڏن ماڻهن جو ان ۾ ذرو به ڏوهه نه آهي، تنهنڪري غريبن کي رضا تي راضي رهي آخرت لاءِ ترسڻ گهرجي، جتي کين سڀ ڪجهه ملندو، بشرطيڪ هو چڱا ڪم ڪن، جن ماڻهن مڪيه هي آهن ته شاهوڪار طبقي طرفان مقرر ڪيل روزانه مزوريءَ يا بتاين تي ايمانداريءَ سان پورهيو ڪندا رهن، پوءِ بک ۽ رزق جي تنگي هجي ته به توڪل رکي وهن، جو ته کين خبر هئڻ گهرجي ته پيغمبرن به پيٽ سان پٿر ٻڌي وقت پئي گذاريو! جي بک جي تنگيءَ کان انهن ذرا به امانت ۾ خيانت ڪئي ته هنن جي هيءَ دنيا ته اڳيئي خراب آهي، ليڪن آخرت به خراب ٿيندي. انهيءَ اصول مطابق دنيا دارن جي ملڪيت ۽ پيسو وٽن الله طرفان قوم جي امانت ڏنو پوي، ۽ انهن ڏانهن ڪنهن به قسم جي شڪ، حسد يا حسرت جي نگاهه ڪڻ گويا امانت ۾ خيانت جي مثال ٿيندي.

اهڙيءَ طرح سندن پروفيسر، فلاسفر، قانون ساز ميمبر هميشه انهي معاملي ۾ غلطان آهن ته ڪيئن سوسائٽيءَ جو موجوده نظام، جو ننڍي ۽ وڏائي، غربت ۽ شاهوڪاريءَ، هيٺي ۽ ڏاڍي جي تفاوتن تي ٻڌل آهي، بدستور قائم رهي. اختلاف راءِ، مخالفت، عوام ۾ بيداري، اقتصادي بنيادن تي جماعت بندي، ننڍي وڏي جي تفاوتن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، شاهوڪاريءَ ۽ غربت کي ختم ڪري ٻنهي جي معقول گذر معاش لاءِ جدوجهد ڪرڻ، بک ۽ بيڪاريءَ کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ، آزاد راءِ جي اظهار جي طلب ڪرڻ ته جيئن ملڪ جا سمورا باشندا پنهنجا شهري حق برابر ماڻي سگهن، اهي سمورئون ڳالهيون ۽ تحريڪون حڪمران طبقي جي نظر ۾ امن عام لاءِ خطري جو باعث آهن. تنهنڪري پنهنجي سوسائٽيءَ جي فائدي ۽ ملڪ ۾ امن قائم رکڻ خاطر هنن جو فرض ٿيو پوي ته اهڙين حالتن کي پنهنجي حڪومت جي ڏنڊي، پنهنجي اخبارن جي پروپئگنڊا، ۽ پنهنجي علم وارن مبلغن ۽ تقرير بازن ذريعي روڪين. مخالفن جي تحريڪن لاءِ دهريت، بغاوت، بدامني پيدا ڪرڻ وغيره جهڙا عوام ۾ نفرت پيدا ڪندڙ نالا ۽ الزام تجويز ڪرڻ سندن رواجي ڪم ٿي پيو آهي. متان عوام

پنهنجي فطري تقاضائن ۽ گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪو آواز اٿارين يا ڪا تنظيم پيدا ڪن، تنهن کي روڪڻ لاءِ هو خوف پيدا ڪري، خطري جو گهنڊ وڄائي، ملڪ ۽ قوم جي وهمي مفاد جي نالي ۾ مذهب ۽ حب الوطنيءَ جي بهانن تي، ماڻهن کي اتحاد ۽ اتفاق لاءِ، اپيل ڪن ٿا، جنهنڪري سياست ۾ هوش بدران جوش ڪتب اچي ٿو، دماغ سالم نٿا رهن، ماڻهو هنگامي نعرن ۾ لڙهيو پنهنجي حقيقي مسئلن کي وساريو ڇڏين.

دنيا ڄاڻي ٿي ته هن وقت جي ليگ ليڊرشپ انهن اصولن پٺاندر هلي رهي آهي ۽ ليگ کي فقط انهن مقصدن جي حصول لاءِ هٿيو ڪري ڪتب آندو پيو وڃي.

(٣) رجعت پسند طبيعتن جو رجحان ۽ انهيءَ پاليسيءَ طرف آهي.

جيئن ته اڪثر ماڻهو غريب ۽ شاهوڪار طبقن ۾ ورهايل آهن، سندن طبعي ساخت ۾ انهيءَ پٺاندر ٿئي ٿي. غريب گهڻو ڪري ڪمزور، مظلوم ۽ سادا آهن، ته شاهوڪار طاقتور، ظالم ۽ چالاڪ تين ٿا. اهڙيءَ طرح سان سوسائٽي ٻن قسمن جي طبيعتي لاڙن ۾ وراهجي وڃي ٿي: هڪڙا رجعت پسند ٿين ٿا، جي سوسائٽيءَ جي موجوده ننڍ وڏائيءَ، غربت ۽ شاهوڪاريءَ ۾ استعمال غرضيءَ جي نظام کي بدلائي ۽ عوام جي حالات ۾ بنيادي تبديلي آڻي سماج کي مساوات اخوت ۽ عدل جي بنيادن تي بيهارڻ واريءَ هر ترقي پسند تجويز جا مخالف رهن ٿا، ٻيا ترقي پسند خيال جا ماڻهو آهن جي سوسائٽيءَ مان غربت، ظلم ۽ استعمال غرضيءَ کي ڪڍي، عوام کي هڪجهڙن حقن ۽ موقعن ڏيڻ جي خيال جا ٿين ٿا. اهڙي سوسائٽي ٻن طبقن ۽ انجي مددگار ٻن نظرين جي ماڻهن ۾ ورهائجي وڃي ٿي، هر هڪ گروه پنهنجي نظريي مطابق، ملڪي سياست ۾ معاملات کي رنگ ڏئي ٿو: هڪڙا انفرادي آزاديءَ، سياسي طور دستوري پارلمينٽي جمهوري طرز حڪومت، ۽ مذهب جي آڙ ولي دنيا کي درست ڪرڻ جي هام هڻن ٿا، ته ٻيا اقتصادي

مساوات ۽ برابري، انجي بنياد تي صحيح جمهوريت ۽ هر ڪنهن کي هڪجهڙن حقن ۽ موقعن ملڻ خاطر، سوسائٽيءَ جو موجوده نظام اٿ پورو سنجهي، انکي تبديل ڪرڻ جي پٺيان آهن. ليگ جا ليڊر اگرچه ظاهري طرح مذهب جي نالي ۾ د نيا اڳيان ٽنين نظريي پيش ڪرڻ جو ڍونگ رچائين ٿا— جو سندن چوڻ موجب بهترين آهي— ليڪن حقيقت ۾ هو شاهوڪارشاهيءَ جي نظريي جا حامي، رجعت پسند خيال جا ٿي آهن.

هر مذهب جي شروعات انساني محبت ۽ برابري پيدا ڪرڻ جي ارادي سان ٿي ٿي، ليڪن تجربي مان ڏٺو ويو آهي ته حوادث زماني جي ڪري مختلف مذهبن کي اڪثري رجعت پسند طبقن پنهنجي استعمال غرضيءَ جي لاءِ ڪتب پئي آندو آهي.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ هڪ هنڌ چيو آهي ته

”جڏهن مذهب رجعت پسندن جي پشت پناه ٿيو هوي، ۽ ترقي- جي خلاف طاقتون اچي ان ۾ پناهه ٿيون وٺن ۽ جڏهين مذهب چند دستورن ۽ رسمن جو اڏو ٿي ڪم اچي ٿو، ۽ سندس حقيقي انقلابي جذبو مري وڃي ٿو، تڏهين اهو مذهب فقط بي انصافيءَ جي قائم رکڻ لاءِ هڪ اوزار ٿي ڪتب اچي ٿو. جڏهين مذهب پاڻ کي ۽ پين کي حالتن موافق ڪارآمد بنائڻ ۽ بدلائڻ جي طاقت وڃائي ويهي ٿو تڏهين، اهڙي مذهب کي حڪومت جي واڳ هٿ ۾ ڏيڻ رجعت پسنديءَ کي هڪ اهڙي خوفناڪ هٿيار هٿ ۾ ڏيڻ جي برابر ٿيندو، جنهنکي عوام جي برخلاف ٿي ڪتب آندو ويندو“.

مذهب جو مطلب اهو ته نه آهي ته خلق بي گهر، اڌ ڍڪيل، بک ۽ مرض ۾ مبتلا هجي ۽ اسلام جي نالي ۾ خلق کي برغلائڻ وارا بنگلن ۽ محلاتن ۾ رهي، زري زربفت پائي، طرح طرح جا کاڌا کائي، پنهنجي فرض ادائيءَ کان صرف اسلام جو نالو آچاري، پڻ اسلامزم جو راڳ ڳائي، ٿلها مقاصدي لهراءِ پاس ڪري، پيا مزا ماڻين! اهو مذهب جي نالي ڪتب آڻڻ جو ڏنڌو دنيا جو

۽ رجعت پسند گروه اختيار ڪري ٿو ۽ مسلم ليگي ليڊر ٻہ انهنجي نقش قدم تي هلن ٿا.

جيڪڏهن ليگي ليڊر اڃان تائين ٻہ ليگ جي تعريف ڪري رهيا آهن تہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ ڪا ڏکي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هو هن وقت جنهن پوزيشن ۾ آهن، سو ليگ ۽ انجي پاليسين جي طفيل آهي: ان حالت ۾ هو ڪيئن پنهنجي رزق تي لت ڏيئي پنهنجي طاقت ۽ اقتدار کي نقصان پهچائڻ پسند ڪندا!

———:o:———

فصل پنجون.

مخالفت جي ضرورت ۽ انجا فائدا.

پيغمبر خدا فرمايو آهي ته "اختلاف امتي رحمت" (منهنجي پوئلڳن جو ڪن ڳالهين تان پاڻ ۾ اختلاف ڪرڻ هڪ قسم جي رحمت آهي.)

ساريءَ ڪائنات جو مدار اختلاف تي رکيل آهي: رات ۽ ڏينهن جو اختلاف، موسمن جو اختلاف، ڪڙي ۽ مٺي، ڪري ۽ ڪوڙي جو اختلاف — مطلب ته هر شي جا ٻه پاسا آهن: جيڪڏهين قدرت گهري ها ته هڪ ئي پاسو خلقي ها، ليڪن ائين نه ڪيائين؛ ڪائنات ۾ سموريون چيزون هڪ ئي رنگ ۽ هڪ ئي ڍنگ جون نه آهن، ان ۾ مختلف رنگن ۽ قسمن جي شين جي ڪثرت آهي ۽ اها ڪثرت ئي آهي جا مادي دنيا کي خوبصورتي ۽ بقاءَ ڏئي ٿي. سچ سان گڏ ڪوڙ به دنيا ۾ موجود آهي. اونده نه هجي ته روشنيءَ جو قدر پئجي نه سگهي. واپار جي دنيا ۾ به هڪ هٽيءَ ڪري اگهه چڙهي ويندا آهن، ۽ سستي ۽ سٺي شيءِ ملڻ ناياب ٿي ويندي آهي. اختلاف ۽ جائز مقابلو زندگيءَ جي بقاءَ ۽ فروغ لاءِ نهايت ضروري آهن. سياسي دنيا سان به اهو عام قانون رائج آهي. جيڪڏهين هڪ پارٽيءَ جو راڄ آهي، هڪڙو ئي گروه حڪمران آهي، ۽ انهن کي سندن خامين کان آگاهه ڪرڻ ۽ سڌارڻ لاءِ ڪو به ماڻهو يا جماعت نه آهي، ته انهنجي خطائن مٿان خطائن ڪرڻ جو قوي گمان آهي. هر آدميءَ کان غلطين ٿيڻ جو امڪان آهي. خود پيغمبر به مشورو وٺڻ ضروري سمجهيو آهي. جيڪا جماعت يا جيڪو گروه پاڻ کي بي عيب سڏي، ته انجي اها دعويٰ سندس عيبدار هجڻ لاءِ خود هڪ ثبوت آهي. جيڪا پارٽي يا جيڪي شخص طاقت ۾ ايندا آهن، انهنجي چوڌاري خوشامندي يا ۽ جي حضور يا وڃي ڪٺا ٿيندا آهن، جي سائن ها ۾ ها پيا ملائيندا آهن، جنهن مان برسر اقتدار شخصن ۽ گروهن کي

سنڌ پاليسيءَ ۽ ڪمن جي صحيح هجڻ جو يقين ٿي وڃي ٿو ۽ سنڌن دماغ ۾ طاقت جو نشو ويهي ويندو آهي. جيئن پارسيءَ ۾ مثال آهي تہ "نازڪ مزاج شاهان تاب سخن ندارند"— بلڪل اهڙيءَ طرح هن وقت اسانجي حاڪمن جي حالت بہ اها وڃي بيٺي آهي. پاڪستان جي حڪومت مسلم ليگ جي چند ماڻهن جي هٿن ۾ انگريزن سپرد ڪئي. هاڻي هو پنهنجي آقائن جي اهڙيءَ اوچتيءَ نظر ڪرم سبب مڇي مرُّس ٿي ويا آهن، عقل، مذهب، ۽ ملڪ جي معاملات ۾ هو پاڻ کي بي عيب ۽ همہ صفت موصوف سمجهي، ڪنهن بہ اختلاف کي برداشت ڪرڻ جو مادو نٿا رکن. ليگ کي مذهب جو قائم مقام ڪئي بنايو اٿن ۽ مذهب جي علمبرداريءَ، ملڪ سان وفاداريءَ ۽ قوم جي رهبريءَ جا تنها ٺيڪيدار پنجي ويٺا آهن. حڪومت، پيسي ۽ اخبارن وسيلي هو ڪثير تعداد ماڻهن کي برغلائي هٿ ۾ رکڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن. اهڙين حالتن هيٺ انهنجي مخالفت ڪرڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي، ۽ انهان فائدي جي بجاءِ نقصان ٿي نقصان جو انديشو رهي ٿو. ليڪن باوجود انجي بہ اعليٰ اصولن خاطر، شخصي نفعي ۽ نقصان جي ڳالهين کي بالاي طاق رکي، عوام جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ، نتيجن جي خيال کي ڇڏي، ڪجهہ ڪرڻ ضروري پيو محسوس ٿئي. آزادي، انصاف ۽

نيڪي انسانيت جا اعليٰ ترين محرڪ جذبا آهن. هر اها طاقت جا انسانيت جي انهن بنيادي تقاضائن کان منڪر آهي ۽ انهن کي ختم ڪرڻ گهري ٿي، سا گويا هر انسان کي مقابلي لاءِ للڪاري ٿي.

اسانجي ملڪ ۾ اها طاقت اڄ مسلم ليگ جي طاقت آهي، تنهنڪري هيٺ تفصيلوار بيان ڪيل نقطن جي بنا تي اسين سمجهون ٿا تہ، ملڪ ۽ قوم جي فائدي خاطر، انسانيت جي عزت ۽ احترام خاطر، مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ اڄ هر صحيح انسان جو فرض آهي.

(١) مسلم ليگ جي مخالفت پاڪستان جي عوام جي فائدي ۾ آهي

پاڪستان کي وجود ۾ آئي اٺ سال کن اچي ٿيا آهن. ليڪن برسراقتدار پارٽي مسلم ليگ، نه نوي سيڪڙو ماڻهن جي غربت دور ڪري سگهي آهي، نه جهالت ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. لکها ماڻهو فقر ۽ فاقي جي زندگي گذاري رهيا آهن.

گذشته فصلن ۾ ڪيل بيان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته موجوده صاحب اقتدار گروه ملڪ جي هر ڪنهن مسئلي کي خاطر خواهه نموني حل ڪرڻ ۾ بريءَ طرح ناڪامياب ٿيو آهي. ملڪ جي عوام بان غربت، جهالت، بد اخلاقي، رشوت، بيماري، خانه بدوشي وغيره ڪڍڻ لاءِ وٽن نڪا تجويز موجود آهي، ۽ نه وري مسلم ليگ جي موجوده ايڊرن مان انهي ڳالهه ۾، ڪا تجويز تيار ڪري، ڪنهن پروگرام مطابق عمل ڪرڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي. مسلم ليگ جماعت هن وقت هڪ اهڙي ٽولي جي هٿن ۾ اوزار ٿي ڪتب اچي رهي آهي، جنهنجي ساري سياست شخصي طاقت ۽ ملڪيت هٿ ڪرڻ تي بيٺل آهي. اهي هڪ اهڙي طبقي جا فرد آهن، جن جا مفاد عوام جي مفاد سان ٽڪرجن ٿا. جيئن ته پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ ترقيءَ جو مدار عوام جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ تي آهي، انڪري اسان هن نتيجي تي پهتل آهيون ته جنهن صورت ۾ پاڪستان جي عوام کي مسلم ليگ جماعت جي پاليسيءَ مان فائدو نه پهتو آهي، نڪو پهچڻ جو امڪان آهي، ان ڪري ان جماعت جي مدد پاڪستان سان دشمنيءَ ۽ انکي ڪمزور ڪرڻ جي برابر ٿيندو، ۽ انجي مخالفت ۾ پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ ترقيءَ جو واحد رازچيپل آهي.

(٢) مسلم ليگ جي مخالفت اسلام جي عزت ۽ ناموس کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي.

گذريل چند سالن جي تجربي مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام جي

سهڻي نالي ۾ رجعت پسند ۽ چالاڪ ماڻهن جو هڪ ٽولو عوام کي گمراهہ ڪري رهيو آهي ۽ انهن پنهنجي پاڻاري اچي مسلم ليگ ۾ ڄمائي آهي، جيتوڻيڪ خانگي يا پبلڪ زندگيءَ ۾ اسلام جي هر اصول کي پيرن هيٺان لتاڙڻ ۾ ڪا بہ ڪسر پوئتي ڪانہ ڇڏي اٿن. هنن جو نہ خيال اسلامي ۽ نہ عمل اسلامي آهي. هنن پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد برقرار رکڻ لاءِ اسلام کي اهڙو ناجائز نموني ڪتب آندو آهي، جو مسلمانن جي نوجوان طبقي جي هڪ چڱي حصي تان مذهب پنهنجي پراڻي ڪشش وڃائي رهيو آهي. جيڪڏهين سنڌ ن ان فريب ڪاريءَ کي گهڻي وقت تائين آزاد ڇڏيو ويو، تہ ممڪن آهي تہ مسلمانن جي نوجوان طبقي تان اڃان گهڻي قدر مذهب جي ڪشش ۽ اثر گهٽ ٿي وڃي. انڪري جنهن شريعت اسلامي جي نالي ۾ هو عوام کي ٺڳين ٿا، انجي ناموس ۽ عزت بچائڻ خاطر اهو نهايت ضروري آهي تہ ماڻهن کي سنڌ ن اهڙي دوکي کان آگاه ڪجي، ۽ مسلم ليگ کي اسلام جي محاذ جي عيوض، جيئن حقيقتاً هوءَ آهي تيئن انکي محض منافقن ۽ دوکيبازن جو ٽُر ظاهر ڪري، مذهب اسلام کي آن جي استعمال غرضيءَ جي چار کان بچائجي.

(٣) مسلم ليگ جي مخالفت ڊڪٽيٽريءَ جي مخالفت ۽ جمهوريت جي حمايت آهي.

ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ لاءِ اهو نهايت ضروري آهي تہ اظهار راءِ ۽ جماعت سازيءَ جي اجازت هجي. پاڻي بہ جني وهندڙ هوندو، تہ تازگي قائم رکيو ايندو، پر جي وهڪري کان بند ٿي ويو تہ خراب ۽ بدبوءِ ٿيڻ طرف رخ رکندو. خيالات جي، عام بحث مباحثي بعد، ڏي وٺ ڪرڻ انجي صحت بخش هئڻ جي نشاني آهي. ڊڪٽيٽري عوام جي انهي فڪري آزاديءَ تي بندش وجهي، انهن مان اجتهادي مادو ۽ صلاحيت ختم ڪري ڇڏي ٿي. جيئن بيمارن کي شفاخاني ۾ رهڻ جي ضرورت محسوس ٿي ٿئي، تيئن ڪمزور ۽ شڪي خيالن جي ماڻهن کي، جن کي پنهنجي صداقت

تي يقين نہ هوندو آهي، فسطائي طريقا اختيار ڪرڻا ٿا پون. مسلم ليگ سندس موجوده ليڊرن جي ماتحت، جمهوريت جي طريقن کي ڇڏي، زور ۽ زبردستيءَ ذريعي حڪومت ڪرڻ جي پاليسيءَ تي هلي رهي آهي. مسلم ليگ کي واحد نمائنده جماعت سڏڻ، ان کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به جماعت کي برداشت نہ ڪرڻ، مخالف سياسي ڪارڪنن کي، بنا ڪيس هلائڻ جي، سيفٽي ۽ فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ جيلن ۾ موڪلڻ، سندن اخبارن تي بندشون، وجهڻ ۽ مخالفن جون ميٽنگون فسادي طريقن سان ڊاٺڻ وغيره اهڙيون ڳالهيون آهي، جن مان مسلم ليگ جي پاليسيءَ جو پتو پئجي سگهي ٿو. اهڙين حالتن هيٺ مسلم ليگ جي مخالفت ڊڪٽيٽريءَ جي مخالفت، ۽ صحيح ۽ صحت مند جمهوريت جي طرفداريءَ جي برابر ٿيندي.

(۴) عوام ۾ سياسي بيداري آڻڻ ۽ عام راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ جي هٺ ڌرميءَ جي مخالفت ڪرڻ ضروري آهي.

جيسين ملڪ جي ماڻهن ۾ سياسي بيداري ۽ عام راءِ پيدا نہ ٿي آهي، اهو ملڪ ڪڏهين بہ ترقي ڪري ڪين سگهندو. سياسي بيداري ۽ عام راءِ جي نقطي نگاهہ کان سنڌ اڃا پٺتي پيل پر اٺو آهي. هتي پيرن جي پٽ، زميندارن جو زور، ملن جو وار ۽ ڪامورن جو قهر اڃا گهڻو آهي. مسلم ليگ برسراقتدار پارٽي هئڻ ڪري، اهي سڀ هٿيار پاڻ وٽ موجود رکي ٿي ۽ هروقت استعمال ڪندي رهي ٿي، جنهنڪري پنهنجو ڌاڪو قائم ڪري ماڻهن جو ساهہ ئي سڪائي ڇڏيو اٿس. ڏنڊي جي زور ۽ لالچ جي لوڀ ڪري مٿئين طبقي جي ماڻهن مان خودداريءَ ۽ غيرت جو مادو ختم ڪرڻ ۾ گهڻي قدر ڪامياب ٿي آهي، جن منجهہ احساس ڪمتريءَ، ابن الوقتيءَ، باهمي حسد ۽ سستيءَ ۽ ڪاهليءَ جون عادتون گهر ڪري ويهي رهيون آهن. ڏاڍي جي سامهون حق جو آواز بلند ڪرڻ ۽ مخالفت ڪرڻ جي همت ڌارڻ اڄ ڏينهہ

اڻ لڀ شيون ٿي پيئون آهن. جنهن قوم جي فردن مان خودشناسيءَ ۽ خودداريءَ جا جذبا ختم ٿي ويندا آهن، ان قوم جو هئڻ نه هئڻ جي برابر آهي. اسان سمجهون ٿا ته وقت اچي ويو آهي جڏهن بزدليءَ کي دور ڪري، مخالفت جا پتنگ پيدا ڪجن، جي بي ڊپائيءَ سان قربانيءَ جي مچ تي مڙي، خوف ۽ خطرن جي لهسن کان نه لچڪي، مچ تي سڙڻ جي عادت سکن.

(٥) مسلم ليگ جي مخالفت مسلمانان عالم کي هلاڪت کان بچائڻ جي مترادف آهي.

مسلم ليگ غلط ۽ فرسوده نظرين جي بنياد تي مسلمانان عالم جي "اتحاد" جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جنهن مان ڪين فائدي جي بجاءِ نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. انڪري مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ سان مسلمانان عالم کي هلاڪت جي منهن ۾ وڃڻ کان بچائي سگهبو.

مسلم ليگ ليڊر مسلمانن جي ڪمزورين کان بخوبي واقف ٿي ويا آهن. هنن کي خبر آهي ته مسلمان اسلام جو شيدائي آهي، هو حال تي آخرت مٿان وارو ڪونه آهي، مذهب جي نالي سندس جنون ۽ وارفتگي ڪنهن کان ڳجهي ڪين آهي: انڪري پاڪستان بنجڻ کان اڳ، مسلمانن کي چيو ويو ته هندوستان جي دارالحرب ۾ اسان کي دارالسلام بنائڻو آهي، جنهن ۾ حڪومت الاهي قائم ڪئي ويندي ۽ شريعت جو راڄ قائم ٿيندو، غربت، جهالت، بداخلاقي، ظلم، بدامني سڀ دور ٿي وينديون. مسلمانن يڪدم لبيڪ چئي انهن سان ها ۾ ها ملائي. پاڪستان بڻئي کي قريباً اٺ سال اچي پورا ٿيا آهن، ماڻهن کي معلوم ٿي چڪو آهي ته پاڪستان ۾ نه دارالسلام قائم ٿيو آهي ۽ نه منجهانئس مٿي ذڪر ڪيل خرابيون دور ٿي سگهيون آهن، وسوڙل ۽ بيوس عوام جي حالت اڇوتن کان به پري آهي. پر هاڻ وري ڪين نئون چمڪو ڏيئي گمراه ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن: جي مسلم ليگ مسلمانان عالم جو اتحاد آڻي غلبهٔ اسلام ۽ مسلمان عالم جي ترقي آڻڻ

ٿي ڳهري! سبحان الله! "ڪيڏانهن ڪوري ڪيڏانهن تلوارون"!
جن ماڻهن کي اسلام جي اصولن جي پوري خبر ئي نه آهي، جن
اُن سالن اندر هر معاملي ۾ اسلامي اصولن جي عملي طرح مخالفت پئي
ڪئي آهي، جن جي نه صورت اسلامي نه سيرت اسلامي، سي ٿا
وري دنيا جي مسلمانن جا رهبر بنجن!

آنکہ خود گم است کرا رہبری کند؟

دنيا ڇاڻي ٿي ته هنن اڳيان نه ڪي واضح مقاصد آهن، نه ڪو
دستورالعمل يا طريقہ ڪار آهي. انهي تازه ترين چڪمي مان
هنن جو مقصد وري به عوام جو توجهہ سنڌ جي حقيقي مسئلن کان
هٽائي، ڪجهہ عرصي تائين ڪين مذهبي نشو پياري، پنهنجي
پوئلڳي ۽ فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جو آهي. اسان
سنڌ ان اهڙيءَ پاليسيءَ کي مسلمانان عالم لاءِ خطرناڪ سمجهون
ٿا، ۽ ضروري ٿا سمجهون ته اهڙين خطرناڪ پاليسين تي هلندڙ
جماعت ۽ انجي ليڊرن جي مخالفت ڪئي وڃي ۽ ان ۾ ئي مسلم
عوام جو فائدو آهي.

(٦) مسلم ليگ جي مخالفت حب الوطنيءَ جي جذبي جو خالص ترين مظهر آهي

مسلم ليگ جا بنيادي اصول ۽ انجي ليڊرن جا قول ۽ فعل،
سنڌي تهذيب، معاشرت، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي ترقيءَ جا
مخالف آهن، تنهنڪري مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ حب الوطنيءَ
جي جذبي جو خالص ترين مظهر آهي.

اسان جو اهو ويساه آهي ته سنڌ جا رهاڪو پنهنجي وطن، زبان،
ادب، تاريخ، تهذيب، روايات ۽ سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي
مسئلن، خواهشن ۽ جذبن جي بناءَ تي مستقل قوم جو وجود رکن
ٿا. اهي ڪاب اهڙي ڳالهہ برداشت ڪري ڪين سگهندا، جا
سنڌ ان مذڪور بالا ڳالهين ۽ قوميءَ هستيءَ کي نقصان پهچائي.
مٿين فصلن ۾ بيان ڪيل ڳالهين ۾ اسان تفصيلوار ٻڌائي آيا

آهيون ته ڪيئن نه ليگ ۽ ان جا ڪارڪن سنڌ جي قومي هستيءَ کي ختم ڪرڻ جي پويان هٿ ڌوئي لڳل آهن. انهيءَ حالتن هيٺ اسان هر هڪ غيرت مند ۽ با همت سنڌيءَ تي فرض ٿو سمجهون ته مسلم ليگ جي انهن بد ارادن کان سنڌ کي محفوظ رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري. اها جدوجهد مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ اڳيان انکي سنڌس اصلي صورت ۾ بحال ڪرڻ وسيلي ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي. مسلم ليگ سنڌ جي ترقيءَ جي راه ۾ رڪاوٽ آهي. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ انجو وجود زهر قاتل جي برابر آهي، جنهن مان ڪين هيٺين نقصانن جو انديشو آهي:

(الف) مسلم ليگ جي هن نظريي کي قبول ڪرڻ ته پاڪستان جا جملي مسلمان هڪ علحده قوم آهن، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي وجود کان انڪار ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

(ب) مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ ڪري، سنڌين کي ساري پاڪستان جي جملي مسلمان ميمبرن جي ڪثرت راءِ مان، (جنهن ۾ سنڌي عام راءِ عملي طور هر حالت ۾ بي اثر رهندي) پاڻ کي پابند رکڻ لازمي ٿيندو، جنهنڪري منجهن ڪا به آزاد راءِ، اجتهادي طاقت ۽ قوت باقي نه رهندي.

مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ ۽ صوبائي مسلم ليگ ڪائونسل جي ٺهرائن جي باوجود، ڪراچيءَ جو شهر سنڌ کان زوريءَ کسڻ، ڪيترين دانهن پڪارن جي باوجود سنڌ کي ختم ڪري پنجاب سان ملائڻ، صوبائي مسلم ليگ جي چيخ پڪار هوندي به مرڪزي حڪومت ۾ سنڌين کي تسلي بخش جڳهون نه ڏيڻ، سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ سڏايل ڪنوينشن ۾ سنڌ جي ليگ وارن کي شريڪ ٿيڻ کان منع ڪرڻ ۽ انهن جهڙيون هڪ ٻيون ڳالهيون اچي ويون، اهي ۽ پيون انهيءَ ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن مان پوريءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي ته هيءَ دوا يعني "مسلم" ليگ ڪنهن به مرض جو علاج نه آهي.

(۷) ملڪي سياست کي عهدن ۽ شخصي مفادن جي

تنگ دائري مان ڪڍي حب الوطنيءَ جي مفاد عام جي درجي تي آڻڻ لاءِ مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

اڄ ڪلهه ڏٺو ويو آهي ته جنهن ماڻهوءَ کي اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ جي سڌ هوندي آهي، يا جنهن نوجوان وڪيل کي سب جج يا سرڪاري وڪيل ٿيڻ جي خواهش هوندي آهي، يا جي ڪنهن واپاريءَ کي پرمٽ، سنڊيڪيٽ جي ايجنسي يا ٻي ڪا سرڪار کان رعايت وٺڻي هوندي آهي، يا جيڪڏهن ڪن کي ڪامورن، وزيرن وغيره سان واقفيت رکي ملڪ جي ماڻهن تي اثر پيدا ڪرڻ يا ڪن خانگي ڪمن ڪرائڻ تي دل هوندي آهي، ته هو يڪدم وڃي مسلم ليگ جو دامن پڪڙيندو آهي. گذريل سالن ۾ اسيمبليءَ جون جيڪي چونڊون ٿيون آهن، انهن ۾ مسلم ليگ اميد وارن کي چونڊائڻ لاءِ حڪومت جي طاقت ۽ اثر کي ڪهڙيءَ طرح ڪتب آندو ويو، سو ڪنهن کان مخفي نه آهي. انهيءَ ڳالهه سڀني ماڻهن جي دلين تي اهو اثر وهاري ڇڏيو آهي ته مسلم ليگ ٽڪيٽ ملڻ ڪري اميدوار کي گهڻين تڪليفن کان بچڻ جي اميد پيدا ٿيو پوي ۽ هن کي هزارين ووٽرن جي اڳيان منت سماجت ڪرڻ کان آزادي ملي وڃي. پارليامينٽري بورڊ يا انجي چند ميمبرن کي راضي ڪرڻ سوکو آهي بنسبت هزارها ووٽرن جي. اهڙيءَ طرح سان جاهه طلب، خود مطلب ۽ لالچي ماڻهن جو انبوهه وڃي مسلم ليگ اندر رکيو ٿيو آهي. مسلم ليگ جي سياست عهدن ۽ شخصي مفاد جي محور جي چوڌاري ڦٽي ڦري، اتي ملڪ ۽ قوم جي مجموعي فائدي جي ڳالهه ئي ڪانه آهي. ان ڪري جيڪي به سياست کي انهن مرضن کان آجو ڪري، ملڪ ۽ عام ماڻهن جي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ جو ارادو رکن ٿا، تن کي ضرور مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. هن وقت ملڪي سياست، گندگيءَ ۽ ذلت جي بدترين درجي تائين وڃي پهتي آهي. ان کي اتان جيڪڏهن بچائڻو آهي ته مخالفت جو

جهنڊو بلند ڪرڻ گهرجي.

(٨) ملڪي سياست کي چند خود مطلب ماڻهن جي هٿن مان ڪڍي عوام جي هٿن ۾ آڻڻ جي، اها تقاضا آهي ته مسلم ليگ جي مخالفت ڪئي وڃي.

پاڪستان ۾ هر بالغ مرد ۽ عورت کي ووٽ جو حق مليو آهي. انجو مطلب اهو هئڻ گهرجي ته ملڪ جو هر سمجهدار باشندو حڪومت جي ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺي ۽ انهيءَ جي پاليسيءَ ۽ نمائندن ۾ ڪثرت راءِ سان ڦيرگهير ڪري سگهي. ليڪن مسلم ليگ ليڊر جنهن طريقي سان سياست جو ڪاروبار هلائڻ گهرن ٿا، سو انهيءَ اصول جي خلاف آهي. صوبن جي مسلم ليگين جا صدر صوبن جا به وزيراعظم يا وزير آهن. اهي پنهنجي طاقت ۽ اقتدار قائم رکڻ لاءِ پنهنجي طرفدارن کان مسلم ليگ جا مصنوعي ميمبر داخل ڪرائي— جن جي ميمبرشپ في هو پنهنجي کيسي مان ڀرين ٿا— مسلم ليگ جون شاخون قائم ڪرائي صوبن جون ڪائونسلون ۽ پارليامينٽري بورڊ پنهنجي مرضيءَ موجب چونڊائين ٿا. پوءِ انهن پارليامينٽري بورڊن ۾ ليگ جون ٽڪيٽون به انهن ماڻهن کي ملن ٿيون جي سندن هٿ ٺوڪيا چاڙتا هوندا آهن. انهي طرح سان ساري ليگ جو نظام ڪن چند ماڻهن جي هڪ خاص محدود ٽولي جي قبضي ۾ وڃي رهيو آهي، جن جا مقصد ۽ مرادون هر حالت ۾ عوام جي مقصدن ۽ مرادن کان الڳ آهن. تنهنڪري مسلم ليگ جي مخالفت جي سببن مان اهو به هڪ مکيه سبب آهي ته ملڪي سياست کي هن هڪڙي مخصوص گروه جي چنبي مان ڇڏائي اصلي حقدارن يعني عوام جي هٿ ۾ ڏنو وڃي، جي انکي گهٽي ۾ گهٽ شخص جي گهٽي ۾ گهٽي فائدي لاءِ ڪتب آڻين.]

(٩) سياست مان خوشامدڙين ۽ خود غرض شخص جي پاڙ پٽڻ لاءِ مسلم ليگ جي مخالفت لازمي آهي.

عام طرح ڏنو ويو آهي ته بااصول، حق گو ۽ بي خوف قومي

ڪارڪنن کي ليگي سياست ڏڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي، ۽ خوشامدڙين، بي اصولن ۽ "جي حضوري" ماڻهن اچي ان جي واڳ ورتي آهي، ۽ اهي پاڪستان جي نئين ملڪي حڪومت ۾ رنگ رليون ڪندا ٿا وتن. ملڪ جي نوجوان ۽ اڻ آزمودگار ڪارڪنن تي انهيءَ ڳالهه جو تمام خراب اثر پيو آهي ته، جهڙي طرح ٿوري وقت ۾ پنهنجا گهر ڀريو ته ڪامياب ۽ ڪارآمد سياسي پاليسي خوشامد ۽ "جي حضوريءَ" واري آهي ۽ اصول پرستي دنيا ۾ دماغ جي غير سالميت ۽ بي سمجهيءَ جي علامت آهي! سندن موقع پرستيءَ جي حد اتي ٿي وڃي پهچي، جو هو، پنهنجي بزدليءَ ۽ نفس پرستيءَ سبب، جنهن ذليل ۽ غلامانه ذهنيت جا اڻتدي وهندي مظاهرا ڪن ٿا، انهيءَ جي بچاءَ ۾ الٽو وڏا دليل ڏاهي پيش ڪرڻ جي جرئت ڪن ٿا ۽ پنهنجي عملن کي حق بجانب ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ان باري ۾ سندن مکيه دليل اهو آهي ته "جيڪو واءُ لڳي ان کي پٺ ڏجي" يعني ماڻهوءَ کي سياسي دنيا ۾ "پرئڪٽيڪل" ٿيڻ گهرجي! اهي حضرات اصول ۽ حق جي ڳالهين کي "ان پرئڪٽيڪل" (نه ٿيڻ جهڙيون) ڳالهيون سمجهي چپ چاپ ۾ نظر انداز ڪيو ڇڏين. بعضي ته اهڙي حالت بنجيو پوي، جو انهن مان هرهڪ "پرئڪٽيڪل" ٿيڻ ۾ گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهيءَ قسم جي پيداوار لاءِ مسلم ليگ جي زمين نهايت زرخيز آهي. اتي "ان پرئڪٽيڪل" سلي کي، انهيءَ ماحول لاءِ موافق نه سمجهي، ٻئي ٻاهر ڪيو وڃي ٿو. مسلم ليگ جي سرزمين ۾ مستقبل تي حال کي ترجيح ڏني وڃي ٿي، اتي سڪ جا سانگي وڃي گڏ ٿيا آهن، ڏکن وارن يا ڏکين سان همدردي ڪرڻ وارن جي جاءِ ئي ڪانه آهي.

انڪري اهو ضروري آهي ته مسلم ليگ جي خيال وارن ماڻهن کانسواءِ عام ماڻهن لاءِ به ڪا سور ٻچار ڪرڻ واسطي جماعت نهڻ گهرجي.

اچو سورن واريون، ڪريون سور ٻچار،
ڪن گهڻا ڪن تورڙا، ڪانهي سورن ڌارا — شاهه

اڄ اهي اهڙ ۽ نازڪ ترين ڳالهيون اسانجي درپيش آهن، جو انهن تي خاموشي اختيار ڪري، ڪجهه وقت اڃان به حالتن کي درست ڪرڻ کانسواءِ ڇڏيو ويو، ته پوءِ سنڌي قوم جو مستقبل نهايت مايوسي پيدا ڪندڙ نظر ايندو. ان طرح سان هڪ بهترين قوم جنهن کي پنهنجي زبان، پنهنجو شعر، پنهنجو لباس، پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجو شاندار تاريخي روايتون آهن، سا صفحي هستيءَ تان، موجوده ليگ ليڊرن جي خود مطلبيءَ، نا اهليءَ ۽ بي همتيءَ سبب، مٽجي وڃي ته ان ۾ ڪو شڪ نه آهي. سنڌ ۽ انجي عوام کي ڪنهن به حالت ۾ بچائڻو آهي. سنڌس بچاءَ ۾ نه صرف پاڪستان بلڪ ساريءَ ايشيا جي تنگ نظر سياست، ۽ سرمايدار ۽ سامراجي ملڪن جي غلاميءَ کان بچڻ جو راز لڪل آهي.

باوجود غير معمولي مشڪلاتن جي مونکي اميد جو ترورو پيو ڏسڻ ۾ اچي.

موجوده حالتن ۾ عوام کي منظم ڪرڻ ۽ ساڻن تعلقات پيدا ڪرڻ واسطي نوان اصول ۽ نوان طريقا اختيار ڪرڻا پوندا.

انڙن وطن دوست ۽ عام مخلص خادم ڪارڪنن جي هڪ جماعت جو ٺهڻ نهايت ضروري آهي، جي گذريل تجربن کي ذهن ۾ رکي ٻاهرين جي دست اندازيءَ کانسواءِ، سرزمين سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ ڪوشش ڪن.

انهيءَ جماعت جا مقصد ۽ مرادون هيٺين نموني جون هئڻ گهرجن:

(١) نئين حاصل ڪيل ملڪ پاڪستان جي حفاظت ۽ ترقي:

اها جماعت پاڪستان کي پنهنجي واسطي توڙي آئنده جي نسلن لاءِ هڪ پاڪ ورثو ۽ امانت ڪري تصور ڪندي، ۽ انکي شاندار ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ هر ڪنهن قسم جي خدمت ۽ قرباني ڪرڻ لاءِ هميشه تيار رهندي.

(٢) پاڪستان کي، انگريزي سلطنت کان ٻاهر، آزاد ۽

خود مختيار، مفاد عام جي بنياد تي برپا ڪيل رعيتي راڄن جي حڪومتن جو مجموعو بنائڻ جو مقصد انجي سامهون هوندو؛

آزاد رعيتي راڄن جي حڪومتن جي مجموعي جو مقصد هن حڪومت کي ٻاهرين هر ڪنهن طاقت جي سياسي ۽ اقتصادي تسلط کان آزاد رکڻ جو هوندو. ملڪ جي حالتن جي اها تقاضا آهي ته اسانجو ملڪ ٻاهرين ملڪن جي سياسي ۽ اقتصادي چنبن ۽ سازشن جي ميدان ڪارزار بنجڻ کان آزاد رکيو وڃي.

هن ڳالهه کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي ته ١٨٥٧ع جي دهليءَ واري جنگ آزاديءَ جي وقت کان وٺي، پاڪستان بنجڻ تائين، آزاديءَ جي راهه ۾ مسلمانن جو گهڻو خون وهيو آهي، ۽ اهي سڀ قربانيون ملڪ جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ ڏنيون ويون. هاڻ پاڪستان حاصل ٿيڻ بعد به، اسانجي حڪومت جو مکيه حاڪم انگريزي شهنشاهه طرفان مقرر ڪيل هجي، ۽ انجي بنگلي جي مٿان تاج برطانيه جو جهنڊو جهولندو نظر اچي، سا ڳالهه اسان، پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ شرم جو باعث ٿا سمجهون. تنهنڪري اسانجي نظر ۾ وقت اچي ويو آهي، جڏهين هن ملڪ کي سلطنت شاهيءَ جي چار کان آزاد ڪيو وڃي.

(٣) پاڪستان جي حڪومت کي عوام جي جمهوري حڪومت بنائڻ ضروري آهي، جنهن ۾ ملڪ جي هر هڪ رهاڪوءَ کي هڪ جهڙن حقن جهڙوڪ تقرير، تحرير، ووٽ ۽ جماعت سازيءَ جي آزاديءَ جو موقعو حاصل هئڻ گهرجي؛

اها ڪيڏي نه افسوسناڪ ڳالهه آهي جو پاڪستان کي جمهوري حڪومت سڏي ان ۾ سيفٽي ائڪٽ، گونڊا ائڪٽ، ۽ فرنٽيئر ريگيوليشن ذريعي حڪومت هلائي وڃي!

موجوده صاحب اقتدار گروهه کليو کلايو اهڙا طريقا اختيار ڪري رهيو آهي، جنهنڪري مسلم ليگ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به جماعت جو وجود قائم رهي نه سگهي. اهي ڳالهيون مانهن سان

سندن ڪيل واعدن ۽ دعوائن جي برخلاف آهن. اهڙين حالتن هيٺ ملڪ جي هرهڪ باغيرت ۽ خود دار قومي ڪارڪن جو فرض آهي ته عوام کي صحيح سياسي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ منظم طريقي ڪوشش ڪري.

(٤) ملڪ ۾ ڪنهن طبقي، صوبي، يا جماعت کي خاص فوقيت يا ترجيح نه ڏيڻ ۾ اچي، ۽ ڪنهن به فسطائي امر جي منجهس گنجائش نه هئڻ گهرجي:

شخصي حڪمرانن ۽ خود غرض جو اهو دستور ٿي ويو آهي ته جمهوريت کي ردي ڪوني، سموري طاقت پنهنجن هٿن ۾ رکن، پر زماني جي تجربي اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هرهڪ خيال ۽ گروه جي ماڻهن کي اظهار راءِ، جماعت سازيءَ جي موقعي ڏيڻ ڪري، ڪنهن به جماعت يا گروه کي ذاتي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ غير قانوني طريقن يا تشدد ذريعي حڪومت بدلائڻ يا درست ڪرڻ جي ضرورت نٿي رهي.

(٥) ان جماعت جي نظر ۾ پاڪستان جو استحڪام ۽ مضبوطي انجي جدا جدا صوبن کي برابريءَ جي اصولن مطابق خود مختيار ۽ آزاد عوامي جمهوري حڪومتن جي مجموعي بنائڻ ۾ آهي ۽ نه سفورا اختيار ون يونٽ يا مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ ڇڏڻ ۾:

گذريل چند سالن ۾ سنڌ اندر جيڪي وهيو واپريو آهي، سو سيني جي اکين اڳيان آهي. موجوده برسراقتدار گروه اهڙي طرز عمل اختيار ڪري رهيو آهي، جو پاڪستان جي جدا جدا صوبن جي زبانن، تهذيبن، روايتن ۽ اقتصادي ۽ سياسي مفاد کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. وقت آيو آهي ته اهڙيءَ پاليسيءَ جي منظم طور مخالفت ڪئي وڃي ۽ صوبن جي بنيادي حقن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي.

(٦) پاڪستان کي هڪ صحيح عوامي جمهوري حڪومت

بنائڻ لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته انجي سياست عوام جي اقتصادي مفاد جي بنيادن تي هلائڻ گهرجي؛

انهيءَ واسطي اهو نهايت ضروري امر آهي ته جائز جوش ۽ وهمي جذبي کي ملڪي سياسي معاملات ۾ ڪو دخل نه ڏيڻ گهرجي؛ ۽ هر ڳالهه عوامي مفاد جي خيالن کان بحث ڪري دليلن مان سمجهڻ گهرجي؛ جنهنڪري عوام جو ڌيان فرقيوار تعصب، وهمي خوفن يا نفرت جي تنگ دائري مان نڪري ملڪ جي حقيقي تعميري ۽ ترقيءَ جي سوالن طرف رجوع ٿي سگهي. پاڪستان حاصل ٿيڻ کان اڳ مسلم ليگ جهڙي فرقيوار، نفرت جي بنياد تي کڙي ڪيل، جماعت جي ڪٿي ڪهڙي به ضرورت هئي، ليڪن انجي حاصل ٿيڻ کانپوءِ اهڙي جماعت جو قائم رهڻ ملڪ ۽ قوم لاءِ مفيد نه آهي؛ خصوصاً سنڌ لاءِ ته انجو وجود تمام نقصانڪار آهي. انڪري هيءَ نئين مخالف جماعت هرطبقي ۽ فرقي جي ماڻهن لاءِ کليل هئڻ گهرجي.

(٧) ملڪ ۾ هرهڪ باشندي لاءِ معاشي انصاف ۽ برابري پيدا ڪرڻ واري حڪومت قائم ڪرڻ، انهيءَ جماعت جو اولين مقصد هئڻ گهرجي.

اها ڪيڏي افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته ملڪ جي ٩٠سيڪڙو ماڻهن کي نه تعليم نصيب آهي ۽ نه سندن معيار زندگي بهتر درجي جو آهي. سنڌ ۾ ماڻهن جي هڪ وسيع تعداد کي رهڻ لاءِ گهر، پوکڻ لاءِ پنهنجو زمين ٽڪرو، کائڻ لاءِ پورو کاڌو ۽ پائڻ لاءِ سڄو ۽ سالم ڪپڙو ڪونه آهي. اها حڪومت عوام لاءِ مفيد نه چئبي جا انهن جي ضروريات زندگي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ ڪي تجويزون نٿي رکي، ۽ انهن جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن منظم پروگرام جي ماتحت عمل نٿي ڪري. هن جماعت کي هن مسئلي جي سر انجاميءَ لاءِ خاص توجهه ڏيڻ گهرجي.

(٨) حڪومت پاڪستان جي خارجي پاليسيءَ کي، ٻن بلاڪن وارين طاقتن جي اثرن کان آزاد رکي، دنيا ۾ آزاديءَ ۽ امن جي

جماعت ۽ پنهنجي ملڪ جي ڀلائيءَ جي خيال کان هلائڻ ان جماعت جو هڪ نصب العين هئڻ گهرجي. انهيءَ واسطي اها ڳالهه نهايت ضروري آهي ته اسان کي پنهنجي ملڪ جي سلامتيءَ ۽ آزاديءَ کي مد نظر رکي دنيا جي سڀني ملڪن سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪرڻ گهرجن. اسانجي نظر ۾ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ايشيائي ملڪن جي اتحاد جي سخت ضرورت آهي، ۽ اسانکي هر ان تحريڪ کي زور وٺائڻ گهرجي جا انکي مضبوط ڪري.

(۹) ان جماعت کي هر هڪ آبادگار لاءِ پنهنجي زمين ٽڪري هئڻ جي اصول جو حامي هئڻ گهرجي:

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته آئينده سرڪاري زمين صرف بي زمين هارين کي ڏني وڃي. جاگيرداري دستور ختم ڪري، وڏين زميندارين کي گهٽائي، آسوده گذر معاش جيتري زمين سندن مالڪن وٽ رهڻ ڏني وڃي؛ باقي بي سموري زمين غير ڪاتيدار هارين ۾ ورهائي وڃي.

(۱۰) مهاجرين جي سڪونت ۽ گذر معاش لاءِ ڪنهن تجويز ۽ پروگرام جي ماتحت قدم کڻڻ گهرجي:

اها نهايت ارمان جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ آيل لکها مصيبت زده مهاجرن جي رهائش ۽ گذر معاش لاءِ ڪوبه خاطر خواه انتظام، ڪنهن منظم تجويز ۽ پروگرام جي ماتحت، نه ڪيو ويو آهي، ۽ انهن مان سواءِ ٿورن جي ٻيا سڙڪن جي پڙ ۾، ڪچين لانڍين، جهوپڙين ۾ رهن ٿا، جي برسات ۽ سرديءَ جي وقت ۾ رهڻ جون لائق نٿيون رهن. انهن مان ڪيئي بيروزگاريءَ ڪري، دربدر ڀيک پني رهيا آهن؛ سوين مهاجر اهڙا ملندا جي پوري خوراڪ ۽ علاج نه ملڻ ڪري هيڪري ئي موت جي منهن ۾ وڃي رهيا آهن.

حڪومت طرفان انهنجي رهائش، گذر معاش ۽ علاج معالج لاءِ ڪا تجويز رٿيل ڪانه آهي، جا ڪنهن پروگرام جي ماتحت سندن مشڪلاتن ۽ مصيبتن جو دائمي انسداد ڪري سگهي. صرف

عارضي ۽ دفع الوقتي طريقي جا قدم کنيا وڃن ٿا، جنهن ڪري اهڙان ان مسئلي جو پوريءَ طرح حل ٿي نه سگهيو آهي. تنهن ڪري هن جماعت جو اهو فرض هئڻ گهرجي ته ان ساري مسئلي کي هڪ پلئن ۽ پروگرام جي ماتحت دائمي طرح حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

(١١) ملڪ مان ڪارا قانون جيئن ته سيفٽي ائڪٽ، فرنٽيئر ريگيوليشن، گونڊا ائڪٽ، انڊين پريس ائڪٽ وغيره رد يا درست ڪيا وڃن، ۽ انصافي ڪاتو انتظام ڪان الڳ ڪرڻ گهرجي:

هڪ آزاد ملڪ جي حڪومت لاءِ اها شرم جي ڳالهه آهي ته پنهنجي سياسي مخالفن کي بنا ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ جي سزائون ڏئي، اها آزادي پوءِ عام لاءِ ڪانه ڇٽبي بلڪ مخصوص گروه جي ماڻهن لاءِ سمجهبي. انڪري اهو نهايت ضروري آهي ته برسراقتدار گروه جي هٿن مان ناجائز دٻاءَ ۽ ظلم جا سمورا اوزار کسيا وڃن.

(١٢) پاڪستان ۾ ملڪي وڏن ڪارخانن کي قومي ملڪيت بنائي عوام جي نفعي لاءِ ڪتب آڻڻ گهرجي:

بي لغام سرمايداري هر صورت ۾ عوام جي معيار زندگي بلند ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي، ۽ ملڪ جي غربت ۽ مسڪينيءَ جو باعث بنجي ٿي. ان ڪري اهو ضروري آهي ته عوام جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ نه صرف زميندار ڪلاس تي ضابطو رکجي، ليڪن ان سان گڏ سرمايه داريءَ جي هر جزي تي به ضابطو رکڻ گهرجي.

(١٣) وڏن ۽ گڏيل زراعتي فارمن کي، مشنري ذريعي، حڪومت طرفان، آباد ڪرائي ملڪ ۽ حڪومت جي پيدائش وڌائڻ گهرجي:

سنڌ ۾ اگرچ ظاهري طرح هن وقت زمين گهٽي آهي ۽ آبادگار

ٿورا آهن، ليڪن زمين جي ورهاست بعد معلوم ٿيندو ته سڀني هارين لاءِ زمين ڪافي نه ٿيندي، ازانسواءِ عوام جي معيار زندگي وڌائڻ جي نقطي نگاه کان، ۽ زمين جي زرخيزيءَ لاءِ پاڻ نه هئڻ جهڙي حالت ۾ ان کي بنا پوک جي ڪجهه وقت ساهي ڏيڻ وغيره جي لحاظ ڪري هر هڪ آباد ڳار کي ان حد تائين گهٽي زمين ڏيڻي پوندي. انهيءَ سموريءَ زمين جو، ڏهن جي هر ۽ زراعت جي پراڻن طريقن ذريعي، ٿوري وقت اندر، بنا ڪنهن مشنري جي، سڌرڻ مشڪل پيو نظر اچي، انڪري اهو نهايت ضروري آهي ته نئين آباد ڳارن کي گڏي يا سرڪاري زمين تي ٻي زمين هارين جي مدد سان ڪي وڏا زراعتي فارم لاهجن، جنهن ڪري زمين به جلد درست ٿي سگهندي ۽ پوک به گهڻي ٿيندي؛ اهڙيءَ طرح نئي ماڻهن ۽ حڪومت جي آمدنيءَ ۾ واڌارو ٿيندو.

(١٤) ملڪ مان رشوت، بدامني، بداخلاقي، جهالت ۽ غربت دور ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان هڪ منظم پروگرام جي ماتحت قدم کڻڻ کهرجي؛

اهو ڪنهن کان ڳجهو نه آهي ته ملڪ مان رشوت گهٽ ٿيڻ جي بدلي پاڻ وڌندڙ آهي، بدامنيءَ جو پتو چورين، ڌاڙن ۽ خونن جي انگن اکرن مان پئجي سگهي ٿو. بداخلاقي جنهن ۾ شراب خوري، جوا، زنا، ٺڳي، چوري، بليڪ مارڪيٽي وغيره سڀ اچي وڃن ٿيون، سي هرڪو ڄاڻي ٿو ته ڪيتري قدر وڌي ويل آهن.

ملڪ ۾ اٽڪل ٩٠ سيڪڙو ماڻهو صفا جاهل آهن. ڊاڪٽرن، انجنيرن، سائنسدانن جي ڪميءَ ڪري ملڪ جي ترقي روڪجي پيئي آهي.

غربت جا آثار لکها ماڻهن جي سڪل چهرن، ميرن ڪپڙن ۽ جهوپڙين جي ڏسڻ مان نمايان نظر ايندا. انهن سڀني ڳالهين لاءِ اسان حڪومت طرفان هڪ پلئن ۽ پروگرام جي ماتحت قدم کڻڻ جا حامي آهيون.

(١٥) چونڊ جي سرشتي کي زور زبردستيءَ ۽ ناجائز اثر ۽ حڪومت جي دست اندازيءَ کان آزاد رکي، عوام کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ووٽ ڏيڻ جي آزادي ڏيڻ گهرجي.

اها ڪهڙي نه افسوس جهڙي ڳالهه آهي جو برسراقتدار جماعت مسلم ليگ جا ليڊر پاڻ کي دائمي طرح طاقت ۾ رکڻ لاءِ حڪومت جي عملدارن ذريعي چونڊن وقت ناجائز طريقا اختيار ڪن ٿا. سنڌ ۾ جنوري ۽ ڊسمبر ١٩٤٦ع يا ان کانپوءِ ”بائي اليڪشن“ جي وقت، مسلم ليگ وارن جي طريقا اختيار ڪيا، سي ڪنهن کان مخفي نه آهن. انهن مان اها ڳالهه جو کليل ثبوت ملي ٿو ته حڪمران گروه ملڪ تي ڪهڙن طريقن سان پنهنجو حاصل ڪيل اقتدار قائم رکڻ گهري ٿو. اسان ملڪ ۽ قوم جي فائدي خاطر اهو نهايت ضروري ٿا سمجهون ته عوام کي ووٽ ڏيڻ جي آزادي ڏني وڃي، جاڪاڻ ته امن ۽ صلح سان حڪومت کي درست ڪرڻ يا بدلائڻ لاءِ اهو ئي بهترين ذريعو آهي.

انهن حقيقتن کي مدنظر رکي، آخر ۾ آءٌ سنڌ جي سڀني مخلص خادمن کي اپيل ڪندس ته هو ملڪ ۽ انجي عوام کي آزاد ۽ خوشحال بنائڻ واسطي، مسلم ليگ جي آئيني مخالفت ۾ اسان سان شريڪ ٿين ۽ ان نيڪ مقصد حاصل ڪرڻ ۽ ان کي مضبوط بنائڻ لاءِ هر ممڪن وسيلي سان اسانجي مدد ڪن.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)